ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اڱارو 18 نومبر 2025ع 26 جمادي الاول 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 رپيه شمارو (95)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آزاد ڪشمير اسيمبلي ۾ بي اعتمادي رٿ ڪامياب، فيصل ممتاز راٺوڙ نئون وزيراعظم چونڊجي ويو

آزاد جموں ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم چوڌري انوار الحق خلاف بي اعتمادي رٿ تي بحث ٿيو جنهن کانپوءِ ايوان ۾ ووٽنگ ڪرائي وئي

بي اعتمادي رٿ جمعي ڏينهن 14 نومبر تي اسيمبلي ميمبرن چوڌري قاسم مجيد، سردار جاويد ايوب، ملڪ ظفر اقبال، علي شان سوني ۽ محمد رفيق نيئر جمع ڪرائي هئي

53 رڪني ايوان ۾ وزيراعظم جي چونڊ لاءِ 27 ووٽ گهربل هئا، فيصل ممتاز راٺوڙ 36 ووٽ حاصل ڪري واضح برتري سان ڪاميابي حاصل ڪئي، ووٽنگ ۾ پ پ جي 17 ميمبرن راٺوڙ جي حق ۾ ووٽ ڏنو

فيصل ممتاز راٺوڙ موجوده اسيمبلي جو چوٿون وزيراعظم هوندو، ووٽنگ کان اڳ شهر ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا، حلف برداري ۾ پ پ جي مرڪزي قيادت جي شرڪت جو امڪان

نئين حڪومت ۾ به وڏا سياسي چئلينجز درپيش، اليڪشن ڪميشن جي معاهدن تي عملدرآمد ۽ ڪابينا کي 20 وزيرن تائين محدود رکڻ به نئين حڪومت لاءِ وڏي آزمائش هوندي

مظفرآباد (اي پي پي) پاڪستان پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ اسيمبلي ميمبر فيصل ممتاز راٺوڙ آزاد جموں ڪشمير جو 16 هون وزيراعظم چونڊجي ويو نئين وزيراعظم جي حلف برداري تقريب (اڄ) اڱاري ڏينهن منعقد ٿيندي سومر ڏينهن آزاد جموں ڪشمير قانون ساز اسيمبلي جي خاص اجلاس ۾ اڳوڻي وزيراعظم چوڌري انوار الحق خلاف بي اعتمادي رٿ تي بحث ٿيو
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو

ڪوئيٽا (اي پي پي) جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جو حلف کڻي ورتو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم طرفان ڪراچي سرڪلر ريلوي جي بحالي جو اعلان، ريلوي هڪ سڌريل نظام بڻجي چڪو آهي: شهباز شريف

ميان شهباز شريف هڪ ڏينهن جي مختصر دوري تي ڪراچي پهتو، فيصل بيس تي سنڌ جي وڏي وزير مراد علي شاهه، چيف سيڪريٽري ۽ آءِ جي پوليس ۽ ٻين سندس استقبال ڪيو

ڪينٽ اسٽيشن تي شاليمار ايڪسپريس جي نئين ٽرين ۽ اسٽيشن جي اپ گريڊ ٿيل وي آءِ پي لائونجز ۽ ويٽنگ ايرياز اي ٽي ايم مشين ۽ مفت وائي فائي جي سهولت جو افتتاح ڪيو

پاڪستان ريلوي جديد نظام ڏانهن گامزن آهي، اميد آهي ته ڪجهه سالن ۾ ريلوي خطي جو شاندار ٽرانسپورٽ سسٽم بڻجي ويندو ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا: شهباز شريف

پارٽنرشپ جو دائرو بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه حڪومتن سان به وڌايو ويندو، سموري ملڪ ۾ ريلوي نظام جي اپ گريڊ لاءِ جيتري به رقم گهربل هوندي اها فراهم ڪئي ويندي

جيڪڏهن تهران کان استنبول تائين رستو بحال ٿئي ٿو ته پاڪستان ريلوي کي چار مهينا لڳندا، شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور تي نئين ٽرين ڪينٽ اسٽيشن کي جديد بڻايو ويو آهي

ٿر جي ڪوئلي جي منتقلي لاءِ وفاق ۽ سنڌ حڪومت پاڻ ۾ تعاون ڪري رهيون آهن، حنيف عباسي پنهنجي ٽيم سان گڏ ريلوي جي سڌريل نظام کي جديد بڻايو آهي: تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽ : مجيد عباسي/ راهب گاهو) وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف گذريل ڏينهن هڪ مختصر پر اهم دوري تي ڪراچي پهتو وزيراعظم جي پهرين دوري جو مرڪز ڪينٽ ريلوي اسٽيشن هو وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڏينهن جي دوري تي ڪراچي پهچي ويو وزيراعظم شهباز شريف فيصل بيس پهتو جتي سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيف
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف نوابزادا جام ڪرم علي خان جي رهائش گاهه تي ساڻن گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

وزيراعظم ڪراچي ۾ جام ڪرم علي ۽ جام قائم علي جي رهائشگاهه تي پهتو

اڳواڻن وچ ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ٿيون

ملاقات دوران ڪراچي ۾ مقرر دوست ملڪ جي قونصلٽ جنرلز به شرڪت ڪئي

ڪراچي: وزيراعظم محمد شهباز شريف
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

دهشتگردي ڪورٽ عدالت شاهه محمود قريشي جي ضمانت وارين درخواستن تي پراسيڪيوشن کي رڪارڊ پيش ڪرڻ جي مهلت ڏئي ڇڏي

لاهور (اي پي پي) لاهور جي دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت شاهه محمود قريشي جي 3 ڪيسن ۾ آزادي لاءِ ضمانت جي درخواستن تي پراسيڪيوشن کي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت ڪي سي آر منصوبي ۾ وفاق ۽ ريلوي اختيارين سان مڪمل تعاون ڪندي: وڏو وزير

ڪراچي سرڪلر ريلوي جو وڏو منصوبو صوبائي حڪومت اڪيلي سر مڪمل نٿي ڪري سگهي

وفاقي حڪومت طرفان ريلوي لائينن ۽ برانچن جي اپ گريڊيشن سنڌ واسين لاءِ انتهائي مثبت قدم آهي

صوبي ۾ ٽرانسپورٽ سسٽم جديد بڻائڻ لاءِ قدم کڻون پيا، موٽروي کي تيزي سان مڪمل ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وزيراعظم محمد شهباز شريف کان ڪراچي سرڪلر ريلوي (KCR)منصوبي لاءِ وفاقي سهڪار جي اپيل ڪئي آهي. هن چيو ته KCRجهڙو وڏو منصوبو صرف سنڌ حڪومت اڪيلي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪستان هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي: ناڻي وزير

آبادي جي لحاظ کان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو، موسمياتي تبديليون بنيادي خطرو آهي

پاڪستان ۾ آبادي ۾ اضافي جي شرح 2.5 سيڪڙو جي ويجهو آهي ۽ اها تمام وڌيڪ آهي

موسمياتي تبديلي واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏ هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهيون: محمد اورنگزيب

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي ۽ محصول بابت وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته پاڪستان استحڪام جي
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ملتان: وفاقي وزير عليم خان موٽروي پوليس جي شهيدن جي جنازي نماز ۾ شريڪ آهي

پاڪستان ۾ پهريون ڀيرو سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو

عالمي اداري جي 78هين عالمي اسيمبلي جي فيصلي تحت عالمي سطح تي تسليم ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان دنيا
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم جي سياست ختم ٿي چڪي آهي، دنيا جي ڪا به طاقت سنڌ کي ورهائي نٿي سگهي: شرجيل ميمڻ

27 هين ترميم بلاول ڀٽو زرداري جي ٽوئيٽ سان شروع ٿي، پ پ صوبائي حقن جي سڀ کان وڏي ضامن آهي

ترميم ۾ صوبن جي حصي جي تحفظ کي ختم ڪرڻ سميت ڪيترائي نقطا پيپلز پارٽي قبول نه ڪيا

پيپلز پارٽي عدالتن جو سڀ کان وڏو شڪار رهي آهي، ايم ڪيو ايم کي مثبت سياست اختيار ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته ايم ڪيو ايم جي وفاقي وزير اڄ بنا ڪنهن تياري جي پريس ڪانفرنس ڪري پيپلز پارٽي تي بي بنياد الزام لڳايا، ايم ڪيو ايم جي سياست ختم ٿي چڪي آهي ۽ ان کي بحال ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي وڃي ايم ڪيو ايم زميني حقيقتون ڏسڻ کان پوءِ مڪاني چونڊن جو بائيڪاٽ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل ميمڻ ۽ صوبائي وزير ناصر شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

ڪراچي ۾ قتل ٿيل شخص جي زال ۽ سندس عاشق گرفتار، ڏوهه جو اعتراف

شاهه لطيف ٽائون پوليس گهر ويجهو شهري ياسين کي ڪهاڙين هڻي قتل ڪيو ويو هو

پوليس جاچ ڪندي مقتول جي زال آمنه ۽ سندس مبينا عاشق علي اڪبر کي گرفتار ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) شاهه لطيف ٽائون پوليس گهر جي ويجهو ٿيل قتل ڪيس ۾ وڏي اڳڀرائي ڪندي مڙس جي قتل ۾ ملوث زال ۽ سندس مبينا عاشق سميت ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو آهي پوليس موجب هي گرفتاري جاچ دوران اهم ثبوت ملڻ کان پوءِ عمل ۾ آئي آهي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت هاءِ ڪورٽ بابت آئيني بينچز آرڊيننس جاري ڪري ڇڏيو

آرڊيننس جاري ٿيڻ بعد آئيني درخواستون هاڻ خصوصي آئيني بئنچون ٻڌڻيون ڪنديون

ججن جي نامزدگي جوڊيشل ڪميشن ڪندو، عهدي جي مدي گهٽ ۾ گهٽ ڇهه مهينا هوندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت آئيني بينچز هاءِ ڪورٽ آف سنڌ (پريڪٽس اينڊ پروسيجر) آرڊيننس 2025ع جاري ڪري ڇڏيو آهي گورنر جي منظوري کان طور آرڊيننس فوري طور تي نافذالعمل هوندو آئيني درخواستون هاڻ آئيني خصوصي بئنچون ۾ ٻڌڻي ٿي ڪنديون. آرٽيڪل 202
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ تيز رفتار گاڏي جي اسڪوٽي کي ٽڪر، هڪ عورت فوت ٻي زخمي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سپر هاءِ وي ڏنبه
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ثقافتي ميلو دنيا جي قومن کي ويجهو آڻڻ جو پل ثابت ٿي رهيو آهي: پرڏيهي اڳواڻ

عالمي ثقافتي ميلي ۾ فرانس جو مشهور پٽ پُريون دوستي ۽ ثقافتي هم آهنگي جو ذڪر آهي

پاڪستان ۾ مقرر فرانس جي سفير پنهنجي زال ۽ ٻين اڳواڻن سان گڏ آرٽس ڪائونسل جو دورو ڪيو

ثقافتي نمائشون ۽ فنون لطيفه جا پروگرام دنيا جي ثقافتن کي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي دنيا جي مختلف ثقافتن کي هڪ ٻئي سان جوڙڻ جو اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي عالمي ثقافتي ميلي ۾ فرانس جو مشهور پٽ پُريون
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آرٽس ڪائونسل ۾ ٿيل ڪلچرل فيسٽيول ۾ پرڏيهي رقاص ناچ پيش ڪري رهيون آهن

سيوهڻ ويجهو ڪاٽن فيڪٽري ۾ ڪم دوران مشين ۾ اچي پورهيت ڪٽجي فوت

ڳوٺ پڪا چنا سامهون قائم لال ڪوهستان ڪاٽن فيڪٽري جو پورهيت ياسين مشين ۾ وچڙي ويو

فوتي ڏهاڙي تي مزدوري ڪندو هو، لاش پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو

سيوهڻ (ن ع) سيوهڻ لڳ ڳوٺ پڪا چنا سامهون قائم لال ڪوهستان ڪاٽن فيڪٽري جي مشين ۾ اچي پورهيت ياسين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شهدادپور ۾ پاڻي جي ٽانڪي ڪرڻ سبب راهگير فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڪلوئي پاڙي ۾ 40 ورهين جو دانش ولد علي نواز ڪلوئي زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوتگي جي تصديق ڪئي ته ڪهرام مچي ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور جي ڪلوئي پاڙي ۾ پاڻي جي ٽانڪي ڪرڻ سبب راهگير 4ٻارڙن جو پيءُ نوجوان 40 سالا دانش
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب ۾ ڀارتي عمره زائرين جي بس مدينه منوره ويجهو آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي، 42 زائرين فوت

زائرين صبح جو هڪ بس ۾ مڪي کان مدينه منوره وڃي رهيا هئا ته سندن بس هڪ آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي

ٻنهي گاڏين ۾ باهه لڳي وئي، بس ۾ 42 ماڻهو سوار هئا جن جو تعلق ڀارتي رياست تلنگانا جي شهر حيدرآباد سان هو

مدينه منوره (اي پي پي) ڀارت مان سعودي عرب ويندڙ عمره زائرين جي بس مدينه منوره ويجهو آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ 42 عمره زائرين فوت ٿي ويا پرڏيهي ميڊيا موجب عمري لاءِ
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي انسانيت خلاف ڏوهن ۾ موت جي سزا ڏيڻ جو حڪم

ڪيترن ئي مهينن کان هلندڙ ڪيس جي فيصلي ۾ شيخ حسينه کي گذريل سال شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيل احتجاج تي ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏيڻ تي ڏوهي قرار ڏنو ويو

عدالت ۾ ڪيس جي ٽن ملزمن مان صرف هڪ موجود هو، اڳوڻي آءِ جي پوليس چوڌري عبدالله المامون ڏوهه جي صحت قبول ڪئي هئي ۽ هو سلطاني شاهد بڻجي ويو

هلندڙ سال شيخ حسينه واجد جي فون جي هڪ اهڙي آڊيو جي تصديق ڪئي وئي، ڪيس ۾ اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته هن مظاهرن خلاف خطرناڪ هٿيار استعمال ڪرڻ جو چيو

رڪارڊنگ ۾ شيخ حسينه واجد کي هڪ سينيئر حڪومتي اهلڪار سان ڳالهائيندي ٻڌي سگهجي ٿو، جيڪو هن وقت تائين سامهون ايندڙ سڀ کان اهم ثبوت قرار ڏنو ويو

شاهدين ملبون آهن ته شيخ حسينه واجد جولاءِ ۽ آگسٽ 2024ع ۾ شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج کي دٻائڻ لاءِ خطرناڪ هٿيار استعمال ڪرڻ جا سڌيءَ ريت حڪم ڏنا هئا: عدالت

شيخ حسينه واجد 1947ع ۾ اوڀر بنگال ۾ پيدا ٿي ۽ سياست سندس رت ۾ وسيل آهي، هوءَ قوم پرست اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان جي ڌيءَ آهي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي خاص عدالت اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد کي انسانيت خلاف ڏوهن ۾ موت جي سزا ٻڌائي وئي پرڏيهي ميڊيا موجب ڪيترن ئي مهينن کان هلندڙ ڪيس جو فيصلو آخرڪار ٻڌايو ويو جنهن ۾ شيخ حسينه کي گذريل سال شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ ٿيل
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وزيراعظم شهباز شريف اڳوڻي وڏي وزير آفتاب شعبان ميراڻي جي وارثن سان تعزيت ڪري رهيو آهي

عوامي ليگ کان سواءِ اليڪشن ٿيڻ نه ڏينداسين: شيخ حسينه واجد جي پٽ جو بيان

والده هن وقت ڀارت ۾ آهي جتي کيس ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو پيو وڃي: سجيب واجد

عوامي ليگ تان پابنديون هٽائڻ جو في الحال ڪو به منصوبو غور هيٺ ناهي

ڍاڪا (اي پي پي) بنگلاديش جي اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جي پٽ ۽ صلاحڪار خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ٿرڪول ڪمپنين جو ٿري ڏتڙين سان ڏاڍ، حق گهرندڙ 50 پورهيت فارغ

هونڊا ڪمپني 50 کان وڌيڪ مزدورن سميت پورهيتن کي بيروزگار ڪري ڇڏيو

پورهيت پگهار گهٽائڻ ناجائز ڪٽوتين ۽ بنيادي سهولتون نه ملڻ خلاف احتجاج جاري رکيو

مقامي پورهيتن کي تنگ ڪري نيڪالي ڏيڻ ۾ اصل سائينو سنڌ ڪمپني ملوث آهي: مظاهرين

اسلام ڪوٽ (رپورٽ: سڪندر علي ٻجير) ٿرڪول بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين ٿري ڏتڙين کي روزگار ڏيڻ بدران ڏاڍ ذريعي
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ملير ڪورٽ ۾ وڪيلن سان ڇڪتاڻ بعد اسٽيل ملز جو سيڪيورٽي انچارج گرفتار

عدالت ۾ ضمانت لاءِ پهتل سيڪيورٽي انچارج دائود ڪياڻي ۽ وڪيلن ۾ تلخ ڪلامي ٿي

پوليس سيڪيورٽي انچارج کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، سندس خلاف پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ملير ڪورٽ ۾ پاڪستان اسٽيل ملز جي سيڪيورٽي انچارج دائود ڪياڻي ۽ وڪيلن ۾ تلخ ڪلامي ٿي. ضمانت ڪرائڻ لاءِ آيل سيڪيورٽي انچارج کي پوليس حراست ۾
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ايم ڪيو ايم وارن هميشه فنڊز ۽ وزارتون وٺي ڪراچي جو سستو سودو ڪيو: سعديه جاويد

هن لوڪل گورنمينٽ کي سڀ کان وڌيڪ نقصان پهچايو، کين اختيار نه پر ڀتاگيري وارو نظام گهرجي

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي، سنڌ کي ٽوڙڻ جا خواب ڏسندڙ پاڻ ٽٽي چڪا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو آهي ته لسانيات جو چورن وڪڻندڙ هميشه رڙيون ڪندا رهندا. سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم وارن هميشه ڪراچي جو سستو سودو ڪيو فنڊز ۽ وزارتون وٺي اڄ دعوائون ٿا ڪن ته وڌيڪ به وٺي سگهون ٿا. انهن چيو ته
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پ پ چيئرمين پاران 30 نومبر تي ضلعي سطح تي يوم تاسيس ملهائڻ جو اعلان

ملڪ جي سڀني ضلعن ۾ يوم تاسيس سلسلي ۾ پروگرام منعقد ڪيا ويندا: پڌرائي

تقريبن ۾ پيپلز پارٽي جي پنج ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي جي جدوجهد کي اجاگر ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايت تي پاڪستان پيپلز پارٽي 30 نومبر تي ضلعي سطح تي يوم تاسيس ملهائڻ جو اعلان پاڪستان پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري جنرل هما
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حڪومت عوام کي دوائن جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائي: وفاقي آئيني عدالت جو حڪم

وفاقي آئيني عدالت ڊريپ کان جان بچائيندڙ دوائن جي سڄي ملڪ ۾ دستيابيءَ بابت جامع رپورٽ گهري ورتي

آئيني عدالت جي چيف جسٽس جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪالهه ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

درخواستگذار عوامي مفاد لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو آهي، ڊريپ کان دوائن جي دستيابيءَ جي حوالي سان تفصيلي رپورٽ پيش ڪري: عدالت جو حڪم

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي آف پاڪستان (ڊريپ) کان جانيون بچائيندڙ دوائن جي سڄي ملڪ ۾ دستيابيءَ بابت جامع رپورٽ طلب ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي وفاقي آئيني عدالت جي چيف
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

چنيوٽ: وفاقي صلاحڪار راڻا ثناءالله ختم نبوت ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي

دوست ملڪن مان ٻطرفي واپار سميت مختلف شعبن ۾ تعاون کي هٿي ملي رهي آهي: عطاءالله تارڙ

حڪومت معيشت کي بحران کان ترقي ۽ پرڏيهي لاڳاپن کي اڪيلائپ کان عالمي اهميت طرف منتقل ڪري ڇڏيو آهي

حڪومت اهڙي پاليسي اختيار ڪئي، جنهن تحت ان کي سفارتي ميدان ۾ ڪيترين ئي ڪاميابيون مليون آهن

حقيقت اها آهي ته دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر هجڻ جي باوجود پاڪستان جي خلاف باقاعده پروپيگنڊه ڪئي وئي

جيڪو اتحاد اسان ڏيکاريو ان کي تسليم ڪرڻو پوندو، پاڪستاني عوام جي حوصلا منديءَ ۽ يڪجهتي اختلافن کي پٺتي رکي ڇڏيو

افغانستان جي معاملي ۾ به پاڪستان وٽ ناقابل ترديد ثبوت موجود آهن ته افغان سرزمين دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيندي رهي آهي

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ چيو آهي ته حڪومت معيشت کي بحران کان ترقي ۽ پرڏيهي لاڳاپن کي اڪيلائپ کان عالمي اهميت طرف منتقل ڪري ڇڏيو آهي دوست ملڪن مان ٻطرفي واپار سميت
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: آسٽريليا، ماريشس، ڊينمارڪ ۽ متحده عرب امارات جا نوان مقرر ڪيل سفير صدر آصف علي زرداري کي سندن ڪاغذ پيش ڪري رهيا آهن

صدر کي ڇهن نون مقرر ٿيندڙ سفيرن پاران سفارتي سندون پيش

صدر آصف زرداري سفيرن کي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو

نون سفيرن ۾ آسٽريليا جو هاءِ ڪمشنر ٽم ڪين ۽ ماريشس جو هاءِ ڪمشنر منسر ڪرمباڪس شامل

ڊينمارڪ جو نئون مقرر سفير ميجا مورٽينسن ۽ گڏيل عرب امارات جو سفير سالم الزعبي شامل

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري کي ڇهن نون مقرر ٿيندڙ سفيرن ايوان صدر ۾ منعقد پروقار تقريب دوران پنهنجون سفارتي سندون پيش ڪيون. صدر سفيرن کي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

لاهور هاءِ ڪورٽ: پي ٽي آءِ باني جي سمورن ڪيسن کي گڏ ڪرڻ جي درخواست پيروي نه ٿيڻ سبب خارج

لاهور (اي پي پي) لاهور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ باني جي سمورن ڪيسن کي گڏ ڪرڻ جي درخواست پيروي نه ٿيڻ سبب خارج
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

وفاقي آئيني عدالت ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي مقرري جي معاملي تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو

اسلام آباد (اي پي پي) وفاقي آئيني عدالت ڪنگ ايڊورڊ ميڊيڪل يونيورسٽي جي وائيس چانسلر جي مقرري جي معاملي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪيلگري ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن ملهايو ويو، البرٽا ۾ سڀ کان وڏي تقريب

ڪينيڊين حڪومت جي ٽنهي سطحن جي نمائندن جسراج هالن، دلويندر گل، امان پريت گل سميت ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي

شازيه ميڪس ميمڻ کي خدمتن تي خصوصي ايوارڊ سان نوازيو ويو، سنڌي اڳواڻن کي خراج تحسين پيش

مشهور سنڌي ڳائڻي انيتا فدا تقريب روح پرور پرفارمنس تقريب کي جاندار بڻايو، سڄي ماحول کي رقص ۽ خوشي سان ڀريو

ڪيلگري (م د) هن هفتي ڪيلگري ۾ سنڌي ثقافتي ڏينهن وڏي شان ۽ شوڪت سان ملهايو ويو جنهن ۾ ڪيلگري، ايڊمونٽن، ليٿ برج، ميڊيسن هيٽ ۽ ريڊ ڊيئر جي دوستن ۽ برادري جي ميمبرن جي
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪيلگري: سنڌي ثقافتي ڏهاڙي جي تقريب ۾ شريڪ سنڌواسي راڳ تي رقص ڪري رهيا آهن

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار ماسڪو پهچي ويو

ماسڪو (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ماسڪو پهچي ويو جتي هو 17 کان 18
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي پاڪ فوج خلاف ذهن سازي ڪن ٿا: انڪشاف

ڪمانڊر بدري، ڪمانڊر مشتاق، ڪمانڊر گرنيڊ ۽ ڪمانڊر اسلام الدين لاءِ 3 سال تائين سهولتڪاري ڪندو رهيس: دهشتگرد

خوارجين ڪوڙ ڳالهايو ته پاڪ فوج ڪافر آهي پر حقيقت ۾ خوارج پاڻ ڪافر ۽ مرتد آهن پر مون جوانن کي نماز پڙهندي ڏٺو آهي

جوانن کي اپيل آهي ته پاڪ فوج جو ساٿ ڏين ته جيئن دهشتگرد عنصرن جي روڪٿام ۽ خاتمو ٿي سگهي

اسلام آباد (اي پي پي) خوارجي دهشتگرد فتنه الخوارج جي حوالي سان انڪشاف ڪندي چيو آهي ته فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي پاڪ فوج خلاف ذهن سازي ڪن ٿا. تفصيل مطابق خوارجي دهشتگرد انڪشاف ڪيو ته فتنه الخوارج مذهب جي نالي تي نوجوانن کي ورغلائي انهن کي پاڪ فوج خلاف اڪسائين ٿا، منهنجو نالو احسان الله ولد
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي بار ايسوسيئيشن پاران ضلعي عدالتن ۾ مڪمل هڙتال جو اعلان

سکر ڪنوينشن جي فيصلي موجب وڪيلن پاران ٽوڪن بائيڪاٽ پڻ ڪيو ويو

اڄ کان 22 نومبر تائين سمورن ضلعن جي عدالتن ۾ علامتي هڙتال جو اعلان ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي بار ايسوسيئيشن ڪراچي جي ضلعي عدالتن ۾ مڪمل هڙتال جو اعلان ڪيو آهي .سنڌ بار ڪائونسل جي فيصلي جي روشني ۾ وڪيلن پاران ٽوڪن عدالتن جو بائيڪاٽ ڪيو ويو. ڪراچي بار جي صدر عامر وڙائچ چيو ته سکر ڪنوينشن جي ڪيل فيصلي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: ايم اين اي عبدالقادر پٽيل وزيراعظم شهباز شريف کي ٽوپي پارائيندي

ايم ڪيو ايم سالن کان ملڪ جي مسئلن جو آئيني حل ڏئي رهي آهي: مصطفيٰ ڪمال

اليڪشن کان پوءِ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ٿي پر اسين آئيني ترميم جي ايجنڊا تي قائم رهياسين

ن ليگ سان معاهدو ٿيو ته اسانجو تجويز ڪيل بل ترميمي عمل جو حصو بڻايو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سينيئر مرڪزي اڳواڻ سيد مصطفيٰ ڪمال چيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڪيترن سالن کان ملڪ جي موجوده مسئلن جو آئيني حل ڏئي رهي آهي ۽ اسان پاڪستان ۽ پاڪستانين کي مبارڪباد پيش ڪريون ٿا. بهادرآباد مرڪزي آفيس
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ انڌي گولي لڳڻ سبب موٽرسائيڪل تي سوار 5 سالن جو ٻارڙو قتل ٿي ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ اورنگي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ ۾ ٻن سونارن جي دوڪانن مان ڪروڙين روپين جو سون چور ٻهاري ويا

چور سوناري مڏن مالهي ۽ انيل سوني جي دڪانن جا تالا ٽوڙي 40 تولا سون ۽ 10 ڪلو چاندي کڻي فرار ٿي ويا

واقعي خلاف دڪاندارن عائشه ۽ سونارا مارڪيٽ ۾ هڙتال ڪري ڪاروبار بند ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو

اسان جي پرامن علائقي ۾ اهڙي واردات ناقابل برداشت آهي اسان سونارن سان گڏ آهيون، هر ممڪن مدد ڪبي: امير علي شاهه

عمرڪوٽ(رپورٽ قاضي يوسف) عمرڪوٽ ۾ رات دير سان عائشه مارڪيٽ ۽ راڻا چوڪ ۾ نامعلوم چور سوناري مڏن مالهي ۽ انيل سوني جي سوناري دڪانن جا تالا ٽوڙي دڪانن ۾ پيل تقريبن 40 تولا کان وڌيڪ سون ۽ 10 ڪلو کان وڌيڪ چاندي ٻهاري دڪانن ۾ لڳل سي سي ٽي وي
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

عمرڪوٽ: ڌاڙي بعد شهري احتجاج ڪري رهيا آهن ٻي طرف ايم پي اي امير علي شاهه ساڻن ڳالهائي رهيو آهي

ڪراچي ۾ رينجرز جي ڪارروائي، ڀتاخوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث جوابدار گرفتار، هٿيار هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان رينجرز (سنڌ) خفيه معلومات جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي ڪراچي جي علائقي ملير مان ڀتاخوري ۽ ٻين وارداتن ۾ ملوث
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

باڪو: وفاقي وزير شزا فاطمه سعودي جي ڊپٽي گورنر عبدالله عبدالرحمان کي شيلڊ ڏئي رهي آهي

بدين ۾ پاڪستان فشر فوڪ فورم پاران ماهيگير ميلو ۽ ڪانفرنس

صوبائي حڪومت ماهيگيرن کي محنت ڪش جو درجو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن: مهراڻ شاهه

ڪانفرنس ۾ مشڪلاتن کي اجاگر سان گڏ ڀارت جي قيد ماهيگيرن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو

بدين (ع ر) پاڪستان فشر فوڪ فورم طرفان بدين جي ساحلي علائقي ۾ ڪن ڏينهن جي ماهيگير ميلي جي موقعي تي
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

مورو لڳ زمين جي مالڪي تان جهيڙي ۾ زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت

ڳوٺ ملو خان ٽوٽو ۾ ٿيل جهيڙي ۾ زخمي وڪيل ٽوٽو اسپتال ۾ دم ڌڻي حوالي ڪيو

جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف تحفظ فراهم ڪيو وڃي: وارث

مورو (ن ع) گذريل ڏينهن مورو ويجهو ڳوٺ ملو خان ٽوٽو ۾ ڏيڍ ايڪڙ زرعي زمين جي مالڪي تان ٿيندڙ جهيڙي ۾ ڪهاڙين ۽
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

مورو ويجهو تيز رفتار ڪوچ جو رڪشا چنگچي کي ٽڪر سبب 3 ڄڻا فوت، عورت زخمي

قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ حادثي ۾ ڊرائيور، سوار اسرار ۽ واحد بخش ٻگهيو موقعي تي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي زخمي عورت ۽ لاش ڪڍائي تعلقي اسپتال منتقل ڪري لاش وارثن حوالي ڪيا

وارثن پاران لاش قومي شاهراهه تي رکي احتجاجي ڌرڻو هنيو، پوليس انصاف جو يقين ڏيارڻ تي احتجاج ختم ڪرايو

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) قومي شاهراهه طارق پمپ وٽ تيز رفتار ڪوچ جو رڪشاچنگچي کي خوفناڪ ٽڪر جنهن نتيجي ۾ ڊرائيور ۽ سوار اسرار ۽ واحد بخش ٻگهيو موقعي تي فوت ٿي ويا ۽
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

بقايا 1 حلف کڻي ورتو

گڏريل ڏينهن گورنر هائوس ۾ حلف برداري تقريب منعقد ٿي تقريب ۾ بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي ججن ماتحت عدالتن جي ججن بلوچستان بار ڪائونسل هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ڪوئيٽا بار ايسوسيئيشن جي عهديدارن سميت وڪيلن جو وڏو انگ موجود هو تقريب ۾ بلوچستان جي گورنر شيخ جعفر خان مندوخيل جسٽس محمد ڪامران خان ملاخيل کان بلوچستان هاءِ ڪورٽ جي وقتي چيف جسٽس جي عهدي جو حلف ورتو.

بقايا 2 شهباز شريف

سيڪريٽري ۽ آءِ جي سنڌ سندس استقبال ڪيو وزيراعظم ڪينٽ ريلوي اسٽيشن تي شاليمار ايڪسپريس جي نئين ٽرين ۽ اسٽيشن جي اپ گريڊ ٿيل جديد سهولتن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته ڪراچي سرڪلر ريلوي شهر جي ضرورت تي هر هنڌ بحث ڪيو ويو آهي وزيراعظم چيو ته جيڪڏهن تهران کان استنبول ٽائين جو رستو بحال ٿئي ٿو ته پاڪستان ريلوي کي چار مهينا لڳندا. شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور تي نئين ٽرين بڻايو ويو آهي ريلوي ڪاٽي مهارت سان ڪراچي ڪينٽ کي بحال ڪيو آهي هن چيو ته ٿر جي ڪوئلي جي منتقلي لاءِ وفاقي ۽ سنڌ حڪومتون تعاون ڪري رهيون آهن ريلوي هتي هڪ سڙيل نظام بڻجي چڪو آهي. حنيف عباسي پنهنجي ٽيم سان گڏ هن سڙيل نظام کي جديد بڻايو مان حنيف عباسي کي دل جي گهراين سان مبارڪباد ڏيان ٿو شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور نئين ٽرين بڻايو ويو آهي جديد ۽ بهتر سهولتن جي فراهمي لاءِ اسٽيشن کي اپ گريڊ ڪيو ويو آهي ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي سي آءِ پي لائونجز ۽ ويٽنگ ايرياز قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته مسافرن جي سهولت لاءِ ايڪسيليٽرز ۾ انسٽال ڪيا ويا آهن انهي کان علاوه ڪينٽ اسٽيشن تي ايگزيڪٽو واش رومز اي ٽي ايم مشين ۽ مفت وائي فائي جي سهولت ۾ متعارف ڪرائي وئي آهي تقريب کي خطاب ڪندي وزير اعظم چيو ته ريلوي واري وفاقي وزير حنيف عباسي جي قيادت ۾ پاڪستان ريلوي جديد نظام ڏانهن گامزن آهي اميد آهي ته ڪجهه سالن ۾ پاڪستان ريلوي خطي جو شاندار ٽرانسپورٽ سسٽم بڻجي ويندو ريلوي جي دائري کي وڌايو وڃي ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا شاليمار ايڪسپريس کي مڪمل طور نئين ٽرين بڻايو ويو ۽ ريلوي اسٽيشن کي شاندار انداز ۾ اپ گريڊ ڪيو ويو. ڪراچي جو ريلوي نظام اڳ ۾ بوسيده هو ۾ هاڻي جديد ۽ بهتر بڻايو ويو آهي حنيف عباسي کي ڪوششن لاءِ مبارڪباد ڏيان ٿو ۽ ريلوي نظام جي اپ گريڊ لاءِ جيتري به رقم ضروري آهي اها فراهم ڪئي. هن زور ڏنو ته ريلوي جي دائري کي وڌايو وڃي ۽ صوبن سان شراڪتداري جا مثبت نتيجا نظر ايندا. پارٽنرشپ جو دائرو بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه حڪومتن سان به وڌايو وڃي. وزيراعظم ميان محمد شهباز شريف بعد ۾ ڊي فنس خيابان مجاهد ۾ رڪن قومي اسيمبلي عبدالقادر پٽيل جي گهر پهچي صاحبزادي جي شادي تي مبارڪباد ڏني ملاقات دوران وزيراعليٰ سنڌ ۽ ٻيا پڻ موجود هئا بعد ۾ وزيراعظم ڊيفنس خيابان غازي ۾ سابق وزيراعليٰ آفتاب شعبان ميراڻي جي گهر پهتو جتي ميراڻي جي خاندان سان اظهار تعزيت ڪيو وزيراعظم پنهنجي هڪ ڏينهن وارو مختصر دورو مڪمل ڪرڻ بعد خصوصي جهاز ذريعي واپس روانو ٿي ويو

بقايا 3 وڏو وزير

مڪمل نئي ڪري سگهي ان لاءِ وفاقي سطح تي مڪمل مدد ضروري آهي هي ڳالهه هن ڪينٽ اسٽيشن جي تاريخي اپ گريڊيشن جي تقريب ۾ وزيراعظم جي موجودگي ۾ خطاب دوران ڪئي. وڏي وزير مراد علي شاهه وزيراعظم شهباز شريف ۽ وفاقي وزير ريلوي حنيف عباسي جو خاص شڪريو ادا ڪيو ۽ چيو ته ڪراچي جي ترقي لاءِ وفاقي حڪومت جو سنجيده ڪردار ساراهه جوڳو آهي. هن چيو ته ريلوي لائينن ۽ برانچن جي اپ گريڊيشن سنڌ واسين لاءِ انتهائي مثبت قدم آهي. وڏي وزير چيو ته جيستائين ڪراچي حيدرآباد موٽروي مڪمل نئي ٿئي ان وقت ٽائين ٽرين سفر عوام لاءِ سڀ کان مناسب ۽ موثر ٽرانسپورٽ آهي. هن وفاق کي موٽروي جي تيزي سان مڪمل ڪرڻ لاءِ زور ڀريو چيو بهتر علائقائي رابطو روزانو هزارين مسافرن لاءِ وڏي سهولت بڻجندو. هن ڪراچي جي ٽرانسپورٽ سسٽم کي جديد بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت جي قدمن جو ذڪر ڪيو جن ۾ اليڪٽرڪ بسون، پيپلز بس سروس ۽ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس شامل آهن. پر ان سان گڏ هن وضاحت ڪئي ته شهر جي وڌندڙ آبادي ۽ ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، KCRجهڙي مڪمل ماس ٽرانزٽ سسٽم جي سخت ضرورت آهي. وڏي وزير هڪ ڀيرو ٻيهر KCRمنصوبي لاءِ وفاقي مدد جي درخواست ڪئي ۽ چيو ته صوبائي وسيلا اهڙي وڏي منصوبي لاءِ ڪافي ناهن. هن يقين ڏياريو ته سنڌ حڪومت وفاق ۽ ريلوي اختيارين سان مڪمل تعاون ڪندي ته جيئن منصوبو ڪاميابيءَ سان مڪمل ٿي سگهي. ياد رهي ته ڪراچي سرڪلر ريلوي جو مقصد شهر جي ٽرئفڪ دٻاءُ ۾ گهٽتائي آڻڻ ۽ ملڪ جي وڏي ميٽروپوليس ۾ پائيدار شهري سفري نظام فراهم ڪرڻ آهي. سالن کان پوءِ ٻيهر شروع ڪيل هن منصوبي تي سنڌ حڪومت جو وڌندڙ ڌيان ان ڳالهه ڪري آهي ته ڪراچي جي آبادي ۽ ٽرانسپورٽ جون گهرجون تيزي سان وڌي رهيون آهن. KCR لاءِ وفاق جي ڀرپور شرڪت بين الاقوامي فنڊنگ ۽ فني سهڪار حاصل ڪرڻ لاءِ اهم آهي جڏهن ته سنڌ حڪومت هن منصوبي لاءِ زمين لاجسٽڪ سهڪار ۽ بين مقامي ٽرانسپورٽ نظامن سان انضمام فراهم ڪندي. منصوبو جي شروعاتي مرحلن ۾ روزانو هزارين مسافرن کي فائدو ٿيندو جڏهن ته مستقبل ۾ ان کي وڌيڪ وڌائڻ جا منصوبا به شامل آهن.

بقايا 4 مهلت

ڪيسن جو رڪارڊ پيش ڪرڻ جو آخري موقعو ڏئي ڇڏيو عدالت جي جج منظر علي گل ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي، پراسيڪيوشن ڪيسن جو رڪارڊ پيش نه ڪيو ۽ گذارش ڪئي ته رڪارڊ پيش ڪرڻ لاءِ وقت ڏنو وڃي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تي رڪارڊ پيش ڪرڻ جي مهلت ڏئي ڇڏي عدالت ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 25 نومبر ٽائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا 5 ناڻي وزير

منزل حاصل ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي. آبادي جي لحاظ کان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو تيزي سان وڌندڙ آبادي ۽ موسمياتي تبديليون پاڪستان لاءِ ٻه بنيادي وجودي خطرا آهن گڏريل ڏينهن پاپوليشن ايبليٽي انڊيڪس آف پاڪستان جي حوالي سان منعقد تقريب کي خطاب ڪندي ناڻي واري وزير چيو ته پاڪستان استحڪام جي منزل حاصل ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پائيدار اقتصادي اوسر جي راهه تي گامزن آهي ۽ اهم معاشي اهڃاڻن ۾ بهتري سان ٿي ان جي عڪاسي ٿي رهي آهي هن چيو ته تيزي سان وڌندڙ آبادي ۽ موسمياتي تبديليون پاڪستان لاءِ ٻه بنيادي وجودي خطرا آهن پاڪستان ۾ آبادي ۾ اضافي جي شرح 2.5 سيڪڙو جي ويجهو آهي ۽ اها شرح تمام وڌيڪ آهي آبادي ۾ تيزي سان جيڪڏهن اضافو ٿيو ته پوءِ مجموعي قومي پيداوار ۾ اضافو غير متعلق ٿي ويندو آهي اهو سلسلو پائيدار ناهي اسان کي آبادي جي لحاظ سان وسيلن جو انتظام ڪرڻو پوندو هن چيو ته ٻار اسان جي مستقبل جا معمار آهن پاڪستان ۾ 40 سيڪڙو جي لڳ ڀڳ ٻار اسٽنٽنگ جو شڪار آهن 50 سيڪڙو ٻار اسڪولن کان ٻاهر آهن اهي ٻئي تمام سنجيده نوعيت جا مسئلا آهن هن چيو ته موسمياتي تبديليون ۽ انهن تبديلين سان هڪجهڙائي هڪ اهم مسئلو آهي. موسمياتي موزونيت لاءِ اسان موسمياتي تبديلي واري وزارت ۽ لاڳاپيل ادارن سان گڏ هر قسم جي مدد لاءِ تيار آهيون ناڻي واري وزير جو منصب سنڀالڻ کان پوءِ پهريون ڀيرو آءِ ايم ايف ۽ عالمي بئنڪ جي سالياني اجلاس جي موقعي تي موسمياتي تبديلين لاءِ قائم اتحاد جي ناڻي وارن وزيرن جي اجلاس ۾ شرڪت ڪئي ۽ هتي مهينن ۾ سون کي اندازو ٿيو ته انهن معاملن کي سرڪاري ڌارا ۾ آڻڻ ۾ ناڻي وارن وزيرن جو ڪردار تمام گهڻي اهميت رکي ٿو ڇاڪاڻ ته موسمياتي موزونيت ۽ ماحولياتي فنانس لاءِ فنڊ رکڻ ۽ وسيلن جي فراهمي ۾ انهن جو ڪردار اهم هوندو آهي ناڻي واري وزير چيو ته حڪومت پٺتي پيل ۽ گهٽ ترقي يافته ضلعن جي ترقي ۽ انهن کي ملڪ جي بين حصن جي برابر آڻڻ لاءِ قدم کڻي رهي آهي بهتر موقعا تلاش ڪرڻ ۾ ٻهراڙي وارن علائقن مان شهرن ۽ وڏن هنڌن تي لڏپلاڻ جو عمل جاري آهي ان جي نتيجي ۾ ڪچي جي آبادين جي انگ ۾ اضافو ٿي رهيو آهي انهن آبادين ۾ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ هوندي آهي ان سان چائلڊ اسٽنٽنگ ۽ ٻين مسئلن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي ناڻي واري وزير چيو ته سماجي ترقي لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته آبادي ۾ اضافو ۽ موسمياتي تبديلين جو هڪ ٻئي سان سڌي ريت تعلق آهي ان سان گڏوگڏ وسيلا رکڻ ۽ انهن ۾ سڌارا به ضروري آهن ناڻي واري وزير ايف سي ڊي ۽ برطانوي حڪومت جو ٿورو مڃيندي چيو ته برطانيه جي حڪومت ۽ ايف سي ڊي ۽ پاڪستان حڪومت سان گڏ مختلف شعبن ۾ سهڪار فراهم ڪري رهيا آهن

بقايا 6 ڏهاڙو ملهايو ويو

سان گڏجي ڀرپور پيرو سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جو عالمي ڏهاڙو ملهايو جيڪو صحت جي عالمي اداري جي 78هين عالمي اسيمبلي جي فيصلي تحت عالمي سطح تي تسليم ڪيو ويو آهي جنهن جو بنياد ان تاريخي اعلان تي آهي جيڪو 17 نومبر 2020ع تي ڪيو ويو هو جڏهن 194 ملڪن سروائيڪل ڪينسر جي خاتمي جي عالمي حڪمت عملي جي حمايت جو عهد ڪيو هو هلندڙ سال وفاقي ڊائريڪٽوريٽ آف اميونائيزيشن (ايف ڊي آءِ) ۽ سول سوسائٽي جي حصيدارن خاص طور تي ڊرياسي فائونڊيشن جي تعاون سان پاڪستان جي ڀرپور ايچ پي وي ويڪسينيشن مهم جي شروعات ڪئي جيڪا مهم تحت پنجاب، سنڌ، اسلام آباد ۽ آزاد جمون ڪشمير ۾ 9 کان 14 سال جي عمر جي هڪ ڪروڙ 30 لک کان وڌيڪ ڇوڪرين کي اسڪولن ۽ صحت مرڪزن ۾ اها ويڪسين مفت فراهم ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو مهم جي ڪامياب بڻجڻ ٽائين 92 لک ڇوڪرين کي اها ويڪسين لڳائي وئي پهرين جنوري 2026ع کان ايچ پي وي ويڪسين کي باضابطه طور تي قومي اي پي آءِ پروگرام ۾ شامل ڪيو ويو جنهن سان سمورين ڇوڪرين لاءِ حفاظتي ڍڪڻ جو اهو سلسلو مستقل بنيادن تي جاري رهندو ان عالمي ڏهاڙي جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ ۽ عوامي آگاهي ۾ اضافو ڪرڻ لاءِ ڊرياسي فائونڊيشن، وفاقي راڄڌاني ۾ سروائيڪل ڪينسر آگاهي واڪ ۽ ٻه اهتمام ڪيو جنهن ۾ ڪميونٽيز نوجوانن ۽ صحت جي ڪارڪنن ڀرپور شرڪت ڪئي ان واڪ جو مقصد بيماري کان وقت سر بچاءُ ڏيان ۽ اجتماعي ذميواري جي پيغام کي عام ڪرڻ هو سروائيڪل ڪينسر پاڪستان ۾ تيزي سان وڌندڙ ڪينسر آهي

بقايا 7 شرجيل ميمڻ

ڪيو ڇاڪاڻ ته انهن کي خبر هئي ته شڪست يقيني آهي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه سان گڏ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته 27 هين ترميم چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڪوشش سان شروع ٿي جنهن ۾ آئيني عدالت جي قيام، ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ جي بحالي ججن جي منتقلي اين ايف سي ۾ صوبن جي حصي جي تحفظ جو خاتمو ڪرڻ آرٽيڪل 243 ۾ ترميم ۽ اليڪشن ڪميشن جي مقرري ۾ دير جهڙا نقطا شامل هئا هن چيو ته انهن مان ڪيترائي نقطا پيپلز پارٽي ڪڏهن ۾ قبول نه ڪيا جڏهن ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي ٽوئيٽ ۾ مقامي ادارن جو ڪو به ذڪر نه هو ايم ڪيو ايم کي نفرت جي سياست بند ڪرڻ گهرجي ۽ مثبت سياست اختيار ڪرڻ گهرجي پيپلز پارٽي صوبن جي حقن جي سڀ کان وڏي ضامن آهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته شهيد بي بي ۽ نواز شريف جي وچ ۾ دستخط ٿيل ميثاق جمهوريت ۾ آئيني عدالت جي قيام جو ذڪر آهي ۽ ان حوالي سان پيپلز پارٽي پنهنجا تحفظات واضح ڪيا هئا. جنهن کان پوءِ سي اي سي جو ٻن ڏينهن جو اجلاس پڻ ٿيو. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي عدالتي سرگرمي جي سڀ کان وڏو شڪار رهي آهي شهيد بينظير ڀٽو جي حڪومتن جو تختو اونڌو ڪيو ويو ۽ صدر آصف علي زرداري 11 سال بغير سزا جي جيل ۾ گذاريا. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ جسٽس منصور علي شاهه ۽ جسٽس اطهر من الله جي استعيفائن تي افسوس جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته اسان جي عدالتي نظام ۾ ثاقب نثار جهڙا دور به ڏٺا ويا جن قانون جي پچڪڙي ڪئي ۽ عمران خان ۽ پي ٽي آءِ جا پوئلڳ رهيا. انهن خلاف بدانتظامي جا ڪيس داخل ٿيڻ گهرجن ها، اسان عمر عطا بنديال جهڙا جج به ڏٺا جن عدالت ۾ هڪ ملزم کي ڏسي ڪري "توهان کي گڊ ٽو سي يو" چيو هو هڪ سوال جي جواب ۾ سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ جو ورهاڱو ناممڪن آهي، دنيا ۾ ڪا به اهڙي طاقت ناهي جيڪا سنڌ کي ورهائي سگهي. ترقياتي منصوبن بابت پريس ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته وڏي وزير ڪالهه شهر جو دورو ڪيو ۽ سمورا منصوبا تيزي سان مڪمل ٿي رهيا آهن هن چيو ته سڄي سنڌ ۾ خاص طور تي ڪراچي ۾ اهم بهتري اچي رهي آهي، صفائي جو ڪم بهتر ٿيو آهي ۽ سمورن شهرن ۾ بهتري اچي رهي آهي هن چيو ته حڪومت پوري ڪراچي کي جديد شهر ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي

بقايا 8 ڏوهه جو اعتراف

پوليس جاچ ۾ گرفتار عورت آمينه پنهنجي مبينا عاشق علي اڪبر کي مڙس ياسين کي قتل ڪرڻ جو چيو هو جنهن بعد علي اڪبر پنهنجي ساٿي غلام حسين سان گڏجي اڳواٽ منصوبابندي تحت ياسين کي ڪهاڙين جا وار ڪري قتل ڪيو ۽ فرار ٿي ويا هئا جاچ ذريعي مطابق مقتول ياسين ۽ آمينه جي شادي اٺ سال اڳ ٿي هئي ۽ ٻنهي کي هڪ ٻار به آهي. پوليس موجب ملزم، مقتول جي ويجهي مائٽ به هئي جنهن سبب گهريلو تڪرار وڌندا رهيا ۽ اهو معاملو وحشيانه قتل تائين پهتو پوليس ٻنهي جوابدارن کي گرفتار ڪري آلو قتل برآمد ڪيو آهي جڏهن ته وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ امڪان آهي ته وڌيڪ اهم حقيقتون به سامهون اينديون.

بقايا 9 آرڊيننس جاري

اي جي تحت ڏاهيل آئيني بئنچن کي مڪمل اختيار هوندو آرڊيننس جي متن ۾ چيو ويو آهي ته سمورا آئيني ڪيسن هن بئنچن ۾ مقرر ڪيو ويندو جنهن ۾ آئيني رٽ جا ڪيس ،پٽيشنز ۽ لاڳاپيل ڪيس شامل آهن. ججن جي نامزدگي جوڊيشل ڪميشن ڪندو. عهدي جي مدي گهٽ ۾ گهٽ 6مهينن جي هوندي. آئيني بئنچ جي سربراهه جي غير موجودگي ۾ سينئر ترين جج سربراهه مقرر ڪيو ويندو آئيني جج جي ريفرنس ياريفرل جي صورت ۾ معاملو سپريم جوڊيشل ڪائونسل موڪليو ويندو .آئيني بئنچن جو رجسٽرار ۽ سيڪريٽريٽ الڳ هوندو. سمورا ڪيس فسٽ ان فسٽ آئوٽ جي اصول جي تحت ٻڌي جي لاءِ مقرر ڪيو ويندو. هنگامي نوعيت جي ڪيس کي فوري فهرست ۾ مقرر ڪيو ويندو. هاءِڪورٽ جي آرڊيننس جي نفاذ جي قواعد ناهڻ جي اختيار حاصل هوندو. ڪنهن به قانون ياعدالتي فيصلي جي ٽڪر جي صورت ۾ هن آرڊيننس نافذ عمل هوندو. گورنر جي منظوري کان پوءِ سنڌ فوري طور نافذ عمل ٿيندو.

بقايا 10 عورت فوت

گوٺ پل جي ويجهو حادثي ۾ هڪ عورت فوت ٿي وئي جڏهن ته ٻه سخت زخمي ٿي پيا. حادثو تڏهن پيش آيو جڏهن ته عورتون اسڪوٽي تي سوار هيون ۽ سامهون کان ايندڙ تيز رفتار گاڏي انهن کي زور سان ٽڪر ڏني.اتي موجود ماڻهن جو چوڻ هو ته پوليس ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون ۽ زخمين کي فوري طور عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو فوت ٿيندڙ عورت جي سڃاڻپ 22 ورهين جي سميرا شيخ ڌيءَ حاتم شيخ طور ٿي آهي. جڏهن ته سخت زخمي عورت 37 ورهين جي رابعيا ناز زال شاهد علي جو اسپتال ۾ علاج جاري آهي.حادثي سبب ٽريفڪ ڪجهه وقت لاءِ متاثر رهي پوليس وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ابتدائي اطلاع مطابق حادثو تيز رفتاري ۽ لاپرواهي سبب پيش آيو

بقايا 11 پرڏيهي اڳواڻ

فنڪار آرٽس ڪائونسل جي پيٽ کي خوبصورت رنگن سان سينگارڻ ۾ مصروف آهي جيڪو پاڪستان ۽ فرانس جي دوستي ۽ ثقافتي هم آهنگي جو ڏيک آهي آهي خيال پاڪستان ۾ مقرر فرانس جي سفير پنهنجي زال سان گڏ آرٽس ڪائونسل آف پاڪستان ڪراچي جي دوري دوران ظاهر ڪيا ان موقعي تي فرانسيسي قونصل جنرل الائنس فرانسز ڪراچي جي ڊائريڪٽر ۽ الحمرا آرٽس ڪائونسل جي چيئرمين ۾ هنن سان گڏ هئا عالمي ثقافتي ميلي جي حوالي سان کين تفصيلي آگاهي پڻ ڏني وئي صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه فرانسيسي سفير جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ کين آرٽس ڪائونسل جي مختلف شعبن جو دورو ڪرايو جتي ثقافتي سرگرميون جاري هيون فرانسيسي سفير چيو ته عالمي ثقافتي ميلي ۾ پيش ڪيل مختلف ملڪن جي ثقافتي نمائشون ۽ فنون لطيفه سان لاڳاپيل پروگرام دنيا جي ثقافتن کي گڏ ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا هن آرٽس ڪائونسل جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته ڪراچي جو هي ثقافتي ميلو دنيا جي قومن کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻڻ جو پل ثابت ٿي رهيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ميلي ۾ ملڪ ۽ ٻاهرين ملڪن جا ڪيترائي فنڪار حصو وٺي رهيا آهن جيڪو پاڪستان جي ثقافتي سڃاڻپ کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ جو اهم ذريعو بڻجي رهيو آهي آخر ۾ صدر آرٽس ڪائونسل محمد احمد شاهه فرانسيسي سفير سندس زال ۽ ٻين معزز کي گلدستا پيش ڪيا.

بقايا 12 ڪٽجي فوت

ڊالپر عمر 45 سال موقعي تي ڪٽجي فوت اچي فوت آهي، ٻڌايو وڃي ٿو ته فوتي پورهيت جاٽيال ڪارخاني ۾ ڏهاڙي جي بنياد تي مزدوري ڪندو هو ۽ اوچتو هو فيڪٽري جي مشين ۾ اچي فوت ٿي ويو واقعي بعد فوتي جو لاش سيوهڻ اسپتال آندو ويو جتي فوتي جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته واقعي جو اطلاع ملڻ تي ڊالپر برادري جا ماڻهون پڻ وڏي انگ ۾ سيوهڻ اسپتال پهچي ويا. واقعي بابت لال ڪوهستان فيڪٽري جي ٺيڪيدار مهيش ديوان جو چوڻ آهي ته فوتي مزدور ڪارخاني ۾ ڪم ڪري رهيو هو ته ڪيس مٿي ۾ اوچتو چڪر اچي ويو هو ۽ ڪاٽن واري مشين ۾ اچي ويو ۽ فوت ٿي ويو ٻئي طرف ايس ايچ او سرفراز قريشي سيوهڻ اسپتال پهچي واقعي جي تفصيل ورتا ۽ چيو ته واقعي جي جاچ ڪريون ٿا ته مزدور ڪيئن فوت ٿيو آهي هوڏانهن فوتي مزدور جو مائٽ عزيز ڊالپر جو چوڻ آهي ته اسان سي سي ٽي وي ذريعي جاچ ڪئي وڃي ته ڪيئن پورهيت مشين ۾ اچي فوت ٿيو آهي يا ڪنهن دشمني ڪري ڪيس هٽ ڪري سان مشين حوالي ڪيو آهي فوتي مزدور هو ۽ 800 ڏهاڙي ڪمائي ٻچن جو پيٽ پاليندڙ هو معاملي جي جاچ ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي ٻئي طرف آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو آهي

بقايا 13 فوت

ڪلوئي ولد علي نواز ڪلوئي زخمي ٿي پيو . جنهن کي سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو . جتي زخمن جا سور نه سهندي جي فوت ٿي ويو . ڊاڪٽرن پاران فوتي جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪري ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو . فوتي جو لاش جو اطلاع گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ڪيس سوين اکين سان اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويوعلائقائي واسين موجب ته فوتي موٽر سائيڪل تي گهٽي مان وڃي رهيو هو ته ڪانڪي جي ڪرڻ سبب هيٺيان اچي دٻجي فوت ٿيو آهي

بقايا 14 زائرين فوت

سعودي عرب ۾ موجود زائرين گڏريل ڏينهن صبح جو هڪ بس ۾ مڪي کان مدينه منوره وڃي رهيا هئا ته سندن بس هڪ آئل ٽينڪر سان ٽڪرائجي وئي جنهن کان پوءِ ٻنهي گاڏين ۾ باهه لڳي وئي رپورٽ موجب بس ۾ 42 ماڻهو سوار هئا جن جو تعلق ڀارتي رياست تلنگانا جي شهر حيدرآباد سان هو ۽ انهن عمره زائرين ۾ عورتون ۽ ٻار به شامل هئا حادثي واري هنڌ امدادي ڪارروائيون جاري آهن جڏهن ته سرڪاري سطح تي اجا تائين فوتگين جي تعداد بابت تصديق ناهي ڪئي وئي ٻئي پاسي ڀارتي سياستدان اسد الدين اويسي جي حوالي سان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي اطلاعن موجب عمره زائرين جي بس کي پيش آيل حادثي ۾ 41 ماڻهو فوت ٿيا آهن شروعاتي اطلاعن موجب فوت ٿيلن ۾ گهڻو تعداد حيدرآباد جي شهرين جو آهي جن ۾ 20 عورتون ۽ 11 ٻار شامل آهن. رپورٽن موجب 40 کان وڌيڪ ماڻهو موقعي تي فوت ٿي ويا جڏهن ته سرڪاري سطح تي فوتگين جو حتمي انگ جاري ناهي ڪيو ويو

بقايا 15 آئيني عدالت جو حڪم

جسٽس جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪالهه ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻيءَ دوران درخواستگذار مؤقف اختيار ڪيو ته زندگين بچائيندڙ 41 دوائن جي رجسٽريشن بابت درخواست داخل ڪئي هئي جنهن مان 30 جي رجسٽريشن مڪمل ٿي چڪي آهي جڏهن ته انهن دوائن جي مارڪيٽ ۾ دستيابيءَ بابت اجا تائين مڪمل معلومات فراهم نه ڪئي وئي هن چيو ته ڊريپ گڏريل ٻڌڻيءَ تي دوائن جي دستيابيءَ بابت تفصيل ويب سائيٽ تي جاري ڪرڻ جو وعدو ڪيو هو پر گهڻيون دوائون اجا به ويب سائيٽ تي ظاهر نه ڪيون ويون. ڊريپ جي وڪيل مؤقف اختيار ڪيو ته مختلف دوائن خاص ڪري شوگر جي دوائن جون قيمتون ڪنٽرول ڪيون پيون وڃن ۽ زندگي بچائيندڙ دوائن بابت چارٽ ويب سائيٽ تي فراهم ڪئي پئي وڃي چيف جسٽس امين الدين خان ريمارڪس ڏيندي چيو ته درخواستگذار عوامي مفاد لاءِ عدالت سان رجوع ڪيو آهي حڪومت جي ذميداري آهي ته هو عوام کي دوائن جي مسلسل فراهمي يقيني بڻائي بعد ۾ عدالت ڊريپ کان دوائن جي دستيابيءَ جي حوالي سان تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي ٻڌڻي اڻڄاڻايل مدي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 16 اعلان

خان چيو آهي ته ملڪ جي سڀني ضلعن ۾ يوم تاسيس سلسلي ۾ پروگرام منعقد ڪيا ويندا. سيڪريٽري جنرل همايون خان طرفان جاري ڪيل هدايتن ۾ چيو ويو آهي ته پارٽي جا سڀ ضلعي عهديدار پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ يوم تاسيس جي تيارين جو بندوبست ڪن. يوم تاسيس جي موقعي تي پيپلز پارٽي جي پنج ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تي مشتمل جدوجهد کي اجاگر ڪيو ويندو.پيپلز پارٽي پيرا ميڊيڪل ونگ جا ذميوار ۽ ڪارڪن به پارٽي قيادت جي هدايتن تي عمل ڪندي يوم تاسيس جي موقعي تي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪندا.

بقايا 17 سعدير جاويد

لوڪل گورنمينٽ کي سڀ کان وڌيڪ نقصان ايم ڪيو ايم پهچايو انهن کي اختيار نه پر پنهنجو پيداگيري وارو نظام گهرجي، جيڪو لنگڙي، ٽي ٽي ۽ سپاريءَ تي هلندو آهي. سعدير جاويد الزام هنيو ته ايم ڪيو ايم اڳواڻن کي پنهنجي هر ناڪامي ڪاميابي نظر ايندي آهي ۽ استعيفن جو ڪارڊ استعمال ڪري سياست ۾ بليڪ ميلنگ ڪندا رهيا آهن. ترجمان چيو ته ڪراچي کي برباد ڪندڙ غير قانوني ڀرتيون ڪرائيندڙ ۽ ڀتو وٺندڙ اڄ ڪراچي جو روئڻ پيا رکن. پنجاب جي تعريف ڪرڻ وارا پنجاب جو بلدياتي نظام به ڏسي وٺن. سعدير جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم اڳواڻ پنهنجي جعلي مينڊيٽ تي نه هجن بلدياتي نظام کي پنهنجي گهر جو نظام سمجهي هلائڻ هاڻي ممڪن نه آهي. سندن موجب ظلم جبر ۽ ڪوڙي مينڊيٽ تي ڪراچي تي راڄ ڪندڙن کي شهر مستقل طور رد ڪري ڇڏيو آهي هاڻي انهن وٽ رڙيون ڪرڻ ڪانسواءِ ڪجهه نه بچيو آهي. آخر ۾ سعدير جاويد چيو ته سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه گڏ رهندي، سنڌ کي ٽوڙڻ جا خواب ڏسندڙ پاڻ ٽٽي چڪا آهن.

بقايا 18 گرفتار

وٺي ڇڏيو. داؤود ڪياني خلاف اسٽيل ٽائون ٿاڻي ۾ پيڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل آهي، جيڪو پيپلز پارٽي جي اڳواڻ مير عباس جي مدعيت ۾ داخل ڪرايو ويو هو.پاڪستان اسٽيل ملز جي انتظاميه ڪجهه ڏينهن اڳ پي پي جي اڳواڻ خلاف احتجاج ڪرڻ تي داؤود ڪياني تي ڪيس داخل ڪرايو هو.

بقايا 19 پورهيت فارغ

روزگار کسڻ شروع ڪري ڇڏيو آهي،بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ هونڊا ڪمپني پنهنجي حقن لاءِ احتجاج ڪندڙ 50 کان وڌيڪ ڊرائيورن سميت ٻين مزدورن کي بيروزگار ڪندي فارغ ڪري ڇڏيو آهي ۽ نيڪالي ڏئي پورهيت پنهنجو سامان کڻي گهر نڪري ويا آهن.هونڊا ڪمپني ۾ مزدورن پاران گهٽ پگهار ڏيڻ،ناجائز ڪٽوتين سميت کاڌو پاڻي صحيح نه ملڻ خلاف مسلسل 48 ڪلاڪ ڪم ڇڏ هڙتال ڪندي احتجاج جاري رکيو.ڪمپنين پاران پوليس ذريعي احتجاج ڪندڙن کي ڌمڪائڻ باوجود احتجاج ختم ڪرڻ بعد احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ 50 کان وڌيڪ مزدورن کي ٽارگيٽ جو نشانو بڻائي نيڪالي ڏئي ڇڏي آهي،جنهن سبب آهي پورهيت پنهنجن ئي وسيلن تان ترڇي ويا آهن باقي رهيل مزدورن کي نيڪالي ڏيڻ لاءِ ڪوششون جاري ٻڌايون پيون وڃن،جڏهن ته بلاڪ ون تي ڪم ڪندڙ ڪمپنين وٽ قانون نالي ڪا شئي ناهي،ڪمپنين جا عملدار پنهنجي ڏاڍاگيري جاري رکندي مقامي پورهيتن سان زيادتيون ڪري رهيا آهن،انهي سلسلي ۾ احتجاج ڪندڙ پورهيتن جو چوڻ آهي ته سائينو سنڌ ڪمپني جي ماتحت جيڪي به ڪمپنيون ڪم ڪري رهيون آهن اهي مقامي مزدورن کي تنگ ڪري پڄائڻ ۾ رذل آهن،هونڊا ڪمپني جا آفيسر مقامي مزدورن کي انسان تسليم نه ٿا ڪن،هو ٿري پورهيتن کي نيڪالي ڏئي ڌارين کي روزگار تي لڳائي رهيا آهن،اسان کي پگهارون گهٽ ڏيڻ سميت سمورين سهولتن کان محروم رکيو ويو آهي،بلاڪ ون تي ڪا به پاليسي ڪونهي،ڪالهه ڪمپنين ڊرامو رچائيندي هونڊا ڪمپني کي ڪم ڪرڻ کان روڪڻ جو شوشو ڇڏي نئين چائنيز اسٽيٽ ڪمپني کي آندو آهي ۽ انهي ڪمپني ۾ مينيجمينٽ ساڳي هونڊا ڪمپني واري کي رکيو ويو آهي

بقايا 20 پٽ جو بيان

عوامي ليگ تان پابندي نه هٽائي وئي ته عوامي ليگ جا حامي فيبروري ۾ چونڊون ٿيڻ نه ڏيندا ۽ احتجاج تشدد جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو پرڏيهي ميڊيا موجب واشنگٽن ۾ رهندڙ شيخ حسينه واجد جي پٽ سجيب واجد جو اهو بيان ڍاڪا جي عدالت جي فيصلي کان هڪ ڏينهن اڳ سامهون آيو جنهن ۾ 78 سالن جي شيخ حسينه واجد کي 2024ع ۾ شاگردن جي مظاهرن تي ڪريڪ ڊائون ۽ انسانيت خلاف ڏوهن جي الزام ۾ عدم حاضري جي سزا ٻڌائڻ جو امڪان آهي سجيب واجد چيو ته ڀارت سندس والده کي مڪمل تحفظ فراهم ڪري رهيو آهي ۽ ساڻس مملڪت جي سربراهه وانگر سلوڪ ڪري رهيو آهي واجد چيو ته ان ڳالهه تي ٻه شڪ ناهي ته عدالت سندس والده کي ڏوهي قرار ڏئي يا ان کي موت جي سزا ٻڌائي پر اهي عمل ڪيس ڪجهه نٿا ڪري سگهن ڇاڪاڻ ته سندس والده هن وقت ڀارت ۾ آهي جتي کيس ڀرپور تحفظ فراهم ڪيو پيو وڃي سجيب واجد چيو ته هو ان وقت تائين اپيل نه ڪندو جيستائين چونڊيل حڪومت جمهوري طور تي عوامي ليگ جي شموليت سان حڪومت نئي سنڀالي وڃي واضح رهي ته عوامي ليگ جي رجسٽريشن معطل آهي ان وقت ختم ڪئي وئي هئي جڏهن عارضي حڪومت قومي سلامتي کي لاڳو خطرن ۽ سينئر قيادت کي جنگي ڏوهن جي جاچ جو حوالو ڏيندي ان جي سياسي سرگرمين تي پابندي لڳائي هئي سجيب واجد چيو ته اسان عوامي ليگ کان سواءِ اليڪشن نه ٿيڻ ڏينداسين اسان جو احتجاج مضبوط کان به مضبوط ٿي رهيو آهي جيستائين عالمي برادري ڪجهه نئي ڪري اسان کي جيڪو ڪجهه به ڪرڻو پيو اسان ڪنداسين چونڊن کان اڳ تشدد ۽ ويڙهه ٿي سگهي ٿي ٻئي پاسي حڪومت جي ترجمان جو چوڻ آهي ته عوامي ليگ تان پابندين هٽائڻ جو في الحال ڪو به منصوبو غور هيٺ ناهي ترجمان موجب عارضي حڪومت ڪنهن به قسم جي ڇڙ ڊيارڻ خاص ڪري جلاوطن قيادت طرفان ڪيل ڌمڪين کي انتهائي غير ذميوارانو ۽ مذمت جوڳو سمجهي ٿي ترجمان چيو ته في الوقت عوامي ليگ لاءِ ڳالهين جي ڪا به گنجائش ناهي ڇاڪاڻ ته اها پنهنجي دور ۾ انسانيت خلاف ڪيل ڏوهن تي پشيماني ۽ احتسابي عمل کان انڪار ڪري رهي آهي جن تي انٽرنيشنل ڪرائيمز ٽربيونل تحت ڪيس به شامل آهي ياد رهي ته 17 ڪروڙ آبادي وارو ملڪ بنگلاديش دنيا جي سڀ کان وڏي گارمينٽس جي ايڪسپورٽرز مان هڪ آهي جيڪو وڏين عالمي برانڊز جو سامان سپلاءِ ڪندو آهي.

بقايا 21 حڪم

احتجاج تي ڪريڪ ڊائون جو حڪم ڏيڻ تي ڏوهي قرار ڏنو ويو پرڏيهي خبرن اداري موجب اڳوڻي وزيراعظم تي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس موت جي سزا ٻڌائي وئي ڪالهه عدالت ۾ ڪيس جي ٻن ملزمن مان صرف هڪ موجود هو اڳوڻي آءِ جي پوليس چوڌري عبدالله الماسون ڏوهه جي صحت قبول ڪئي هئي ۽ هو سلطاني شاهد بڻجي ويو ڪيترن ئي مهينن تائين جاري رهندڙ ٽرائل ۾ پراسيڪيوشن جي دعوي رهي آهي ته شيخ حسينه واجد گڏريل سال جولاءِ ۾ پنهنجي حڪومت خلاف شروع ٿيل مظاهرن دوران طاقت جو استعمال ڪندي انسانيت خلاف ڏوهه ڪيا. هلندڙ سال اڳوڻي وزيراعظم شيخ حسينه واجد جي فون جي هڪ اهڙي آڊيو جي تصديق ڪئي جنهن مان خبر پئي ته گڏريل سال بنگلاديش ۾ شاگردن جي سربراهيءَ ۾ حڪومت مخالف مظاهرن خلاف سخت ڪريڪ ڊائون ڪرڻ جو حڪم هن ئي ڏنو هو ان آڊيو ۾ شيخ حسينه واجد کي اهو چوندي ٻڌي سگهجي ٿو ته هو سيڪيورٽي فورسز کي اجازت ڏئي ٿي ته مظاهرين خلاف خطرناڪ هٿيار استعمال ڪيا وڃن جتي به ڪين ڏٺو وڃي ته گولي هڻي وڃي ان رڪارڊنگ ۾ شيخ حسينه واجد کي هڪ سينئر حڪومتي اهلڪار سان ڳالهائيندي ٻڌي سگهجي ٿو جيڪو هن وقت تائين سامهون ايندڙ سڀ کان اهم ثبوت آهي هن حڪومت مخالف مظاهرن تي گولي هلائڻ جو حڪم ڏنو هو ڪالهه بنگلا قومي ٽيليويزن تي سڌيءَ ريت نشر ٿيندڙ ٻڌڻيءَ ۾ جج غلام مرتضيٰ ڍاڪا جي پرهيل عدالت ۾ فيصلو پڙهي ٻڌايو ته انسانيت خلاف ڏوهن جون سموريون گهرجون پوريون ٿي چڪيون آهن ڪيس دوران پراسيڪيوٽر عدالت کي ٻڌايو ته کين ان ڳالهه جون شاهديون مليون آهن ته شيخ حسينه واجد جولاءِ ۽ آگسٽ 2024ع ۾ شاگردن جي اڳواڻيءَ ۾ احتجاج کي دٻائڻ لاءِ خطرناڪ هٿيار استعمال ڪرڻ جا سڌيءَ ريت حڪم ڏنا هئا. هڪ رپورٽ موجب 15 جولاءِ کان 5 آگسٽ 2024ع دوران احتجاج ۾ تقريبن 1400 ماڻهو قتل ۽ هزارين زخمي ٿيا، جن ۾ اڪثر سيڪيورٽي فورسز جي فائرنگ سبب متاثر ٿيا شيخ حسينه واجد جي نمائندگي هڪ رياستي مقرر ڪيل وڪيل ڪئي جنهن عدالت کي ٻڌايو ته هن تي لڳايل الزام بي بنياد آهن ۽ هن جي بريت جي درخواست ڪئي. 78 سالن جي شيخ حسينه واجد عدالت جي حڪمن جي پڇڪڙي ڪندي ڀارت مان واپس اچي ڪيس ۾ پيش ٿيڻ کان انڪار ڪيو هو گڏريل سال هڪ وڏي احتجاجي تحريڪ ۽ مظاهرن کان پوءِ شيخ حسينه واجد جو 15 سالن جو حڪمراني وارو دور ختم ٿيو ۽ هوءِ پاڙيسري ملڪ ڀارت هلي وئي هئي ۽ هاڻ اتي رهي ٿي جيڪڏهن ڪڏهن واجد کي ان انٽرنيشنل ڪرائيمز ٽربيونل موت جي سزا ٻڌائي جيڪو هن پاڻ قائم ڪيو هو انٽرنيشنل ڪرائيمز ٽربيونل (آءِ سي ٽي) 2010ع ۾ شيخ حسينه واجد جي عوامي ليگ حڪومت 1971ع جي آزاديءَ جي جنگ دوران پيش ايندڙ ظلمن جي ذميوارن جو احتساب ڪرڻ لاءِ بڻايو ويو هو شروعاتي سالن ۾ ان ٽربيونل ڪيترن ئي اهم اڳواڻن خلاف ڪارروايون ڪيون، خاص ڪري بنگلاديش جي جماعت اسلامي، نيشنلسٽ پارٽي جي سينئر سياستدانن کي جنگي ڏوهن ۾ سزا ٻڌائي وئي، جن مان ڪجهه کي ڦاسي ڏني وئي جڏهن ته عالمي انساني حقن جي تنظيمن ٽربيونل جي نيوٽرل شاهدن جي کوٽ، تيز رفتار ڪارروايون ۽ سياسي انتقام جا الزام لڳايا. حسينه واجد جي حڪومت ان اعتراضن کي هميشه رد ڪيو بنگلاديش جي برطرف وزيراعظم شيخ حسينه واجد پاڻ خلاف عدالتي فيصلي کان اڳ حامين لاءِ هڪ آڊيو پيغام جاري ڪيو هو جنهن ۾ هن پنهنجي حامين کي همت نه هارڻ جي هدايت ڪئي هئي. پيغام ۾ هن چيو ته محمد يونس جي عارضي حڪومت عوامي ليگ کي چونڊن ۾ حصو وٺڻ کان روڪڻ چاهي ٿي اڳوڻي وزيراعظم لڳايا ته سندس مخالفن لڳايل الزام ڪوڙا آهن ۽ هوءِ انهن فيصلن جي پرواهه نٿي ڪري، عوامي ليگ هيٺين سطح تي بچي وڃڻ ۾ اڳتي آهي ۽ هن اقتدار ڪنهن غاصب جي کيسي مان ناهي آيو سندس پارٽي کي ختم ڪرڻ ايترو آسان ناهي آڊيو پيغام ۾ هن نوبل انعام يافته محمد يونس تي الزام لڳايا ته هو آئين جي پچڪڙي ڪري چونڊيل نمائندن کي زبردستي هٽائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو چيو ته عوام جو پاڻ انصاف ڪندو ۽ بنگلاديش کي صحيح رخ تي آڻيندو هن پنهنجي حامين کي خاطري ڪرائي ته عدالت جو فيصلو کيس روڪي نٿو سگهي ۽ چيو ته هوءِ پنهنجي ملڪ جي عوام لاءِ ڪم جاري رکندي سون کي پريشان ٿيڻ جي ضرورت ناهي مان زندهه آهيان ۽ الله تعاليٰ سون کي زندگي ڏني آهي اهوئي ان کي واپس وٺندو هن انساني حقن جي پچڪڙين جي الزامن کي رد ڪندي چيو ته هن 10 لک روهنگيا جي پناهگيرن کي تحفظ ڏنو ۽ هاڻ ان تي اهي ابتڙ الزام لڳايا پيا وڃن شيخ حسينه واجد حامين کي ٻڌايو ته ماڻهن جي احتجاج جي سڌ تي فوري ردعمل ڏئي چڪا آهن ۽ عوام ان تي اعتماد جو اظهار ڪيو آهي هن چيو ته هوءِ پنهنجي والدين ڀيڻ ۽ ڀائرن کي وڃائي چڪي آهي ۽ ان جو گهر به ساڙيو ويو پر هوءِ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ ڪم جاري رکندي شيخ حسينه واجد 1947ع ۾ اوڀر بنگال ۾ پيدا ٿي ۽ سياست ان جي رت ۾ وسيل آهي هوءِ قوم پرست اڳواڻ شيخ مجيب الرحمان جي ڌيءُ آهي جنهن کي بنگلاديش جو بنگال بنڌو يعني باباءِ قوم قرار ڏنو وڃي ٿو سندس قيادت ۾ بنگلاديش پاڪستان کان ڌار ٿيو هو ۽ هو 1971ع ۾ ملڪ جو پهريون صدر بڻيو هو ان وقت کان ئي شيخ حسينه واجد پاڻ کي ڍاڪا يونيورسٽيءَ جي هڪ شاگرد اڳواڻ طور مڃرايو هو 1975ع ۾ فوجي بغاوت جي نتيجي ۾ شيخ مجيب الرحمان ۽ ان جي ڪٽنب جي ڪيترن ئي ماڻهن کي قتل ڪيو ويو هو ۽ ان حملي ۾ صرف شيخ حسينه واجد ۽ ان جي ننڍي ڀيڻ بچيون هيون ڇاڪاڻ ته اهي ان وقت ملڪ ۾ نه هيون هن ان دوران ڀارت ۾ جلاوطني اختيار ڪئي ۽ 1981ع ۾ بنگلاديش واپس موٽي ۽ پنهنجي والد جي پارٽي عوامي ليگ جي سربراهه مقرر ٿي وئي هن جنرل حسين محمد ارشاد جي فوجي حڪومت دوران ٻين سياسي پارٽين سان گڏجي جمهوريت جي حمايت ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ان تحريڪ شيخ حسينه واجد جي مقبوليت جي بلنديءَ تي پهچائي ڇڏيو ۽ هوءِ هڪ قومي اڳواڻ طور اڀري هوءِ 1996ع ۾ پهريون ڀيرو ملڪ جي وزيراعظم بڻي

بقايا 22 رهائشگاهه پهتو

ڪراچي ۾ نوابزاده جام ڪرم علي خان ۽ پرنس جام قائم علي جي رهائشگاهه تي پهتو اڳواڻن وچ ۾ ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال سميت مختلف معاملن تي ڳالهيون ٿيون وزيراعظم سان گڏ وفاقي وزير اطلاعات ۽ نشريات عطاالله تارڙ وزير ريلوي حنيف عباسي ۽ معاون خصوصي طلحه برڪي پڻ موجود هئا ملاقات دوران ڪراچي ۾ مقرر دوست ملڪ جي قونصلٽ جنرلز به شرڪت ڪئي

بقايا 23 چونڊجي ويو

جنهن ڪانپوءِ ايوان ۾ ووٽنگ ڪرائي وئي 53 رڪني ايوان ۾ وزيراعظم جي چونڊ لاءِ 27 ووٽ گهربل هئا جڏهن ته فيصل ممتاز راٺوڙ 36 ووٽ حاصل ڪري واضح برتري سان ڪاميابي حاصل ڪئي بي اعتمادي رٽ جمعي ڏينهن 14 نومبر تي اسيمبلي ميمبرن چوڌري قاسم مجيد، سردار جاويد ايوب، ملڪ ظفر اقبال، علي شان سوني ۽ محمد رفيق نيئر جمع ڪرائي هئي ووٽنگ ۾ پيپلز پارٽي جي 17 ميمبرن سميت مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي 9 ميمبرن ۾ فيصل ممتاز راٺوڙ جي حق ۾ ووٽ ڏنو جنهن سان بي اعتمادي رٽ ڪامياب ٿي اجلاس جي صدارت اسپيڪر چوڌري لطيف اڪبر ڪئي ووٽنگ کان اڳ اڳوڻي وزيراعظم انوارالحق چوڌري ايوان کي خطاب ڪندي فيصل ممتاز راٺوڙ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ۽ سياسي عمل کي خير خيريت سان اڳتي وڌائڻ جي ضرورت تي زور ڀريو نئين چونڊيل وزيراعظم کي مبارڪ ڏيندي چيو ته مخالف ڌرين اڳواڻ خواجه فاروق احمد سميت مسلم ليگ (ن) آزاد ڪشمير جي صدر شاهه غلام قادر اڳوڻو وزيراعظم سردار تنوير الياس ۽ پ پ جو سينئر اڳواڻ چوڌري ياسين شامل هئا. سمورين پارٽين جي ميمبرن اميد ظاهر ڪئي ته فيصل ممتاز راٺوڙ آزاد ڪشمير جي عوام جي خدمت ۽ گورننس جي بهتري لاءِ اثرائتو ڪردار ادا ڪندو فيصل ممتاز راٺوڙ موجوده اسيمبلي جو چوٿون وزيراعظم هوندو ووٽنگ کان اڳ شهر ۾ سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا، حلف برداري لاءِ پ پ جي مرڪزي قيادت جي شرڪت جو امڪان آهي نئين حڪومت ۾ به وڏا سياسي چيلينجز آهن اليڪشن ڪميشن جي معاهدن تي عملدرآمد نئين حڪومت لاءِ وڏو چيلينج آهي ان کان سواءِ ڪابينا کي 20 وزيرن تائين محدود رکڻ به نئين حڪومت لاءِ وڏي آزمائش هوندي عالمي اداري جي 78هين عالمي اسيمبلي جي فيصلي تحت عالمي سطح تي تسليم ڪيو ويو

بقايا 24 عطاءُ الله تارڙ

مختلف شعبن ۾ تعاون جي هٿي ملي رهي آهي پاڪستان نه رڳو صحيح قدم کنيا پر اهڙي پاليسي اختيار ڪئي جنهن تحت ان کي سفارتي ميدان ۾ ڪيترين ئي ڪاميابيون مليون اهي ڪاميابيون سول ۽ فوجي قيادت بشمول وزيراعظم محمد شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي وچ ۾ موجود مثالي هم آهنگي جو نتيجو آهن اهڙن خيالن جو اظهار هن ڪالهه سومر ڏينهن صنوبر انسٽيٽيوٽ جي اهتمام هيٺ "بدلجندڙ دنيا ۽ پاڪستان جو ڪردار" جي عنوان سان منعقد مباحثي کي خطاب ڪندي ڪيو اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته پي ٽي آءِ جي دور ۾ دوست ملڪ ناراض هئا ۽ موجوده حڪومت جي دور ۾ پاڪستان انتهائي مختصر عرصي ۾ پرڏيهي پاليسي جي ڏس ۾ نمايان اهميت هيٺ حاصل ڪري ورتي گڏريل ٻن سالن جا واقعا خاص طور تي مئي جي جنگ ڪانپوءِ جي صورتحال اسان جي قومي تشخص کي هڪ نئون رخ ڏنو آهي. وفاقي وزير چيو ته پهلگام واقعي ڪانپوءِ وزيراعظم محمد شهباز شريف ان سانحي جي غيرجانبدار ۽ شفاف جاچ جي آڇ ڪئي پاڪستان تي اڪثر اهڙن دهشتگرد حملن جو الزام هنيو ويندو رهيو آهي جڏهن ته حقيقت اها آهي ته دهشتگردي تي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر هجڻ جي باوجود پاڪستان جي خلاف باقاعده پروپيگنڊه ڪئي وئي ۽ اسان کي ئي دهشتگردي جو ذميوار قرار ڏنو ويندو رهيو هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي خلاف بي پناهه قربانيون ڏنيون آهن. اسان 90 هزار جانين جي قرباني ڏني آهي دنيا جي ڪنهن ملڪ دهشتگردي جي خلاف ايتري وڏي قرباني ناهي ڏني هن چيو ته پاڪستان دهشتگردي جي خلاف جنگ ۾ اربين ڊالر جو نقصان برداشت ڪيو اسان دهشتگردن ۽ باقي دنيا جي وچ ۾ هڪ ڍال جو ڪردار ادا ڪري رهيا آهيون ۽ جڏهن ڪو پاڪستاني پنهنجي جان قربان ڪري ٿو ته اهو رڳو ملڪ جي لاءِ نه پر دنيا کي محفوظ بڻائڻ جي لاءِ به آهي هن چيو ته ايترين قربانين ڏيڻ ۽ اڳيئون وڃڻ ممڪن نه آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي ته دنيا اسان جي ڪهاڻي ٻڌي ۽ ان کي صحيح انداز ۾ سمجهي. هن چيو ته جنگ کان اڳ جاچ جي آڇ ڪري اسان اهو پيغام ڏنو ته اسان جا هٿ صاف آهن ۽ اسان جو موقف دنيا تسليم ڪيو هن موڙ تي اسان جي دوستن ۽ اتحادين سان لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ٿيا. وفاقي وزير چيو ته جاچ جي آڇ ڪري پاڪستان هڪ موثر سفارتي قدم کنيو جنهن کي سڄي دنيا ۾ ساراهيو ويو ان ڪانپوءِ وزيراعظم فيلڊ مارشل ۽ نائب وزيراعظم جي سطح تي وسيع سفارتي رابطا ٿيا جن پاڪستان جي بيانيي کي دنيا آڏو رکڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو مسلسل سفارتي رابطن پاڪستان کي دنيا آڏو پنهنجو موقف موثر طريقي سان پيش ڪرڻ ۾ مدد ڏني هن چيو ته دنيا بدلجي رهي هئي ۽ پاڪستان به تبديل ٿيو اسان هڪ فعال سفارتي تبديلي ڏٺي جو ته پاڪستان سفارتڪاري کي انتهائي سنجيدگي سان ورتو اسان بيانيي کي موثر انداز ۾ پيش ڪرڻ تي ڌيان ڏنو پاڪستان جي موقف کي عالمي ميڊيا تي پهچائڻ منهنجي ذميواري هئي ۽ اسان هر ممڪن ڪوشش ڪئي ته اهو پيغام دنيا تائين پهچي هن چيو ته اسان وٽ سچ هو طاقت هئي انهي ڪري ئي جڏهن پاڪستان پنهنجي ڳالهه صحيح انداز ۾ پيش ڪئي ته دنيا ان کي ٻڌو ۽ ان جو اثر ٿيو موثر سفارتڪاري سان گڏ صحيح معلومات تي ٻڌل مهم جي ذريعي غلط معلومات ۽ پروپيگنڊه جو ڪاميابي سان مقابلو ڪيو ويو هن چيو ته پاڪستان هر محاذ تي موجود هو ۽ صحيح معلومات فراهم ڪرڻ ۽ ڊي جي آءِ ايس پي آر سان قائم مثالي هم آهنگي ساراهه جوڳي هئي جنهن ڪانسواءِ اها ڪاميابي ممڪن نه هئي. هن چيو ته بيانيي جي محاذ تي پاڪستان ڪامياب رهيو ۽ سفارتي محاذ تي به اسان کي ڪاميابي ملي جڏهن حقيقت ۾ معاملو ڪارروائي تائين پهتو ته الله جي فضل سان اسان 7 ڀارتي جهاز ڪيرايا هئا. هن چيو ته جڏهن پاڪستان کي جارحيت جو منهن ڏيڻو پيو ته ان جو ڀرپور جواب ڏنو ويو جنهن اسان جي عسڪري طاقت کي واضح طور تي ثابت ڪيو اهڙي طرح بيانيي جي جنگ ۽ سفارتي محاذ ٻنهي ۾ ڪاميابي حاصل ٿي ۽ جڏهن اصل جنگ جو وارو آيو ته پاڪستان شاندار ڪارڪردگي ڏيکاري ۽ رڳو چئن ڪلاڪن جي اندر جنگبندي جي درخواست ڪرڻي پئي جنهن مان اهو واضح ٿيو ته پاڪستان واقعي بدلجي چڪو آهي هن چيو ته هڪ قوم جي طور تي جيڪو اتحاد اسان ڏيکاريو ان کي تسليم ڪرڻو پوندو پاڪستاني عوام جي حوصلا مندي ۽ يڪجهتي اختلافن کي پٺتي ڇڏي ڇڏيو ۽ اڳيون ايوان ۾ خطاب ڪندي چئي رهيو آهي ته اڄ ڪو سياسي پوائنٽ اسڪور ڪرڻ جو موقعو نه آهي اسان سڀ هڪ پيج تي هئاسين ۽ گڏ ٿي دشمن جو مقابلو ڪرڻ جي لاءِ پرعزم هئاسين ۽ الحمدالله اهو ئي ٿي رهيو هن چيو ته سوشل ميڊيا تي نوجوانن اهڙا ميمز ٺاهيا هئا جن دشمن کي لاجواب ڪري ڇڏيو جنگ سنجيدگي جو معاملو هوندو آهي پر اسان جي نوجوان نسل پنهنجي انداز ۾ دشمن جي خلاف هڪ موثر محاذ سنڀاليو هن چيو ته نوجوان پاڻ ذميواري وٺندي جي ڊيجيٽل محاذ تي پاڪستان جي لاءِ جنگ وڙهي هن چيو ته ڊيجيٽل دنيا ۾ ماڻهو ٻن قسمن جا هوندا آهن هڪ ڊيجيٽل نيٽيوز ۽ ٻيا ڊيجيٽل اميگرينٽس ڪجهه وقتن تي ڊيجيٽل اميگرينٽس کي ڊيجيٽل ميڊيا جي حقيقتن کي سمجهڻ ۾ وقت لڳي ٿو ۽ ڊيجيٽل دور ۾ پيدا ٿيندڙ ڊيجيٽل نيٽيوز ان کي اسان کان اڪثر بهتر سمجهن ٿا اهو ئي سبب آهي جو ڊيجيٽل نيٽيوز پنهنجي جدا حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ انهي جي ذريعي ان محاذ تي ڪاميابي حاصل ڪئي هن چيو ته مڪمل هم آهنگي ۽ يڪجهتي پاڪستان کي ڪاميابي ڏياري ۽ اڄ پاڪستان عالمي سطح تي اهميت اختيار ڪري چڪو آهي غزه جي صورتحال ۽ جنگبندي جي معاملن ۾ پاڪستان انهن عرب ۽ اسلامي ملڪن ۾ شامل آهي جن امن قائم ڪرڻ ۾ ثالثي ۽ ڳالهه ٻولهه ۾ حصو ورتو آخرڪار جنگبندي ممڪن بڻائي هن چيو ته اها پاڪستان جي لاءِ هڪ وڏي ڪاميابي آهي ته دنيا جي ملڪن ان کي سنجيدگي سان ورتو ۽ تسليم ڪيو ته اسان جا مشورا ۽ موقف انتهائي اهم ۽ لاڳاپيل آهن هن سال پاڪستان ۾ ڪيترائي اعليٰ سطحي دورا ٿيا گڏريل ڏيڍ سال ۾ پاڪستان جون سفارتي مصروفيتون عروج تي رهيون ان دوران اسان ايس سي او سمٽ جي ميزباني ڪئي ۽ 14 سالن ڪانپوءِ 12 وزيراعظم پاڪستان جي دوري تي آيا. اسلام آباد ايندڙ حڪومتي سربراهن اسٽريٽجڪ لاڳاپن علائقائي تعاون دهشتگردي جي خاتمي ۽ علائقائي رابطن تي ڳالهه ڪئي ۽ سمورا معاملا مسلسل غور هيٺ آهن وفاقي وزير چيو ته عالمي لاڳاپن جي روشني ۾ پاڪستان 2027ع ۾ ايس سي او هيڊ آف اسٽيٽ سمٽ جي ميزباني ڪندو جيڪو بنا ڪنهن شڪ جي هڪ وڏو ايونٽ هوندو هن چيو ته سعودي عرب سان اسٽريٽجڪ ميوچل ڊفينس ايگريمينٽ پاڪستان جي لاءِ اهم تاريخي قدم ثابت ٿيو عوام ان تي فخر ڪيو جڏهن ته رياض ۾ 25 ڪلوميٽر فاصلي تائين پاڪستاني جهنڊو بلند ۽ مسلسل لڙڪائيندو رهيو هن چيو ته گڏريل دوري ۾ اقتصادي تعاون جي فريم ورڪ جي شروعات پاڪستان جي معيشت جي بحالي جي حوالي سان سعودي عرب سان لاڳاپا وڌيڪ مستحڪم ڪيا اقتصادي بهتري جي حوالي سان اها هڪ اهم ڪاميابي آهي چو ته پاڪستان جي ريٽنگز ۽ ميڪرو اڪنامڪ انگ اکر بهتر ٿيا آهن ۽ عالمي مالياتي ادارا پاڪستان جي اقتصادي ڪارڪردگي کي ساراهي رهيا آهن هن چيو ته حڪومت معيشت کي بحران مان ترقي جي راهه تي وٺي ڇڏيو آهي ۽ پرڏيهي لاڳاپن جي اڪيلائپ کان عالمي اهميت تائين پهچايو آهي ۽ نعرا حڪومت جي ڪارڪردگي جي گهڻي ريت بيان ڪن ٿا ته الحمدالله اسان معيشت ۽ پرڏيهي پاليسي ٻنهي ۾ نمايان اڳڀرائي ڪئي آهي اها وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جو مستقبل روشن آهي هن چيو ته افغانستان جي معاملي ۾ ۽ پاڪستان وٽ ناقابل ترديد ثبوت موجود آهن ته افغان سرزمين دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيندي رهي آهي هر وڏي واقعي جي جاچ ۾ ڪنهن نه ڪنهن جڳهه تي افغان شهري جو تعلق ضرور سامهون اچي ٿو ۽ ان صورتحال جي حوالي سان پاڪستان منهن ڏئي رهيو آهي ان حوالي سان پاڪستان جو واضح ۽ مضبوط موقف آهي هن چيو ته موجوده صورتحال ۾ پاڪستان جي معيشت، غيرملڪي سيڙپڪاري، اسٽريٽجڪ لاڳاپن بشمول علائقائي ۽ عالمي واپار ۽ ڪاروبار انتهائي پراميد آهن ۽ هيستائين نتيجا به شاندار رهيا آهن هن چيو ته گڏريل مهيني اسان جو ملائيشيا جو نمايان دورو به ٿيو

بقايا 25 خارج

ڪري ڇڏي لاهور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پي ٽي آءِ باني جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي سومر ڏينهن ٻڌڻي تي درخواست گذار جو وڪيل پيش نه ٿيو جنهن تي عدالت درخواست خارج ڪري ڇڏي ان کان اڳ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل عمر وقاص سيال رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي رپورٽ ۾ ٻڌايو ويو ته پي ٽي آءِ باني خلاف سڄي پنجاب ۾ ڪل 107 ڪيس داخل آهن پي ٽي آءِ باني جو وڪيل عدالت ۾ پيش نه ٿيو جنهن تي عدالت پي ٽي آءِ باني طرفان داخل درخواست پيروي نه ٿيڻ سبب خارج ڪري ڇڏي

بقايا 26 قرار

تي لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏيندي ڪيس اڪلائي ڇڏيو وفاقي آئيني عدالت جي چيف جسٽس امين الدين خان جي سربراهيءَ ۾ 3 رڪني بينچ ڪالهه لاهور هاءِ ڪورٽ جي فيصلي خلاف داخل اپيل تي ٻڌڻي ڪئي ٻڌڻيءَ دوران ڪوبه وڪيل عدالت ۾ پيش نه ٿيو عدالت رڪارڊ جو جائزو وٺڻ ڪانپوءِ قرار ڏنو ته لاهور هاءِ ڪورٽ جو فيصلو برقرار نٿو رکي سگهجي ۽ ان کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي ٿو بينچ ريمارڪس ڏنا ته جيڪڏهن عدالتي فيصلي سان ڪا ڌر متاثر ٿئي ٿي ته هو لاڳاپيل فورم تي رجوع ڪرڻ جو حق رکي ٿي واضح رهي ته لاهور هاءِ ڪورٽ ڪنگ ايڊورڊ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر اسد اسلم جي مقرريءَ کي چيلينج ڪندڙ درخواستن تي ان جي مقرري خلاف ڪري ڇڏي هئي جنهن درخواستگذار افتخار احمد مقرريءَ جي عمل کي چيلينج ڪيو هو جڏهن ته ڪيس 8 سالن تائين سپريم ڪورٽ ۾ ٻڌڻيءَ لاءِ مقرر نه ٿي سگهيو هو

بقايا 27 سندون پيش

اعتماد جو اظهار ڪيو ته انهن جون مقررين پاڪستان جي انهن چئن ملڪن سان ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه سومر ڏينهن جاري بيان موجب جن سفيرن سفارتي سندون پيش ڪيون انهن ۾ آسٽريليا جو نئون مقرر هاءِ ڪمشنر ڪم ڪين ماريشس جو نئون مقرر هاءِ ڪمشنر منسو ڪرمباڪس ڊينمارڪ جو نئون مقرر سفير ميجا مورٽينسن ۽ گڏيل عرب امارات جو مقرر سفير سالم محمد سالم البواب الزعبي شامل آهن ايوان صدر اچڻ تي پاڪستان جي هٿياربند فوج جي هڪ دستي سفيرن کي گارڊ آف آنر پيش ڪيو صدر آصف علي زرداري سفيرن کي انهن جي مقرري تي مبارڪباد ڏني ۽ اعتماد جو اظهار ڪيو ته انهن جون مقرريون پاڪستان جي انهن چئن ملڪن سان ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون آسٽريليا جي نئين مقرر هاءِ ڪمشنر سان ڳالهائيندي صدر آسٽريليا سان پاڪستان جي دوستاڻن لاڳاپن کي اجاگر ڪيو ۽ واپار ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي زور ڏنو هن زراعت ۽ خاص طور تي تعليم جي شعبي ۾ تعاون کي وڌائڻ جي اهميت تي روشني وڌي جتي آسٽريليا ۾ پاڪستاني شاگردن جو وڏو انگ موجود آهي هن عوام سان عوام جي لاڳاپن جي اهميت کي اجاگر ڪيو جنهن ۾ رانديين جو گڏيل جذبو شامل آهي ۽ آسٽريليا ۾ رهندڙ پاڪستانين جي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ خيرسگالي کي فروغ ڏيڻ جي ڪردار کي ساراهيو ماريشس جي نئين مقرر هاءِ ڪمشنر سان ملاقات دوران صدر ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ ڊگهي عرصي کان قائم دوستي جي روشن جن جو بنياد گهري ثقافتي هم آهنگي ۽ دولت مشترڪ جي ورثي تي ٻڌل آهن

بقايا 28 تقريب

رڪارڊ تعداد شرڪت ڪئي هي تقريب ٻن ۾ سڀ کان وڏي سنڌي ثقافتي گڏجاڻي ثابت ٿي ۽ برادري جي اتحاد، ورثي ۽ سڃاڻپ جي خوبصورتي سان اجاگر ڪيو هن سال تاريخ ۾ پهرين ڀيرو ڪينيڊين حڪومت جي ٽنهي سطحن جي نمائندن تقريب ۾ شرڪت ڪئي جن ۾ شامل آهن: وفاقي ايم پي جسراج هالن، وفاقي ايم پي دلوينڊر گل، وفاقي ايم پي امان پريت گل، صوبائي ايم پي عرفان صابر صوبائي ايم پي گرنڊر براڙ صوبائي ايم پي پرميت سنگهه ۽ سٽي ڪائونسلر راج ڊاليوال تقريب ۾ خاص مهمان پاڪستان جي سنڌ حڪومت جي اڳوڻي ايڊيشنل چيف سيڪريٽري جناب قاضي شاهد پرويز شرڪت ڪئي سڀني معزز مهمانن کي روايتي سنڌي اجرڪ پيش ڪئي وئي، جيڪا احترام ۽ ثقافتي محبت جي علامت آهي. شازيه سيڪس ميمڻ کي سنڌي برادري لاءِ سندس ڊگهي خدمت جي اعتراف ۾ هڪ خاص ايوارڊ سان نوازيو ويو جڏهن ته سينئر برادري جي اڳواڻن مشهود قاضي، ميڪس ميمڻ، سراج عباسي ۽ ڊاڪٽر انور عادل کي پڻ انهن جي خدمتن لاءِ خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا 29 پهچي ويو

نومبر 2025ع تي ٿيندڙ شنگهائي تعاون تنظيم جي حڪومتي سربراهن جي ڪائونسل جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو ڪالهه سومر ڏينهن پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب هوائي اڏي تي روس جي نائب پرڏيهي وزير ميخائل گالوزن اسٽيٽ پروٽوڪول جي ڊپٽي ڊائريڪٽر اليگزينڊر پروسوف، روسي پرڏيهي وزارت جي سيڪنڊ ايشيا ڊپارٽمينٽ جي ڊپٽي ڊائريڪٽر اليڪسي سوروستيف ۽ پاڪستان جي سفارتخاني جي آفيسرن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جو استقبال ڪيو

بقايا 30 انڪشاف

عبدالجنان ۽ ذات محسود آهي خوارجي دهشتگرد چيو ته ڪمانڊر بدري، ڪمانڊر مشتاق، ڪمانڊر گرنيڊ ۽ ڪمانڊر اسلام الدين لاءِ 3 سال تائين سهولتڪاري ڪندو رهيس، اسان بڪتربند گاڏيءَ ۽ ٽنو پوليس اسٽيشن تي حملي سميت مختلف ڪارروائيون ڪيون فتنه الخوارج نوجوانن جي ذهن سازي ڪري کين پاڪ فوج خلاف دهشتگرد ڪارروائين ۾ استعمال ڪن ٿا. خوارجي دهشتگرد چيو ته ڪيترائي خوارجي ڪمانڊر پنهنجي ذاتي مفادن لاءِ نوجوانن کي بدڪاري جهڙن گناهن طرفن ڌڪين ٿا. خوارجي ڪمانڊر اسان سان بداخلاقي ڪندا هئا خوارجي دهشتگرد چيو ته انهن خوارجين ڪوڙ ڳالهايو ته پاڪ فوج ڪافر آهي پر حقيقت ۾ خوارج پاڻ ڪافر ۽ مرتد آهن جڏهن مان انهن کي ڏٺو ته خبر پئي ته پاڪستاني فوج ته حقيقي مسلمان آهي خوارجي دهشتگرد چيو ته مان پاڪ فوج جي جوانن کي 5 وقت نماز پڙهندي ڏٺو آهي مان نماز ۽ ڪلمو سکيو جيڪي سون کي اڳ ۾ نه ايندا هئا. خوارجي دهشتگرد چيو ته نوجوانن کي اپيل آهي ته پاڪ فوج جو ساٿ ڏين ته جيئن دهشتگرد عنصرن جي روڪٿام ۽ خاتمو ٿي سگهي اسان انهن دهشتگرد خوارجين جي ڪري تباهه ۽ برباد ٿي ويا آهيون مذهب جي نالي تي دهشت، نفرت ۽ ڏاڍ ڦهلائيندڙن خلاف ڪارروائيون جاري آهن سيڪيورٽي فورسز ملڪ مان فتنه الخوارج جي دهشتگردن جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن

بقايا 31 اعلان

موجب ڪراچي بار اڄ کان 22 نومبر تائين صبح 11 وڳي کان وڪيلن پاران علامتي هڙتال جو اعلان ڪيو آهي . ڪراچي بار پاران ضلعي ۽ سيشن جج ڏکڻ، اولهه، ايسٽ ۽ سينٽر کي خط لکي آگاهي ڏئي ڇڏي آهي ڪراچي بار پاران ججز جي ماتحت عدالتن کي انتظامي هدايتون جاري ڪرڻ جي درخواست ڪئي وئي آهي .

بقايا 32 مصطفيٰ ڪمال

۾ انيس قائمخاني، سينيٽر فيصل سبزواري ۽ مرڪزي ڪميٽي جي ميمبرن سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي هن چيو ته ايم ڪيو ايم هر سياسي پارٽي وٽ وئي اليڪشن کان پوءِ حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جي آفر ٿي پر اسين پنهنجي هڪ نڪتي ايجنڊا يعني آئيني ترميم تي قائم رهياسين مسلم ليگ ن سان باقاعده معاهدو ٿيو ته ايم ڪيو ايم جي تجويز ڪيل بل ترميمي عمل جو حصو بڻايو ويندو هن چيو ته 27هين ترميم مان ايم ڪيو ايم جو بل خارج ڪيو ويو جڏهن ته اسٽينڊنگ ڪميٽي ۾ اسان پنهنجو ڪيس کٽي چڪا هئاسين پيپلز پارٽي اسان جي بل جي حمايت لاءِ تيار نه هئي جڏهن ته حڪومتي جماعت اسان کان آرمي چيف بابت ترميمن جي حمايت گهري ۽ يقين ڏياريو ته ايندڙ بل ۾ ايم ڪيو ايم جون تجويزون شامل ڪيون وينديون

بقايا 33 قتل

ڪاڻون ۾ صابري چوڪ ويجهو نامعلوم طرف کان فائر ٿيل گولي لڳڻ سان 5 سالن جو ٻار قتل ٿي ويو پوليس موجب فوت ٿيل ٻار جي سڃاڻپ برهان جي نالي سان ٿي آهي تفصيل موجب برهان پنهنجي ماسي سان گڏ موٽرسائيڪل تي ناظم آباد ڏانهن وڃي رهيو هو ته اوچتو هڪ نامعلوم شخص پاران فائر ڪيل گولي ٻار جي مٿي ۾ لڳي جيڪا سندس زندگي لاءِ خطرناڪ ثابت ٿي ٻار کي فوري طور تي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن کيس مئل قرار ڏنو.پوليس جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل ٻار چار ڀائرن ڀينرن ۾ ٽئين نمبر تي هو ۽ سندس پيءُ شير شاهه ۾ ڪم ڪندو آهي پوليس واقعي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي ته جيئن گولي هلائيندڙ شخص جي سڃاڻپ ڪري سگهجي

بقايا 34 ٻهاري ويا

ٽوڙي ڊي وي آر ڪڍي آسانيءَ سان فرار ٿي ويا، سونارن پاران صبح جو دڪانون کولڻ وقت واردات جي خبر پئي چوري ٿيل سون ۽ چانديءَ جي ماليت ڪروڙين ۾ ٻڌائي پئي وڃي ٻئي پاسي واقعي خلاف دڪاندارن عائشه ۽ سونارا مارڪيٽ ۾ هڙتال ڪري ڪاروبار بند ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي پريس ڪلب عمرڪوٽ آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو پوليس انتظاميه خلاف نعريبازي ڪئي ان موقعي تي سونارا پنچائت جي صدر پيشمر سونارن صحافين کي ٻڌايو ته ڪروڙين روپين جي سون ۽ چانديءَ جي چوري ڪري وڏي زيادتي ڪئي وئي آهي چوري ٿيل سون جي ماليت جو اندازو ناهي پيو چئي تجوڙي ۽ ڪئمرا به گڏ کڻي ويا آهن

بقايا 35 هٿيار هٿ

جوابدار قاسم عرف قاسو کي گرفتار ڪري ورتو آهي گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1 عدد 30 بور پسٽل 1 عدد ريپيٽر ۽ 1 عدد 12 بور ڊبل بئريل شاٽ گن برآمد ڪئي وئي آهي. تفصيل موجب جوابدار ماضي ۾ لياري جي مختلف گينگ وار جو حصو رهي چڪو آهي. جوابدار پنهنجي ٻين ساٿين سان گڏ نارٿ ڪراچي لي مارڪيٽ، ملير کوکراپار مارڪيٽ ۽ ڪورنگي ۾ فائرنگ ۽ ڀتو وصول ڪرڻ جي ڪيترين ئي وارداتن ۾ ملوث هجڻ جو اعتراف ڪيو آهي.

بقايا 36 ڪانفرنس

ڪوٺايل ڪانفرنس ۾ ماهيگيرن جي مسئلن مشڪلاتن کي اجاگر ڪرڻ سان گڏوگڏ ڀارت جي قيد ۾ پاڪستاني ماهيگيرن جي آزادي جو مطالبو ڪيو ويو هن موقعي تي فشر فوڪ فورم جي مرڪزي صدر مهراڻ علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته ماهيگير اڄ به ضروري سهولتن ۽ بنيادي حقن کان محروم آهن وفاقي ۽ صوبائي حڪومت ماهيگيرن کي محنت ڪش جو درجو ڏيڻ لاءِ تيار نه آهن جنهن جي ڪري ماهيگير مزدورن کي ملندڙ سهولتن ۽ مراعتن کان به محروم آهن هن چيو ته آئين جي آرٽيڪل 73 تحت پاڪستان يا ڀارت جي ڪو به ماهيگير غلطي سان سامونڊي حد ڪراس ڪري ٿو ته کيس گرفتار نٿو ڪري سگهجي ۽ گرفتاري جي صورت ۾ ٻنهين ملڪن جون حڪومتون پابند آهن ته هو ماهيگيرن کي جلد کان جلد آزادي ڏيارين پر ان جي باوجود پاڪستاني ماهيگير ڀارت جي جيلن ۾ قيد آهن ۽ ماهيگيرن جا خاندان سخت پريشان آهن هن چيو ته فشر فوڪ فورم ويرا ويلنڊر فائونڊيشن سان گڏجي ماهيگيرن جي حقن بنيادي سهولتن غذائيت کوٽ پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي ۽ ٻين منصوبن تي ڪم جي شروعات ڪري رهيو آهي

بقايا 37 فوت

گولين لڳڻ سبب زخمي نوجوان وڪيل ٽوٽو زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو جنهن کي اسان جي نوجوان زخمي ٿيو هو جنهن کي سول اسپتال کان نوابشاهه آندو ويو جتي علاج دوران زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو حوالي ڪيو آهي چاچو الهه ورايو ٽوٽو اسان سان وڏو ظلم ٿيو آهي فيصلا ڪرڻ باوجود ٻاهرين ماڻهن ساڻ حملو ڪري ماريو ويو آهي جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 38 عورت زخمي

رڪشا ۾ سوار عورت سونهري سخت زخمي،جنهن کي سورو تعلقه اسپتال آندو ويو جتي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ڪهرام مچي ويو هرطرف روڄ راڙو پئجي ويو بعد ۾ وارثن قومي شاهراهه تي لاش رکي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا جنهن ڪري ٻنهي طرفن کان گاڏين جو رائنون لڳي ويو بعد ۾ سورو انتظاميا جي يقين ڏهاڻي بعد روڊ کوليو ويو جڏهن ته ڪوچ ڊرائيور حادثي واري جاءِ تان ڪوچ سميت فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس ڪوچ جي ڳولا شروع ڪري ڏني آهي ٻئي فوتي سورو پرسان ڳوٺ ڦل ٻڳهيو جا رهواسي ٻڌايا وڃن ٿا

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، مٽياري سنڌ

No.DSJ/MTR/3345/2025 Dated:14-11-2025

(NIT.No.01_MTR/2025) ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

لاڳاپيل ٽيڪس ۽ ريگيوليٽري اختيارين سان رجسٽرڊ دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ کان، مالي سال 26-2025 لاءِ، سنگل اسٽيج ٽو اينولپ پروسيجر تحت، SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي مهربند (اليڪٽرانڪ طور تي انڪرپٽ ٿيل) واڪ طلب ڪيا ويا آهن، جيڪي هيٺين خريداري لاءِ آهن:

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ ڪامپليڪس، مٽياري ۾ 6 ڪلو واٽ سولر پاور سسٽم جي هڪ يونٽ جي تنصيب ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن، مٽياري ۾ 6 ڪلوواٽ سولر پاور سسٽم جي هڪ يونٽ جي تنصيب

واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت:	خميس 4 ڊسمبر 2025 تي صبح جو 11:00 وڳي.
ٽيڪنيڪل واڪ کولڻ جي تاريخ ۽ وقت:	خميس 4 ڊسمبر 2025 تي منجهند 1:00 وڳي
هنڌ:	ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽس، لائبريري جڊيشل ڪامپليڪس مٽياري

1. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ پنهنجا واڪ SPPRA اي-پروڪيورمينٽ (EPAD) سسٽم ذريعي 50000 رپين جي واڪ سيڪيورٽي سان گڏ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز جج، مٽياري جي حق ۾ بينڪ ڊرافٽ/ پي آرڊر جي صورت ۾ جمع ڪرائيندا ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائيندا.
2. ٽينڊر فيس 1,000 رپيا (ناقابل واپسي) SPPRA EPAD ذريعي جمع ڪرائي ويندي ۽ واڪ جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ تي يا ان کان اڳ هٿوهٿ طور تي جمع ڪرائي ويندي.
3. وڌيڪ معلومات ۽ سوالن لاءِ، عمران خان لاشاري، اڪائونٽنٽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، مٽياري، فون نمبر0300-3278363 آفيس نمبر 022-9240812، اي ميل : djmatiari@sindhhighcourt.gov.pk سان رابطو ڪريو.
4. چيئرمين، پروڪيورمينٽ ڪميٽي، ايس پي پي آر اي رولز 2010 (ترميم ٿيل 2022) جي قاعدي 25 جي مطابق ڪنهن به يا سڀني واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿو.

چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي
سينئر سول جج هالا
ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشنز ڪورٽ، مٽياري

INF-KRY.NO.3837/2025

iWORK FOR SINDH
www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY
INFORMATION DEPARTMENT

18/11/2025
ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
Website: www.dailyibrat.com Email: ibratg@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
THE DAILY IBRAT
روزاني عبرت
63 Year 1958-2021

Karachi Diplomatic & Social Roundup Page

Razzaq Pardesi, CEO and Chairman of the Institute of Holistic Rehabilitation & Innovation (IHRI), recently hosted a dinner aimed at informing attendees about the organization's achievements and ongoing initiatives. The event was held in collaboration with KTORE Restaurant, providing a platform for IHRI to showcase its work in the fields of rehabilitation and community development. The dinner was attended by prominent members of the business and professional community, including Fazal Karim Dada Bhai, Sheikh Imtiaz Hussain, former Chairman Abad Altaf Tai, Abid Majeed, Nauman Ahmadhani, Nasir Wajahat, Abdul Salam Dada Bhai, Irfan Memon, MPA Sharq Jamal, and Dr. Aftab Imam. During the event, Razzaq Pardesi highlighted IHRI's commitment to innovative rehabilitation programs and initiatives that empower individuals and communities, emphasizing the organization's focus on sustainable development and social impact. He also shared insights into upcoming projects aimed at expanding IHRI's outreach and enhancing its services for those in need.

The Consulate-General of Japan in Karachi, in collaboration with the Pakistan-Japan Cultural Association, Sindh (PJCA) and the Pakistan-Japan Business Forum (PJBF), proudly hosted "Japan Festival (Japan Fest) 2025", a vibrant celebration of Japanese culture and traditions. Consul General HATTORI Masaru welcomed the guests and emphasized the value of cultural exchange in deepening mutual understanding between the people of Japan and Pakistan. He highlighted that Japan Fest has become a meaningful platform to experience Japanese culture while fostering friendship with the local community. Japan Fest 2025 featured a lively lineup of activities, including a Cosplay contest, traditional dances like Bon-Odori, and a musical concert that brought Japanese and Pakistani talents together. The festival also showcased Ikebana, Bonsai displays, fun games, and Origami, offering visitors an immersive experience of Japan's cultural and artistic heritage. The Consulate-General of Japan extends heartfelt gratitude to all partners, participants, and attendees who contributed to making Japan Fest 2025. The Consulate looks forward to further strengthening the friendship between Japan and Pakistan in the years to come.

ڪرونڊي جي هاءِ اسڪول ۾ 1989ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪندڙ شاگردن ۽ استادن جو ميڙاڪو

رياض احمد سومرو جي اڳواڻي ۾ 36 سالن کان پوءِ ري يونين آف ڪلاسميٽس جي نعري هيٺ هڪ گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي

گڏجاڻيءَ جي شروعات ۾ پراڻين يادن کي تازو ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهريون پراڻن شاگردن ۽ استادن گڏجي اسيمبلي ڪئي

اسيمبلي جي شروعات استاد صاحب الدين هاليپوٽو طرفان تلاوت سوره فاتح سنڌي ترجمي سان ڪئي وئي، بعد ۾ لب پي آتي هي دعا پڙهي وئي

اچو ته هڪ نئون ڪٽنب جوڙيون، ڇو جو رت جي رشتن کي ته باهه لڳي وئي آهي، بس دوستي ئي واحد سهارو هوندا آهن: رياض احمد سومرو

گڏجاڻي ۾ تقرير ڪندڙن ۾ يعقوب مسيح، امير بخش ٻرڙي، محمد اقبال موروجو، غلام عباس اعوان، محبت ملاح ۽ ٻيا شامل

ڪرونڊي (ن ع) گورنمينٽ هائي اسڪول ڪرونڊي جي انهن شاگردن جن 1989ع ۾ مئٽرڪ پاس ڪئي هئي انهن باهمي سهڪار سان رياض احمد سومرو جي اڳواڻي ۾ 36 سالن کان پوءِ 16 نومبر تي ري يونين آف ڪلاسميٽس جي نعري هيٺ هڪ گڏجاڻي منعقد ڪئي، گڏجاڻي جي مقصد کي نشابر ڪرڻ لاءِ دعوت نامي ۾ ڄاڻايو ويو ته 1989 ع جي اوڻاهين جي آڙاهن مان اڀرندڙ الن سبب پيدا ٿيندڙ تپش ۽ تاءُ کي ٺارڻ لاءِ هي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي آهي گڏجاڻيءَ جي شروعات بلڪل اسڪول جي شاگردن واري پراڻي دور کي مد نظر رکندي ۽ پراڻين يادن کي تازو ڪرڻ لاءِ، پروگرام جي شروعات ڪندي سڀ کان پهريون پراڻن شاگردن ۽ استادن گڏجي اسيمبلي ڪئي اسيمبلي جي شروعات استاد صاحب الدين هاليپوٽو طرفان تلاوت سوره فاتح سنڌي ترجمي سان ڪئي وئي بعد ۾ لب پي آتي هي دعا اسڪول جي شاگرديائي شمائلا رتڙ پڙهي، ان کان پوءِ رڪارڊيڊ قومي ترانو هلايو ويو، اسيمبلي جي اختتام کان پوءِ پراڻا شاگرد ماضي جيان قطار ٺاهي اسڪول جي ڪانفرنس هال ڏانهن روانا ٿيا. ڪانفرنس هال ۾ پهچڻ کان پوءِ باقاعده پروگرام جي شروعات ٿي، ان پروگرام جي ڪمپيئرنگ استاد محمد رمضان چانگ جن ڪئي، گڏجاڻي جي اڳواڻ رياض احمد سومري آجياڻو پيش ڪندي چيو ته مان نهايت ئي ٿورائتو آهيان سڀني کهي آيل معززين، استادن ۽ ڪلاسين جو جن هن گڏجاڻي ۾ شريڪ ٿي هڪ ٻئي جو مان مٿاهون ڪيو آهي هن صرف پنهنجن ڪلاسين سان مخاطب ٿيندي چيو ته اوهان کي پٺ تي لڳل بينر ۾ گول دائري ۾ هڪ ڇوڪري، هڪ ڇوڪرو هڪ عورت ۽ تلوار سان مرد نظر اچي رهيو آهي. منهنجو خيال آهي ته پاڻ مان جيڪي ڪلاسي برجستگيءَ سان هڪ قدم اڳتي وڌائيندي ڪلاسين واري تعلق کي فئملي فرينڊس بڻجڻ جا خواهش مند آهن سي اچو ته هڪ نئون ڪٽنب جوڙيون، ڇو جو رت جي رشتن کي ته باهه لڳي وئي آهي بس دوستي ئي واحد سهارو هوندا آهن، جنهن جي ڪلهي تي ڪنڌ رکي ڪري پنهنجن ۽ پراون جا ڏنل ڏک ۽ سڪ ونڊيا آهن اچو ته هڪ ٻئي جو ڏک سک اوري ۽ ساڻڻ جو ذريعو بڻجون ۽ هڪ انوکو ۽ اڻلڀ خاندان بڻجون هن هڪ اعلان ڪندي چيو ته مان ڪلاسين، استادن ۽ ڪرونڊيءَ جي شهرين جي پروگرام منعقد ڪرڻ واري ارادي جو اظهار ڪيو ته مون کي جيڪا موٽ ملي انهيءَ تي مان ڏاڍو خوش ٿيو آهيان ۽ پنهنجو پاڻ کي رضاڪارانا طور ڪرونڊيءَ جي تمام تعليمي ادارن جي تاريخ ۽ ان تاريخ جي مکيه معمارن کي قلمبند ڪرڻ لاءِ هڪ ڪتاب نالي "ڪرونڊيءَ جي پڙهڻ جا درسگاهه" ترتيب ڏيڻ جي حامي ڀريان ٿو آجياڻي کان پوءِ ڪرونڊيءَ جي ٻوڙاڻن جي تعليم لاءِ پوري زندگي وقف ڪندڙ شخصيت مرحوم استاد غلام حيدر ڪوڪر جي وڏي فرزند رٽائرڊ پروفيسر محمود ڪوڪر کي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ لاءِ اسٽيج تي گهرايو ويو هن گڏجاڻي کي مخاطب ٿيندي چيو ته انتهائي خوشي ٿي آهي ته مون کي 1989ع جي بيچ پاران پنهنجي ري يونين پارٽي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ دعوت ڏني وئي ۽ مان اها دعوت قبولي اڄ اسلام آباد مان هتي ڪهي آيو آهيان ۽ مان پر اميد آهيان ته اهڙا پروگرام آئنده به ٿيندا رهندا، مان 1989ع جي بيچ کي داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نه ٿو سگهان ڇا ڪاڻ ته هي اسڪول 1964ع کان قائم ۽ دائم آهي مان پاڻ هن اسڪول جو شاگرد آهيان پر اسان سڀني هن اسڪول جي شاگردن ڪڏهن اهڙو پروگرام منعقد نه ڪرائي سگهيا آهيون، شاباس آهي 1989ع جي بيچ جي اڳواڻ رياض احمد سومري کي جنهن تمام زبردست قسم جو پروگرام منعقد ڪيو آهي ۽ مان پنهنجي طرفان يقين ٿو ڏياريان ته مان هر وقت هر حال ۾ اهڙن پروگرام منعقد ڪرائڻ لاءِ هر قسم جو سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار هوندس، چاهي اهو مالي مدد ئي ڇو نه هجي ان کان پوءِ هن اسڪول جي تعمير جي مکيه ڪردار مرحوم رئيس حبيب الله خان جي فرزند پروفيسر نثار احمد راڄپر کي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ اسٽيج تي اچڻ جي دعوت ڏني وئي، پروفيسر نثار احمد راڄپر پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندي چيو ته هي انتهائي خوشي جي ڳالهه جو هن پروگرام ۾ مدعو ڪيو ويو آهيان مان پاڻ ڪن مهينن کان پوءِ رٽائر ٿيڻ وارو آهيان ۽ مان پنهنجي والد جي نقش و قدم تي هلندي تعليم جي فروغ لاءِ ڪم ڪرڻ جو ارادو رکان ٿو منهنجو ارادو آهي ته ڪرونڊي جي اسڪولن مان تعليم حاصل ڪندڙ ناميارن شاگردن جو هڪ گروپ جوڙي انهن جي باهمي صلاح و مشوري سان گڏيل حڪمت عملي جوڙي غريب شاگردن جي مالي سهائتا ڪجي جيڪي محض پئسا نه هئڻ جي ڪري تعليم حاصل ڪرڻ ڇڏي ٿا ڏين ان کان پوءِ استاد اسلم شاهين اسڪول جي تاريخي حيثيت تي تفصيل سان ڳالهايو تقرير ڪندڙن ۾ ٻين استادن جا نالا هن ريت آهن استاد عبدالرحمان سومرو استاد صاحب الدين هاليپوٽو استاد محمد حيات رتڙ هيڊ ماسٽر گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪرونڊي نواب الدين رتڙ ۽ ٻيا شامل هئا، ۽ 1989ع جي بيچ جي ڪلاسين مان تقرير ڪندڙن ۾ يعقوب مسيح، امير بخش ٻرڙي، محمد اقبال موروجو، غلام عباس اعوان، محبت ملاح ۽ ٻيا شامل هئا. پروگرام ۾ عبدالله هاليپوٽو محمد ڪامل سيلان رسول بخش ملاح، داؤد سومرو هدايت علي عباسي نثار علي ڪلهوڙو محمد اڪرم رتڙ علي حسن هيسباڻي، رفيق مسيح جانڻ مل، حبيب الرحمان مهاجر ظفر اقبال اعوان، صفدر رحماڻي اشتياق ڪوڪر، ظفر يعقوب، علي گل ڪوڪر رئيس حاجي محمد سجاول خان راڄپر طارق عزيز راڄپر آصف علي راڄپر، محمد بخش ٻرڙي، محراب علي ٻرڙي، عابد علي خاصخيلي اعجاز علي خاصخيلي ۽ ٻين شرڪت ڪئي، آخر ۾ پروگرام آرگنائزر رياض احمد سومري پنهنجي خاص ٻانهن ٻيلي محمد داؤد سومري، محبت ملاح، اقبال موروجو ڊاڪٽر زيب النساءَ ڪوڪر ۽ ثمينه منهاس جن جو شڪريو ادا ڪيو.

ڪرونڊي: ڪرونڊي جي هاءِ اسڪول ۾ ميڙاڪي کي رياض احمد سومرو، يعقوب مسيح، امير بخش ٻرڙي، محمد اقبال موروجو ۽ ٻيا خطاب ڪندي

ايس ايڇ او سيڪاٽ جي دبنگ ڪارروائي، منشيات سان ڀريل ڪار هٿ

ٽول پلازا پرسان منشيات سان ڀريل هڪ ڪار کي روڪي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو

گاڏي جا ڪاغذ، ڊرائيور جون تفصيلون ۽ منشيات جي ممڪن نيٽ ورڪ بابت جاچ جاري آهي: پوليس

مٽياري (ڊ ن) مٽياري ٽول پلازا پرسان ايس ايڇ او سيڪاٽ جي اڳواڻي ۾ پوليس وڏي ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران منشيات سان ڀريل هڪ ڪار کي روڪي پنهنجي تحويل ۾ ورتو ويو. ڪار مان وڏي مقدار ۾ "مين پڙيون" برآمد ٿيون جيڪي فوري طور تي قبضي ۾ وٺي سيڪاٽ ٿاڻي منتقل ڪيون ويون. ذريعن موجب برآمد ٿيل منشيات جو تعلق مبينا طور راحب چنڊ سان ٻڌايو پيو وڃي، پر پوليس پاران هن سلسلي ۾ اڃا ڪا باضابطه تصديق ناهي ڪئي وئي. تفتيشي عملدارن جو چوڻ آهي ته گاڏي جا ڪاغذ، ڊرائيور جون تفصيلون ۽ منشيات جي ممڪن نيٽ ورڪ بابت جاچ جاري آهي. پوليس ڪار ۽ منشيات کي سيڪاٽ ٿاڻي ۾ جمع ڪرائي ڇڏيو آهي جتي قانوني ڪارروائي جا مرحلا هلندڙ آهن. اهڙي طرح مقدمو داخل ڪرڻ بابت به اعليٰ اختيارين ساڻ صلاح مشورا هلي رهيا آهن ۽ جلد اهم اڳڀرائي ٿيڻ جو امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي. علائقي ۾ هن ڪارروائي کي پوليس جي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو پيو وڃي، جڏهن ته مقامي سطح تي منشيات جي نيٽ ورڪ خلاف وڌيڪ ڪارروائي جي اميد به وڌي وئي آهي

حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪاتا چوڪ جي رهواسڻ جو احتجاج

سٽي پوليس پٽ رڪشا ڊرائيور عادل چوري جي ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسائي وئي آهي: پروين

منهنجو پٽ چوري ۾ ملوث نه آهي پوليس آزادي لاءِ 30 هزار رشوت طلب ڪري رهي آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڪاتا چوڪ مڪي مسجد جي رهواسڻ پيرسن عورت پروين پنهنجي نُنهن هما ۽ ڌي انا آرائين سوڌو پوليس پاران 2 ڏينهن اڳ مبينا چوري جي الزام هيٺ پٽ عادل آرائين جي ناحق گرفتاري ۽ وحشياڻي تشدد ذريعي چوري مڃرائڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاج ڪيو. ان موقعي تي هن ڏانهيندي چيو ته سٽي پوليس سندس پٽ رڪشا ڊرائيور عادل کي پاڙي مان مبينا ٿيل چوري جي الزام هيٺ 2 ڏينهن گهران گرفتار ڪري وئي جڏهن ته ان سان گڏ وڌيڪ 2 ڄڻا پاڙي مان پوليس کنيا هئا جن کي ڇڏي ڏنو ۽ منهنجي پٽ عادل تي وحشياڻو تشدد ڪري ناحق چوري مڃرائي آهي جڏهن ته منهنجو پٽ چوري ۾ ملوث نه آهي ۽ انهي ۽ دوران پوليس پٽ کي آزاد ڪرڻ لاءِ 30 هزار رپيا رشوت وٺي چڪي آهي ۽ وڌيڪ 80 هزار رپيا رشوت نه ڏيڻ تي منهنجي پٽ کي چوري ڪيس ۾ ڦاسايو آهي. هن چيو ته پوليس اسان کي عادل سان ملڻ به نٿي ڏي. هن خدشو ظاهر ڪيو ته پوليس منهنجي پٽ خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪري فل فرائي يا هاف فرائي نه ڪري ڇڏي. هن چيف جسٽس سنڌ هائي ڪورٽ، ڊي آءِ جي حيدرآباد، ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽس وٺي انصاف ڪيو وڃي ۽ منهنجي پٽ کي آزاد ڪيو وڃي

حيدرآباد: سٽي ٿاڻي جي حد ڪاتا چوڪ جي رهواسڻ احتجاج ڪري رهي آهي

مٽياري جي ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام بابت اهم اجلاس

ضلع جي اندر جاري غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جي سخت نگراني ڪئي وڃي: محمد يوسف شيخ

جن بينيفشريز کي اڃا ادائيگيون نه مليون آهن، تن کي فوري ادائيگي ڏني وڃي ته جيئن مستحق عورتن کي فائدو پهچي

هاڻوڪي مهانگائي جي دور ۾ عام ماڻهو خاص طور تي غريب طبقو خوراڪ جي کوٽ ۽ غذائيت جي گهٽتائي جا مسئلا ڀوڳي رهيا آهن

مٽياري (ڊ ن) ڊپٽي ڪمشنر مٽياري محمد يوسف شيخ متعلقه آفيسرن کي هدايت ڪئي آهي ته ضلع جي اندر جاري غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام جي سرگرمين جي سخت نگراني ڪئي وڃي. اها هدايت هن اڄ لطيف هال مٽياري ۾ غذائي قلت ۽ ممتا پروگرام بابت هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي ڏني. اجلاس ۾ هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ممتا پروگرام جي سرگرمين کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ جن بينيفشريز کي اڃا ادائيگيون نه مليون آهن تن کي فوري ادائيگي ڏني وڃي ته جيئن مستحق ۽ گهريلو عورتن تائين وڌ کان وڌ فائدو پهچي سگهي. هن چيو ته ممتا پروگرام ذريعي زچه ۽ ٻار جي صحت ۾ نمايان بهتري اچي سگهي ٿي. ڊپٽي ڪمشنر چيو ته هاڻوڪي مهانگائي جي دور ۾ عام ماڻهو خاص طور تي غريب طبقو خوراڪ جي کوٽ ۽ غذائيت جي گهٽتائي جا مسئلا ڀوڳي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته معاشي مسئلن ۽ محدود وسيلن سبب ڪيترائي ٻار ۽ عورتون غذائي کوٽ جو شڪار آهن خاص طور تي ننڍا ٻار ۽ گهريلو عورتون سخت غذائي گهٽتائي کي منهن ڏئي رهيون آهن. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته ضلع ۾ غذائي کوٽ جي خاتمي واري پروگرام کي وڌيڪ تيز ڪيو وڃي ۽ ان جا نتيجا جلد سامهون اچڻ گهرجن اجلاس ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر- II اقرا جنت، اسسٽنٽ ڪمشنر مٽياري عبد الستار شيخ، ضلعي هيلٿ آفيسر سيد آصف حسين شاهه ڊي اي او پرائمري صدف اڪبر ميمڻ ڊي اي او سيڪنڊري قاضي شعيب، ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ نجمه هاليپوٽو ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ ڊاڪٽر رياض احمد لغاري ۽ ٻين سرڪاري محڪمن جي آفيسرن سميت غير سرڪاري تنظيمن جي نمائندن پنهنجي ڪارڪردگي بابت تفصيلي بريفنگ پيش ڪئي.

مٽياري: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

سحرش نگر مان گم ٿيل ذهني معذور نينگر جو پتو نه پيو، وارث پريشان

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي علائقي سحرش نگر مان گم ٿيل ذهني معذور نينگر جو پتو نه پيو، وارث پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل. حيدرآباد جي تعلقي قاسم آباد جي سحرش نگر مان 12 نومبر 2025 کان پراسرار گم ٿيل 15 ورهين جي نينگر ارسلان عرف ببلو جو پي صلاح الدين پٺاڻ پٽ جي ڳولا جي سلسلي ۾ ڪالهه ٻيهر پريس ڪلب سامهون پهتو. ان موقعي تي هن چيو ته سندس ذهني معذور پٽ گذريل 5 ڏينهن کان پراسرار طور گم آهي جنهن جي گهڻي ڳولا باوجود ڪو به پتو پئجي نه سگهيو آهي. هن چيو ته حد جي ٿاڻي تي به پٽ جي گم شدگي بابت اطلاع ڪئي پر پوليس پاران به ڪو تعاون نه ڪيو ويو آهي. هن چيو ته پٽ جي گمشدگي سبب گهر ڀاتين ۾ سخت پريشاني ڇانئيل آهي. هن واس وارن کي اپيل ڪئي ته پٽ جي ڳولا ۾ مدد ڪري پٽ هٿ ڪري ڏنو وڃي

حيدرآباد ۾ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿيل شاگرد جا وارث سراپا احتجاج

فوتي نينگر جي پي عامر زرداري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو

پٽ جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن جي معطلي ۽ گرفتاري کانسواءِ انصاف ملڻ ناممڪن آهي: والد

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ 23 ڏينهن اڳ ڊاڪٽرن جي مبينا غفلت سبب فوت ٿي ميڊيڪل جي شاگرد حسنين زرداري جي وارثن ۽ وڪيلن الزام هيٺ آيل ڊاڪٽر گرفتار نه ٿيڻ خلاف فوتي نينگر جي پي عامر زرداري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي فوتي نينگر جي پي ايڊووڪيٽ عامر زرداري چيو ته سندس پٽ حسنين جي موت جي ذميوار ڊاڪٽرن جي معطلي ۽ گرفتاري کانسواءِ انصاف ملڻ ناممڪن آهي. ڪنهن به آفيسر يا عملدار خلاف ڪا اهم شڪايت رپورٽ ٿيندي آهي ته پهريان ان کي معطل ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ اعليٰ اختياريون ماهري جي شفاف جاچ ڪنديون آهن پر صحت کاتي ۾ قانون تي عملداري بدران الزام هيٺ آيل ئي ڊاڪٽر ماهري جي جاچ ڪري رهيا آهن جيڪا متاثرين سان ناانصافي آهي. هن چيو ته هر کاتي جي عملي لاءِ چيڪ ۽ بيلنس هوندو آهي. هر اداري ۾ غفلت جي الزام هيٺ آيل ملازم کان پڇاڻو هڪ قانوني عمل آهي پر واحد صحت کاتو آهي جنهن جي ڊاڪٽرن ۽ عملي کان پڇاڻو نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته هيلٿ ڪيئر ڪميشن پاران پٽ جي پوسٽ مارٽم جو ليٽر لاڳاپيل عدالت کي مليو آهي جنهن تي مان عدالت پهچي پٽ جي قبرڪشائي ڪرائي پوسٽ مارٽم ڪرائڻ تي راضپو ڏيکاريو آهي. هن مطالبو ڪيو غفلت جي الزام هيٺ آيل ڊاڪٽرن ۽ عملي کي معطل ڪري ماهري جي اڻ ڌري جاچ ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

پٿورو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۾ اختلاف، ٽائون آفيسر مقرر نه ٿي سگهيو

گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿيڻ ڪري ملازم پگهارن کان محروم، سينيٽري اسٽاف کي سامان نه مليو

سينيٽري اسٽاف کي صفائي جو سامان نه ملڻ ڪري سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو، واٽر سپلاءِ جون موٽرون سڙي ويون

گذريل ٻن مهينن کان پگهار نه ٿيڻ ڪري اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن، ڪو دانهن ٻڌڻ وارو ناهي: ٽائون ملازم

پٿورو (ن ع) پٿورو ٽائون ڪميٽي جي چيئرمين ۽ وائيس چيئرمين ۾ اختلاف وڌي وڃڻ ڪري گذريل ٻن مهينن کان ٽائون آفيسر مقرر نه ٿي سگهيو ٽائون ملازم پگهارن کان محروم سينيٽري اسٽاف کي صفائي جو سامان نه ملڻ ڪري سڄو شهر گندگي جي ور چڙهي ويو واٽر سپلاءِ جون موٽرون سڙي وڃڻ شهري پيئڻ جي پاڻي لاءِ پريشان ٿي ويا ايمرجنسي فائير برگيڊ گاڏي ۾ تيل نه ملڻ ڪري بيهي رهي ٽائون ڪميٽي جي ملازمن پاران پگهارون نه ٿيڻ خلاف ڪم ڇڏي احتجاج ڪري اڳواڻن رشيد سمون فتح مگريو دولت ميگهواڙ همير منگريو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پاران ڏانهيندي چيو ويو ته گذريل ٻن مهينن کان پگهار نه ٿيڻ ڪري اسان جا ٻچا بکون ڪاٽڻ تي مجبور آهن ملازمن پاران اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي آهي ته سندس پگهار جلد ڏني وڃي

سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳوڻي صدر اظهر جتوئي جي پنجين ورسي اڄ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳوڻي صدر اظهر جتوئي جي پنجين ورسي اڄ ملهائي ويندي، ان موقعي تي هارين مزدورن پورهيتن لاءِ ڪيل خدمتن تي ٻيتا طور لکيل ڪتاب (فرزند سنڌ) جي مهورت اڄ سنڌ هاري ڪاميٽي طرفان حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ڏينهن جو 2 وڳي ٿي رهي آهي ڪتاب جي مهورت واري تقريب جي صدارت سنڌ هاري ڪاميٽي جو مرڪزي صدر قمر حيدر جتوئي ڪندو جڏهن ته سنڌ جا ناميارا اديب قانوندان سنڌ جو ناميارو ايڊووڪيٽ ماما يوسف لغاري حيدرآباد ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جو صدر اشعر ڪوڪر انساني حقن جو اڳواڻ پروفيسر امداد چانڊيو ايڇ آر سي پي حيدرآباد جي ڪوآرڊينيٽر غفران آرائين اديب قيصر بنگالي امان الله شيخ سميت اديب شاعر ڪتاب تي ڳالهائيندا

ڊويزنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد پاران بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو افتتاح

سخي جام ڏاتار جي سالياني عرس مبارڪ جي موقعي تي ڊونيشن ڪيمپ لڳائي وئي

ڪمشنر پاران ڪيمپ بابت صحت جي حوالي سان سوال پڻ ڪيا ويا، اطمينان جو اظهار

سڪرنڊ (ن ع) ڊويزنل ڪمشنر شهيد بينظيرآباد شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد عبدالصمد نظاماڻي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڊومڪي سخي جام ڏاتار جي ساليانو عرس مبارڪ جي موقعي تي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران لڳندڙ بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو افتتاح ڪيو ساڻس گڏ درگاهه سخي جام ڏاتار جو گادي نشين فقير نويد حسين وسطڙو پيپلز پارٽي جو ضلعي صدر محمد سليم زرداري ۽ فقير عاشق حسين گورچاڻي پڻ هئا ان موقعي تي هنن بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو جتي ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي جوائنٽ سيڪريٽري غلام نبي چنڊ کين بريفنگ ڏني جنهن تي ڪمشنر پاران ڪيمپ بابت صحت جي حوالي سان سوال پڻ ڪيا جنهن تي ڪيس مدلل جواب پڻ ڏنا ويا جنهن تي هن اطمينان جو اظهار ڪيو ڪيمپ جي دوري وقت خان محمد پلي ڪمشنر کي ٿيليسيميا سينٽر وزٽ ڪرڻ جي پڻ دعوت ڏني هوڏانهن ڪيمپ تي رت عطيو ڪندڙ نوجوانن کي ڪمشنر مڃتا سرٽيفڪيٽ ڏنا ان موقعي تي قاضي جاويد سنائي، غلام نبي ملاح، آغا راشد ۽ معشوق چانڊيو پڻ موجود هئا

حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف مظاهرو

ڊسٽرڪٽ بار جي اڳواڻ فيصل مغل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

ڪيسن کان خوف زده ناهيون، 27 هين آئيني ترميم خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي: وڪيل

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد جي وڪيل برادري هڪ ڏينهن اڳ سنڌياڻي تحريڪ پاران ٿيل جلسي کان پوءِ وڪيل اڳواڻن خلاف ڪيس داخل ٿيڻ جي افواهن ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن تي ڪيس داخل ٿيڻ خلاف ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون هائي ڪورٽ بار حيدرآباد جي جنرل سيڪريٽري اسرار چانگ، ڊسٽرڪٽ بار جي اڳواڻ فيصل مغل جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته وڪيل برادري ۽ سنڌ جون سڄاڻ ڌريون 27 هين آئيني ترميم ۽ سنڌ جي وسيلن تي قبضي واري ڪوشش خلاف سراپا احتجاج آهن. سنڌ پوليس پاران سياسي اڳواڻن ۽ وڪيلن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ اصل ۾ 27 هين آئيني ترميم خلاف هلندڙ جدوجهد کي نقصان پهچائڻ آهي. هنن چيو ته اسان ڪيسن کان خوف زده ناهيون 27 هين آئيني ترميم خلاف اسان جي جدوجهد جاري رهندي.

ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران 27 آئيني ترميم خلاف بائيڪاٽ

وڪيلن مٿان ٿيل حملي ۽ ڪيس داخل ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

27 آئيني ترميم آئين جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو فيصلو واپس ورتو وڃي: وڪيل

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بار ايسوسيئيشن پاران 27 آئيني ترميم، سکر ۾ وڪيلن مٿان ٿيل حملي ۽ عوامي تحريڪ، سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻن مٿان داخل ڪيل ڪيس خلاف عدالتي ڪارروائين جو بائيڪاٽ، سمورين عدالتن ڏانهن ايندڙ سائيلين کي تاريخون ڏئي واپس ڪيو ويو ميهڙ بار جي صدر وڪيل اصغر پتوجي جنرل سيڪريٽري منور جتوئي وڪيل سعيد پنهور وڪيل عبدالرشيد ٻگهيو وڪيل مير خان چانڊيو ۽ ٻين چيو ته 27 آئيني ترميم قبول نه آهي آئيني ترميم خلاف هلندڙ تحريڪ ۽ سيمينار ڪندڙ وڪيلن مٿان ٿيل تشدد جي مذمت ڪيون ٿا 27 آئيني ترميم سان صوبن جي خودمختياري ۽ صوبائي اختيارن کي محدود ڪرڻ جي ڪوشش آهي هنن چيو ته 27 آئيني ترميم آئين جي ڀڃڪڙي آهي جيڪو فيصلو واپس ورتو وڃي ۽ سکر ۾ ٿيل وڪيلن مٿان تشدد ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي جڏهن ته حيدرآباد ۾ سنڌياڻي تحريڪ ۽ عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مٿان داخل ڪيل ڪوڙا ڪيس ختم ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

ڳوٺ حبيب پلي واسي سولر مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

سورو (ن ع) سورو پرسان پراڻا جتوئي جي ڳوٺ حبيب پلي واسي قمر پلي سولر سسٽم مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو جنهن جو لاش نوان جتوئي اسپتال ۾ آندو ويو جتي قانوني گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش سندس وارثن حوالي ڪيو ويو

راضيديرو ۾ تعليم، امن انصاف ۽ آزادي لاءِ جي سري هيٺ عنواني ويهڪ

راضيديرو (ن ع) راضيديرو ۾ سنڌ ساگر اسٽوڊنٽس فيڊريشن سساف طرفان تعليم امن انصاف ۽ آزادي لاءِ جي سري هيٺ عنواني ويهڪ ٿي جنهن ۾ علائقي جي معتبر پڙهيل لکيل نوجوانن ۽ شاگردن شرڪت ڪئي انهي تنظيمي تقريب ۾ آيل نوجوانن انهي موضوعن تي خوب ڳالهايو ۽ غور سان ٻڌو ويو

شيعا علماءَ ڪائونسل صوبي سنڌ جو صوبائي ڪائونسل جو اجلاس

اجلاس ۾ صوبي جي مختلف ضلعن پنهنجي پنهنجي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي

پوري سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي، جيڪا هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي: علامه سيد اسد اقبال زيدي

شهدادڪوٽ (ڊ ر) شيعا علماءَ ڪائونسل صوبي سنڌ جو ساليانو اجلاس صوبي سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي جي صدارت ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبي جي مختلف ضلعن پنهنجي پنهنجي ساليانو رپورٽ پيش ڪئي ان موقعي تي صوبي سنڌ جي صدر علامه سيد اسد اقبال زيدي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته پوري سنڌ ۾ بدامني وڌي وئي آهي جيڪا هڪ ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي قمبر شهدادڪوٽ خيرپور ميرس لاڙڪاڻو ڪنڌڪوٽ سميت ٻين علائقن ۾ روز موٽر سائيڪل ۽ ٻيون گاڏيون کسڻ معمول ٿي ويو آهي صوبائي صدر وڌيڪ چيو ته شيعا علماءَ ڪائونسل ضلع قمبر شهدادڪوٽ جي صدر زوار صابر حسين وڏو جو نالو فورٿ شيڊول ۾ وجهڻ سميت ٻين ضلعن ۾ به تنظيمي عهديدارن جو نالو فورٿ شيڊول ۾ وجهڻ افسوس جهڙي ڳالهه آهي اسان سنڌ حڪومت کي آءِ جي سنڌ ۽ گهرو وزير ۽ ٻين کي چئون ٿا ته شيعا علماءَ ڪائونسل جي اڳواڻن جا نالا فورٿ شيڊول مان ڪڍيا وڃن نه ته اسين روڊن تي ايندا سين ان موقعي تي صوبائي صدر قائد محترم سيد ساجد علي نقوي جي زيرسرپرستي ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري علامه ڊاڪٽر شبير الحسن ميثمي ۽ زهراءَ اڪيڊمي جي طرفان مختلف ضلعن ۽ تعلقن ۾ ۽ 2022 جي ٻوڏ ۾ مختلف پروجيڪٽ ڏيڻ تي به شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي صوبائي ڪائونسل اجلاس ۾ مرڪزي عهديدارن محمد علي جروار سيد رياض شاهه علي عظمت بلوچ مختيار علي مگسي سميت ٻيا موجود هئا

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
آڱارو 18 نومبر 2025ع

معيشت سان گڏ سماجي ابتريءَ تي به ڌيان ڏنو وڃي!

پاڪستان ۾ تيزيءَ سان عام ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ اچي رهيا آهن. اها صورتحال صرف معاشي بحران نه پر حڪومتي نظام جي ناڪاميءَ جو به ڏيک ڏئي ٿي. عالمي مالي ادارن مطابق ملڪ جي آبادي جو لڳ ڀڳ اڌ حصو هاڻي غربت جي لڪير کان هيٺ آهي، يعني 22 ڪروڙ ماڻهن مان تقريباً 11 ڪروڙ ماڻهو پنهنجي بنيادي ضرورتن جهڙوڪ خوراڪ، پاڻي، تعليم ۽ علاج کان محروم ٿي رهيا آهن. ان دوران جڏهن عام ماڻهو هر روز جي بقا لاءِ جدوجهد ڪري رهيا آهن ته اقتدار ۾ ويٺل طبقي جي دولت تيزيءَ سان وڌي رهي آهي. سياستدان، وڏيرا، جاگيردار ۽ اعليٰ عهدن تي رهندڙ هر سال اربين روپين جا اثاثا جمع ڪري رهيا آهن. جڏهن ته غريب ماڻهو هر مهيني وڌندڙ مهانگائي ۽ بيروزگاريءَ جي دٻاءُ ۾ اچي وڃن ٿا. گذريل سالن ۾ روزاني خرچ ۽ مهانگائيءَ جا رڪارڊ ٽٽي چڪا آهن جنهن سان عام ماڻهن لاءِ زندگي تنگ ۽ مشڪل ٿي وئي آهي. مزدور، استاد، نرس، ڊرائيور ۽ سرڪاري ملازم سڀئي survival mode ۾ آهن. ٻئي طرف، اقتدار ۾ ويٺل ماڻهن لاءِ هر بحران هڪ موقعو بڻجي ويو آهي. جڏهن ڊالر مهانگو ٿيندو آهي، انهن جون ملڪيتون وڌن ٿيون. جڏهن ڪڻڪ، کنڊ يا ٻيا زرعي بحران اچن ٿا، انهن جي منافعي ۾ واڌ ٿئي ٿي. جڏهن ٻارڙن جي تعليم ۽ علاج مهانگو ٿيندو آهي، انهن کي پنهنجي اثاثن ۾ اضافو ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو. اهڙي تڪراري ۽ بي رحمي واري معاشي پريشانيءَ ۾ عام ماڻهو بس پاڻ کي سنڀالڻ لاءِ مجبور ٿي وڃي ٿو.

ملڪ ۾ غربت صرف آمدني گهٽ ٿيڻ سبب ناهي، اها معاشي ناانصافي، حڪومتي پاليسين جي عدم مساوات ۽ وسيلن جي غلط ورڇ جو نتيجو به آهي. هڪ طرف عام ماڻهو پنهنجي ٻارن جي اسڪول فيس، روزمره جي کاڌي ۽ علاج جي قيمتن لاءِ پريشان آهن ته ٻي طرف اشرافيه اربين رپين جا بنگلا، فارم هائوس، شاهانه گاڏيون ۽ عيش واري زندگي گذاري رهيا آهن. غربت ۽ دولت جي هيءَ غير متوازن ورڇ ملڪ ۾ سماجي ۽ اقتصادي فرق کي وڌائي رهي آهي جنهن جا نتيجا اڳتي هلي وڌيڪ شديد ٿي سگهن ٿا. حقيقت اها آهي ته ملڪ جو نظام گهڻو ڪري اميرن لاءِ ٺهيل آهي. بدعنواني هر سطح تي موجود آهي. سرڪاري منصوبن جا پئسا ضايع ٿين ٿا ۽ ٽيڪس جو نظام ايترو غير متوازن آهي جو امير ماڻهو ٽيڪس کان بچي وڃن ٿا، جڏهن ته غريب جي سر تي پيٽرول، بجلي ۽ روزمره جي شين جا ٽيڪس وڌايا وڃن ٿا. زمين ۽ وسيلن جو ڪنٽرول صرف چند ماڻهن وٽ آهي. تعليم ۽ صحت جا بهترين ادارا اميرن تائين محدود آهن ۽ روزگار جا بهتر موقعا پڻ طاقتور خاندانن تائين محدود آهن. نتيجي طور، غريب ماڻهو روزاني جدوجهد ۾ آهي، جڏهن ته اميرن جي دولت مسلسل وڌي رهي آهي. غربت وڌڻ ۽ دولت جي مرڪزي ٿيڻ واري صورتحال معاشرتي تڪرار ۽ سياسي بي اعتمادي کي پڻ جنم ڏئي ٿي. جڏهن ماڻهو روزاني زندگيءَ جي ضرورتن لاءِ پريشان هوندا آهن ۽ ڏسندا آهن ته حڪمران طبقو روز بروز وڌيڪ امير ٿي رهيو آهي ته سماجي انصاف ۽ اعتماد ختم ٿيڻ شروع ٿي وڃي ٿو. اهڙي غير متوازن نظام ۾ صرف مختصر مدت جا انتظامي حل ڪم نٿا ڪن. مستقل حل گهربل آهي ته حڪومتي پاليسين ۾ شفافيت، ٽيڪس جي منصفاڻي اوڳاڙي، وسيلن جي مساوي ورڇ، تعليم ۽ صحت تائين آسان پهچ ۽ نوجوانن لاءِ روزگار جا حقيقي موقعا پيدا ڪيا وڃن. ان لاءِ ضروري آهي ته غربت کي گهٽائڻ ۽ دولت جي تقسيم کي منصفاڻو بڻائڻ واري پاليسين کي ترجيح ڏني وڃي. جيڪڏهن اقتدار ۾ ويٺل طبقي لاءِ هر بحران هڪ موقعو بڻجي سگهي ٿو ته عام ماڻهوءَ لاءِ به اهڙا موقعا پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. صرف ائين ئي ملڪ ۾ سماجي انصاف، معيشت ۾ استحڪام ۽ عوام جي اعتماد کي بحال ڪري سگهجي ٿو.

ٻگڙا ڪوري ڳوٺ، جتي پراڻيون روايتون زنده آهن!

ذلفي چاچڙ

سنڌ جي شروعاتي شهر ڪمون شهيد کان اتر طرف نڪرندڙ لنڪ روڊ جيڪو ڪنڀڙا پوليس اسٽيشن کان ٿيندو مريد شاخ شهر تائين اچي ٿو به ڪلو ميٽر جي فاصلي تي جيڪو ڀهريون ڳوٺ ايندو آهي، ان کي "ٻگڙا ڪوري" چوندا آهن. ان ڳوٺ نمان شهر تي اهو نالو ان ڪري پيو جو اتان جا رهواسي ڪوري برادريءَ جا ماڻهو اڇي چمڙيءَ وارا يا گورا آهن، جن جو اکيون جيني قوم جيان ننڍڙيون ۽ سنڌن مٿو پرون، ڏاڙهي ۽ شهپرن جي وارن جو رنگ ڪٽڪائو هوندو آهي. جن جي چهرن مان سنڌن عمر جو ڪاٿو لڳائي ناهي سگهبو آهي. جو ته پڪا، پوڙها ۽ نوجوان هڪ جيترا لڳندا آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪو ماڻهوءَ دبئي يا ڪنهن ٻئي ٻاهرين ملڪ هليو وڃي ته ڪين اتان جا ماڻهو سنڌي يا پاڪستاني بدران انگريز تصور ڪندا آهن. ان ڳوٺ جي رهواسين جا ٻيا مائٽ سنڌي مختلف شهرن ۽ پنجاب ۾ پڻ رهن ٿا. مخصوص لهجو ۽ منفرد مشابهت رکندڙ اهي ماڻهو پنهنجي ٽر ۾ پري کان ئي آسانيءَ سان سڃاتا ويندا آهن. ٻگڙا ڪوري بنيادي طور تي هاري ئي آهن، جيستائين منهنجو خيال آهي ته انهن ۾ ڪو به شخص بي زمين ناهي، وٽن ڪجهه نه ڪجهه ذاتي زمين هجي ٿي، جيڪا خود کيڙي ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي ٻچن جو پيٽ پاليندا آهن. هتان جون ٻنيون زرخيز آهن. جن ۾ ڪمند، ڪيلا، ڪڻڪ، سارين، مڱ، وونڊڻ، ڀاڄيون ۽ ٻيو فصل ٿيندو آهي پر زمين کي سٺو هر فصل کي زرعي دوائون ۽ ڀاڻ وغيره گهٽ يا نه ڏيڻ سبب هتان جا رهواسي پنهنجي فصل مان ڀرپور لاڀ حاصل ڪري مناسب فائدو ڪٿي ناهن سگهندا. اهو عمل سنڌن ناتجربيڪاري نه پر سادگي ئي آهي. هن برادريءَ جا ماڻهو تعليم پرائڻ سان گڏ ٻيا مختلف هنر به سکي ورتا آهن ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ به سنڌن چڱو تعداد آهي پر هو خود کي "کيڙي اٺڻ وارا ڪوري" سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪندا آهن.

هيءَ ماڻهو نهايت ئي محبتي، پُرامن، خلوص وارا ۽ مهمان نواز آهن. سنڌن روزمره جي گفتگو مزاح تي ٻڌل ۽ دلچسپ هوندي آهي، جيڪا ڪو اوپرو شخص ٻڌي اچرج ۾ پئجي ويندو آهي. جڻ هو ڪو اسٽيج ڊرامو ڏسي رهيو هجي يا ائين محسوس ڪندو آهي ته بس اڃهو اهي پاڻ ۾ اٽڪي پوندا ۽ هٿين هڪ ٻئي جو مٿو ڦاڙي ڇڏيندا. اوهان کي شايد اِها ڳالهه ٻڌي حيرت ٿئي ته گهوٽڪي ضلعي جي هن ۽ پسگردائيءَ جي ٻين ڳوٺن ۾ ڪا عورت ۽ ڪو مرد اڄ تائين سنڌ لاءِ ناسور بڻيل ڪارنهن واري ڪُڌي رسم تحت قتل ناهي ٿيو. ٻگڙا ڪوري ڳوٺ ۾ 3 سئو جي لڳ ڀڳ دڪان ۽ انهن ۾ ڍاڪو ڪن هوٽل به آهن. جتي هوٽلن ته سڄو ڏينهن فلمون وغيره هلنديون رهنديون آهن پر ڳوٺ ۾ ڪا فوتگي ٿي ويندي آهي ته سوڳ ۾ هوٽلن تي فلمون هلائڻ بند ڪري ڇڏيندا آهن. هاريپي ۾ مهارت رکڻ سان گڏ ڏڀ ۽ سرن جي تيلين مان هيءَ ماڻهو ڇڄ، ڇهبون، ٽوڪرا، ڪارا ۽ اهڙي قسم جون ٻيون گهريلو استعمال ۾ ايندڙ شيون ناهيندا آهن. جيڪو هنر سنڌن سڃاڻپ بڻيل ۽ ڪين ورثي ۾ مليل آهي. جهڙي طرح ڪو ٻار پنهنجي مادري ٻولي خود بخود سکي وٺندو آهي يا پکي پنهنجو آکيرو ناهيندا آهن. اهڙي طرح هي ماڻهو به پنهنجي اباڻي ڪرت سکندا آهن. سنڌن قبرستان به گڏيل آهي، جتي هو بنا ڪنهن تفريق جي پنهنجي مرحوم مائٽن جون ميتون دفنائيندا آهن. ڳوٺ ٻگڙا ڪوريءَ جا رهواسي محرم الحرام جي مهيني ۾ گهرن تي لڳل علم پاڪ لاهيندا ۽ نوان هڻندا آهن. نياز لنگر ۽ سبيلون ورهائيندي نظر ايندا آهن ۽ عاشوري واري ڏينهن ماتمي جلوسن ۾ شامل ٿيندا آهن. ڳوٺ ۾ فقط هڪ ئي مسجد آهي، جنهن ۾ هر مسلڪ سان لاڳاپيل ماڻهو عبادت ڪندا آهن. هتي جا ڳوناٺا مٽيون ماڻيون به پاڻ ۾ ڪن ٿا، ربيع اول ۾ پڻ هو پرجوش ڏسڻ ۾ ايندا آهن. هو سياسي سرگرمين ۾ پڻ حصو وٺن ٿا.

سنڌن ڳوٺ يا شهر ۾ ايندڙ هر نئين شخص سان هو اهڙي ريت نيازمندي ۽ ادب سان پيش ايندا آهن. جهڙي طرح اهو شخص سنڌن مهمان هجي. هر اوپري ۽ ٻاهرين ماڻهوءَ سان هو نه صرف هٿ ملائيندا آهن پر خير عافيت معلوم ڪرڻ کان ويندي روايتي حال احوال به ڪن ٿا. ڪجهه پنجاب جا عطائي ڊاڪٽرن به ان ڳوٺ کي پنهنجي آجامگاهه بڻائي ويٺل آهن، جيڪي هڪ ئي وقت انسانن سان گڏ جانورن جو به علاج ڪندا رهن ٿا، جن تمام گهڻو پئسو ڪمايو آهي ۽ هاڻي هُو سکيا ستابا ٿي ويا آهن. پر رسول بخش عرف گوشل ڪوري جيڪو جڻ ته علائقي واسين جو علاج مفت ۾ ڪندو آهي، هو بخار واري دوا جي بوتل چار کان پنج مريضن کي ٻين خالي بوتلن ۾ هڪ هڪ خوراڪ جيتري لاهي ڏيندو آهي ۽ اهڙي طرح مريض سئو کان ڏيڍ سئو رپين ۾ تيار ٿيو وڃي. جتي عطائي ڊاڪٽر ڪميشن جي چڪر ۾ اخلاقي ڏوهه ڪندي مريضن لاءِ غير ضروري دوائون تجويز ڪندا رهن ٿا. اتي گوشل جهڙو غريب پرور نوجوان پنهنجي مسيحائي پيشي جو ڀرم رکندو پيو اچي. پيرسن بروهي ۽ فقير ڪوري شادين مرادين تي سهرا ۽ ڍولڪ تي سچل سائينءَ کي ڪمال انداز سان ڳائيندو آهي. افسوس جو سندس فن فقط ٽر تائين ئي محدود آهي. سنڌ جتي پنهنجي حقيقي سڃاڻپ، پنهنجائپ وارا رويا ۽ شاندار روايتون وساريندي وڃي ٿي، اتي ٻگڙا ڪوري ڳوٺ يا شهر ۾ سنڌ جو اهي شاندار روايتون اڄ به زنده آهن ۽ اتي اصلوڪي سنڌ جي جهلڪ ڏسڻ ۾ ايندي آهي.

آمريڪا جي فضائن مان

27هين ترميم، جمهوريت جا زخم، استحڪام جو خواب ۽ منهنجا سوال

راجا زاهد اختر خانزاده

مون اکيون ان دور ۾ کوليون جڏهن پاڪستان تي ضياءالحق جي مارشل لا هئي، اخبارن جا صفحا پڙهڻ کان اڳ ئي ڪتجي ويندا هئا، استاد ۽ شاگرد جيلن ۾ هوندا هئا، جلسا جلوس ڏوهه هئا ۽ جمهوريت ڪنهن ڪتاب جي تعريف نه پر ڪوڙن جا نشان، لاٺي چارج جي تپش ۽ خاموش پابندين جو ٻيو نالو هئي. اسان ۽ اسان جهڙا هزارين ماڻهو ان خواب لاءِ نعرا هڻندا رهياسين ته هڪ ڏينهن ووٽ جي حرمت هوندي، اختيار چونڊيل ماڻهن وٽ هوندو ۽ وردي صرف سرحد تائين هوندي. شايد انهيءَ ڪري اڄ به منهنجو ذهن آسانيءَ سان قبول ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي ته پاڪستان جي استحڪام جو نسخو ڪا آئيني ترميم يا هڪ ٻئي طاقتور عسڪري عهدو ٿي سگهي ٿو.

اڄ مان آمريڪا ۾ رهندو آهيان، پاڪستان سان منهنجو رشتو نه ووٽرلسٽ جو آهي نه ڪنهن عهدي جو. پر ياد ۽ خواهش جو آهي. اهو ملڪ جتي اسان پيدا ٿياسين. اسان جي سڃاڻپ جي پهرين لڪير اُتي ئي ٿي نهي، ۽ انهيءَ ڪري دل اڄ به چاهي ٿي ته پاڪستان ڪنهن طرح پڄاڻي مان ٻاهر نڪري سڌي پير هلي. پر عجيب ڳالهه آهي ته اهي ساڳيا دوست جيڪي ڪڏهن جنرلن جو نالو ٻڌندي ڪاوڙجي پوندا هئا، اڄ انهن لاءِ اکين ۾ روشني ۽ زبان تي دليل رکن ٿا. ڊيلس، هيوسٽن، نيويارڪ ۽ واشنگٽن ۾ هاڻي بحث اهو ناهي ته ادارن کي پٺتي هٽڻ گهرجي، پر اهو آهي ته جيڪڏهن ڪو هڪ جنرل واقعي ڪرپشن خلاف بيٺو آهي، ڀارت کي سخت جواب ڏئي چڪو آهي، طالبان جي اک ۾ اک وجهي ڳالهائي ٿو ۽ اسمگلنگ جا نالا نڪتل نيٽ ورڪ ٽوڙي چڪو آهي ته ڇا کيس آئيني حصار نه ملڻ گهرجي، جيئن هو کلي ڪري ڪم ڪري سگهي.

جڏهن مان اهي ڳالهيون ٻڌندو آهيان ته منهنجو اندر وارو اهو ڇوڪرو جيڪو ضياءَ جي مارشل لا خلاف نعرا هڻندي جوان ٿيو، ڇرڪي پوي ٿو ۽ پڇي ٿو ته "ڇا اسان ٻيهر اها ئي غلطي ته نٿا ورجايون؟"

پر پوءِ فوراً مونکي پنهنجون ئي ملاقاتون ياد اچن ٿيون.

پهريون ملاقات واشنگٽن ۾ ان وڏي ايونٽ دوران ٿي، جتي پاڪستاني ڪميونٽي ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي سڌي گفتگو ٿي ۽ مان اتي موجود هئس.

ٻي ملاقات ٽيمپا ۾ سنڌن هڪ خصوصي ايونٽ دوران ٿي، جتي مون پڻ شرڪت ڪئي.

پر ٽيون ۽ سڀني ۾ يادگار لمحو ان وقت آيو، جڏهن شام جو مان ڪجهه دوستن سان گڏ هوٽل جي دروازي وٽ بيٺو هئس ۽ فيلڊ مارشل اتي اڄانڪ ٻاهر وڃڻ لاءِ پهتا. هو رڪيا، اسان سان هٿ ملايائون ۽ لڳاتار ويهه منٽ اسان سان بيهي ڳالهائيندا رهيا. مون کين بلڪل ويجهو ڏٺو. روائتي فوجي اڪڙ کان خالي، نرم لهجو، سڄو ڌيان ڏئي ٻڌڻ جي عادت. وچ ۾ ڳالهه نه اٽڪائڻ، سوچيو سمجهيو جواب ۽ ٻه سال کان وڌيڪ ٿي ويا آهن هن لاءِ پلاٽن جا قصا، ڪميشنن جون سرگوشيون يا خفيه کاتن جون ڪهاڻيون نه لڳيون آهن.

پاڪستان جي تلخ حقيقت اها آهي ته اتي آرمي چيف سالن کان رياست جو بي تاج بادشاهه رهيو آهي. حڪومتون بدلجن ٿيون پر هڪ دروازو هميشه ساڳيو هوندو آهي. جتي اصل فيصلا ٿين ٿا. فرق رڳو اهو آهي ته اهي فيصلا آئيني صفحي جي حاشيي تي لکيل هوندا آهن، متن جو حصو ناهن هوندا. 27هين ترميم جا حامي چون ٿا ته جيڪڏهن امن، جنگ، خارجه پاليسي ۽ سيڪيورٽي جا وڏا فيصلا اڳ ئي پنڊيءَ ۾ ٿيندا هئا، ته پوءِ بهتر آهي ته ان حقيقت کي آئيني زبان ڏني وڃي ته جيئن گهٽ ۾ گهٽ ذميواري ۽ جوابدهي ته واضح ٿئي.

ڀارت سان تازي چئن ڏينهن واري جنگ ڪانپوءِ هن بحث ۾ تيزي اچي وئي، جيڪي دوست سڄي عمر اسٽيبلشمينٽ جا ناقد رهيا، اهي به چون ٿا ته هن ڀيري جواب وقت تي هو، پيغام صاف هو ۽ جنگ ميدان کان وڌيڪ نفسيات ۾ کٽي وئي.

ساڳي وقت طالبان ۽ سرحد پار دهشتگرديءَ جو محاذ به کليل هو. اڳوڻا چيف ڪيترائي دفعا هنن گروهن جي آڏو عجيب ٻڌتر ۾ نظر آيا، جڻ مستقبل جو اثاثو سمجهندا هجن.

هتي منهنجي هڪ ويجهي دوست جو ذڪر ضروري آهي، جيڪو پاڪستان ڪسٽمز مان رٽائرڊ آهي. هن سالن تائين ڏٺو ته افغان ٽرانزٽ ٽريڊ ۽ بارڊر اسمگلنگ ۾ ڪيئن ڪي طاقتور حلقا، ايستائين جو ڪجهه جرنيل به حصيدار هوندا هئا، پر هن ڀيري ڪنهن چيف انهن فائلن ۾ هٿ وڌو ڪي ماڻهو هٽايا ويا، ڪي بند ڪمرن ۾ رکيل فائلون ميز تي آيون ۽ واضح پيغام ويو ته سرحد صرف جيو پالٽڪس نه پر معيشت جو سوال به آهي.

طالبان هجن، اندروني انتهاپسندي هجي يا ڀارت سان ڇڪتاڻ، انهن سڀني محاذن تي نسبتاً مضبوط ردعمل عاصم منير جي حامين جي دليلن کي وڌيڪ وزن ڏئي ٿو.

سنڌن چوڻ آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو اهڙي دٻاءَ ۾ به رياست کي سڌي راهه تي آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته پوءِ بغير آئيني تحفظ جي هر سياسي موسم ايندي ته سنڌس هر فيصلي کي جرم بڻايو ويندو ۽ هر قدم کي سازش چيو ويندو.

مان هن ترميم جو ناقد رهيو آهيان، ٻن مفصل ڪالمن ۾ مخالفت ڪئي آهي. مون کي خوف آهي ته طاقت کي وڌيڪ آئيني سپورٽ ڏيڻ سان جمهوريت جو ڪمزور گهر وڌيڪ پوئتي ڌڪجي ويندو.

پر هن وقت ڪڏهن ڪڏهن مان خود به لاجواب ٿي ويندو آهيان، جڏهن دوست دليلن سان ويهندا آهن. هو چون ٿا: "جيڪڏهن تو پاڻ لکيو آهي ته آرمي چيف اڳ ئي طاقتور هوندو آهي ته پوءِ هاڻي جيڪڏهن اها حقيقت آئيني متن ۾ اچي رهي آهي ته ان ۾ نئون گناهه ڪهڙو ٿيو؟" PTI جو نالو اچي ٿو ته بحث وڌيڪ تلخ ٿي وڃي ٿو. حامين جو موقف آهي ته 2018 جو هائبرڊ نظام ته PTI پاڻ ناهيو. انجنيئرڊ اليڪشن، مخصوص بيانيه، ڪمزور سول حڪومت ۽ طاقتور سايو.. اهو سڀ ڪجهه پاڻ قبول ڪيو ويو. جڏهن سايو سنڌن پاسي هو، اهو نظام نئون پاڪستان لڳندو هو.

جڏهن رخ بدليو، ساڳيو نظام ظلم ۽ ناانصافي ٿي پيو.

دنيا جي تازن جمهوريتن جي سروي به ساڳي ڳالهه ٻڌائي ٿي، ماڻهو جمهوريت کي نظرياتي طور بهترين چون ٿا پر پنهنجن ملڪن جي جمهوري ڪارڪردگيءَ کان سخت مايوس آهن. آمريڪا کان يورپ تائين معاشي نابرابري، بدعنواني، ادارن جي ٽڪراءَ ۽ ميڊيا جي خريد و فروخت سبب بي چيني وڌي آهي. ڀارت جو مثال ته سامهون آهي، دنيا جي وڏي جمهوريت، پر رپورٽن ۾ "انتخابي آمريت." ميڊيا ڪنٽرول هيٺ، عدليه تي سوال، اقليتون، خاص طور مسلمان، دٻاءَ هيٺ، ووٽ پوي ٿو، نتيجو ايندو آهي، پر عوامي امنگ ۽ رياست جي حقيقت ۾ خليج وڌندي وڃي ٿي.

27هين ترميم جا حامي چون ٿا ته، جيڪڏهن ڀارت جهڙو ملڪ پنهنجي فوجي مرڪزيت سبب قائم آهي ته پاڪستان جهڙي نازڪ جغرافيائي صورتحال ۾ به هڪ متحد عسڪري ڪمان ناگزير آهي. اهو عمل بادشاهي نه پر رياستي ري اسٽرڪچر آهي.

مان تازي جنگ کان پوءِ پاڻ ڏٺو ته عالمي سطح تي پاڪستان جي سفارتي ساک ڪيئن تبديل ٿي. صدر ٽرمپ طرفان پاڪستان جي سيڪيورٽي ري اسٽرڪچر جي تعريف، عرب دنيا ۾ گرمجوشي ۽ دنيا کي هڪ صاف پيغام: "پاڪستان هاڻ تيزيءَ سان گڏيل ڪمانڊ ۾ فيصلا ڪري سگهي ٿو." فيلڊ مارشل عاصم منير هتي مرڪزي ڪردار ٻڌجي ٿو. مون واشنگٽن ۽ ٽيمپا ۾ ملاقاتن دوران هن جي لهجي ۾ درد به ڏٺو ۽ وڏا فيصلا ڪرڻ وارو وقار به.

حامي جڏهن آئيني نڪتا ٻڌائين ٿا ته سنڌن منطق صاف آهي. اهم فيصلا هاڻ ٽي دروازا نه پر هڪ آئيني دروازي مان گذرندا، عسڪري طاقت غير تحريري نه پر متن جو حصو هوندي، سپريم ڪورٽ کي سياسي جنگ مان بچائي، حادثا گهٽ ٿيندا. Chief of Defence Forcesجو عهدو فيصلن جي رفتار ۽ سنگيني وڌائيندو، پاڪستان جهڙي ملڪ لاءِ، جتي حڪومتون پنج سال پورا ناهن ڪري سگهنديون، جتي معيشت هر تجربي سان وڌيڪ زخمي ٿئي ٿي، جتي عدالت سياست جو ميدان لڳي ۽ جتي مذهبي شدت پسندي ۽ سرحدي خطرا گڏ هلن، اتي رڳو پارلياماني نظام تي ڀاڙڻ ڪجهه رومانوي لڳي ٿو. ان ڪري حامي چون ٿا ته آرمي ايڪٽ ۾ تبديلي ۽ فيلڊ مارشل جي آئيني حيثيت، تلخ ضرور پر ناگزير هئي.

۽ مان.. مان اڄ به هن ترميم جو مداح نه آهيان. پنهنجون ڳالهيون، خدشا، خوف اڄ به ساڳيا آهن. پر مان ان completenessکان به فرار نٿو ٿي سگهان جنهن لاءِ سڄي تصوير ڏسڻ ضروري آهي.

اگر مان صرف پنهنجو موقف لکان ۽ مخالف دليل ڇڏي ڏيان ته منهنجي تحرير انصاف نه ڪندي، سو مان اهو سڀ ڪجهه ڪنهن سرٽيفڪيٽ طور نه، پر رڳو انهيءَ لاءِ لکي رهيو آهيان ته قومن کي پنهنجن آئينن بابت بحث ۾ پورو منظر ڏسڻو پوي ٿو. تاريخ فيصلو ڪندي، هي بندوبست نئون بحران ٻڌجندو يا ڪجهه وقت لاءِ ئي صحيح، ڍهندڙ رياست کي سنڀالي وٺندو؟

ڪهڙو رخ وٺي ٿو- اهو وقت ٻڌائيندو. اسان جو ڪم رڳو ايترو آهي ته بحث کي نعري، ڪاوڙ يا مايوسي جي حوالي نه ڪيون، پر روشني، دليل ۽ مڪمل تصوير ڏانهن وٺي وڃون. ۽ مان.. اڄ به ان ئي جاءِ تي بيٺل آهيان جتي روشني ۽ اونداهه گڏ ٿين ٿا. ناقد به آهيان، قائل ٿيڻ جي ڪشمڪش ۾ به ۽ شايد اها ئي ڪيفيت اڄ جي پاڪستان جي سڀ کان سچي تصوير آهي.

پنجين ورسيءَ تي ڀيٽا

هاري اڳواڻ ڪامريڊ اظهر جتوئي!

غلام حسين خاصخيلي

سنڌ ۾ هارين جي حقن لاءِ ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن تي کيس سُرخ سلام پيش ڪريون ٿا. پاڻ هميشه هارين، پورهيتن ۽ مزدورن سميت مظلوم عوام جي حقن لاءِ سچائيءَ سان جدوجهد ڪئي، زندگيءَ جي آخري گهڙيءَ تائين پنهنجي مقصد تي سچائيءَ سان بيٺل رهيو. اهڙا ماڻهو املهه ماڻڪ هوندا آهن. جن لاءِ سنڌ جي عظيم شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جو بيت آهي ته

ماڻهو سڀ نه سهڻا پکي سڀ نه هنج
ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي.

ڪامريڊ اظهر جتوئي به واقعي املهه ماڻڪ ۽ شخصيت هو جيڪو سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي مرڪزي صدر جي عهدي تي سچائيءَ سان بيٺل رهيو، ان سنڌ هاري ڪاميٽيءَ جي باني ناميارو اديب ۽ شاعر ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي ڏسيل راهه تي هلندي هميشه حق سچ جو ساٿ ڏنو ۽ عوام جي آواز کي بلند ڪيو. ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي اهڙي جدوجهد کي ڏسي ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جو روح به خوش ٿيو هوندو ته منهنجي فلسفي نظرئي مطابق بيٺل رهيو. يقين اهڙا ڪردار تاريخ ۾ هميشه زندهه رهندا آهن ۽ تاريخ انهن کي هميشه ياد ڪندي رهندي آهي.

هارين جي حقن لاءِ حيدر بخش جتوئي جيڪا تحريڪ شروع ڪئي، ان تحريڪ ۾ سنڌ جا هاري، پورهيت، وڪيل، شاگرد، اديب، صحافي ۽ دانشور پڻ هميشه ساڻس گڏ رهيا. پاڻ ڪامريڊ حيدربخش جتوئيءَ جي ان جدوجهد ۾ سچائيءَ سان وک وک تي گڏ رهيو. ان جدوجهد جي ڏئي کي ڪامريڊ جام ساقي، ڪامريڊ مظهر جتوئي، ڪامريڊ اظهر جتوئي، ڪامريڊ صالح بلو کان وٺي ڪامريڊ سخي محمد رمضان خاصخيليءَ تائين سمورا اڳواڻ هن جو ساٿ ڏيندا رهيا ۽ آخر تائين جدوجهد جي ميدان ۾ بيٺل رهيا، اهڙا امر ڪردار هميشه زندهه رهندا آهن. اڄ ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي پنجين ورسيءَ جي موقعي تي سنڌ هاري ڪاميٽيءَ طرفان حيدرآباد پريس ڪلب ۾ ورسيءَ جي تقريب دوران ڪامريڊ اظهر جتوئيءَ جي ڪيل خدمتن تي لکيل ڪتاب "فرزندِ سنڌ ڪامريڊ اظهر جتوئي" جي مهورت پڻ رٿيل آهي. ڪامريڊ اظهر جتوئي جهڙا ڪردار هميشه امر رهندا.

سنڌ ۾ مايوسي جا پوکيل فصل ۽ حڪومت خاموش تماشائي!



مير اعظم علي ٽالپر

اخبارن ۾ عام طرح سان هڪ ئي خبر ٻن مختلف طريقن سان شايع ٿيندي آهي، خبر جو تعلق روزانه ڪاڏي جي شين، واپار ۽ زراعت سان هوندو آهي، مثال طور تازو سنڌ ۾ ٽماٽن جي اگهه جو 500 کان 600 روپيا ٿي وڃڻ ۽ آسمان تي پهچي وڃڻ سبب اخبارن ۾ خبر هن ريت ڇپي هئي ته 'ٽماٽا 500 روپيا ڪلو خريدارن جي مهانگائيءَ چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي' ڪجهه ڏينهن بعد ساڳي ٽماٽن جي خبر ٿوري گهٽ فرق سان اخبارن ۾ هن طرح ڇپي ته 'ٽماٽا في ڇلي 20 ۽ ڪلو 30 روپيا، سنڌ جو ٽماٽو لهڻ شرط اگهه پٽ پئجي ويا، اگهن آبادگارن جي چيلهه ڀڃي ڪري ڇڏي.' ان ڪانسواءِ 'ڪمند جو اگهه نامناسب، آبادگارن جا هٿ هٿ مٿي تي' ساڳي خبر ٿوري فرق سان وري اخبارن ڏني ته ڪنڊ في ڪلو 230 روپيا خريدارن جا هٿ هٿ مٿي تي' جڏهن ته سنڌ ۾ سارين جو اگهه نه هئڻ ڪري آبادگار پريشان آهن، ٻئي طرف ساڳي خبر هن ريت اخبارن ۾ آئي ته 'جانورن جو اگهه چڙهي ويو، خريدار پريشان' ۽ هاڻ ڪڻڪ جي پوکائي شروع ٿي آهي، جنهن لاءِ سنڌ سرڪار هاري ڪارڊ، ٻج، ڀاڻ ڏيڻ لاءِ دلفريب اعلان ڪيا آهن پر جڏهن ڪڻڪ لهندي يا ڪڻڪ جو پلو ڏلو يا ڀمپر فصل لهندو ته نه باردانو ملندو نه سرڪاري اگهه ملندو، بس جيڪو سيٺ صاحب اگهه ڏنو سو ئي نصيب!! سنڌ ۾ هن وقت ٻه فصل زراعت جا خاص ڪري وونڊڻ ۽ سارين پنهنجي پڄاڻي يعني 'دي اينڊ' تي پهچڻ وارا آهن ۽ سنڌ جو خاص ۽ اهم فصل ڪڻڪ پوکجي رهيو آهي ۽ ان جي اگهه لاءِ آبادگارن جي اميدن جي ٻيڙي درياهه منجهه آهي. جڏهن ته سنڌ جو وڏو فصل ڪمند (زلف جي ٻند ڪمند وڏا) جيڪو ڪنهن زماني ۾ سنڌ اندر ڀهرين شگر مل فوجي شگر مل ٽنڊو محمد خان ۾ هوندي هئي ته 15 آڪٽوبر کان ڪمند جي پيڙهائي شروع ڪري ڇڏيندي هئي ۽ ڪمند جو مڻ 2 روپيا هوندو هو ۽ ٽرڪ پهچائڻ لاءِ مل مان انڊنٽ سلطان نالي شخص ڏيندو هو ۽ مل چالو ٿيڻ کان اڳ ڀهرين آڪٽوبر ڪانپوءِ ترت پنهنجي چمني هاري دونهون ڪڍڻ شروع ڪندي هئي ۽ ان دونهين سان ٽنڊو محمد خان جو شهر 'چار' سان متاثر به ٿيندو هو پر ان ڪانپوءِ ڪمند جو اگهه وڌي اڍائي روپيا مڻ ٿيو ته ڪمند جا آبادگار زميندار ڏاڍا خوش ٿيا هئا. ان زماني ۾ ٽنڊو محمد خان جيڪو ڀهرين ڳوٺي نالي تعلقو هو ان ۾ ڪمند جو هڪ مثالي ۽ بهترين زميندار راقم جو ڀاءُ مير گل حسن خان ٽالپر هوندو هو. مير گل حسن ٽالپر هڪ انسان دوست شخصيت ۽ درويش صفت طبيعت جو مالڪ هوندو هو ۽ جڏهن به سيارو ايندو هو ته ڪمند جي پيڙهائي وقت هُو غريبن لاءِ ڪيترائي ڀلائي جا ڪم ڪندو هو. خاص ڪري اکين جي مفت ڪيمپ ٽن ڏينهن لاءِ منعقد ڪرڻ هر سال لازمي هوندو هو ۽ ان لاءِ مير گل حسن خان ٽالپر ڪڏهن به وسان نه گهٽايو ۽ ان ڪيمپ جو اڳواڻ ڊاڪٽر نثار ميمڻ هوندو هو. جيڪو راقم جو پٽي ڀائي هو ۽ اسان ٻئي روزانه آفتاب ۾ گڏ هئاسين. ڊاڪٽر نثار ميمڻ شاگردن جي صفحي جو انچارج هو. هن سان گڏ ڊاڪٽر غلام نبي ڏيپر ۽ مقبول ميمڻ هوندا هئا. راقم آفتاب ۾ راندين جو صفحو ڪڍوندو هو. اڄڪلهه ٽنڊو محمد خان ۾ مير گل حسن خان ٽالپر جو فرزند مير علي رضا ٽالپر ضلعي ۾ انتهائي سرگرم ۽ سياسي سماجي ڪمن ۾ والد صاحب وانگر آهي ۽ خاص ڪري مير علي رضا ٽالپر غريبن جو هڏڏوکي ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي حل ڪرڻ ۾ هڪ انسان دوست آهي، مير علي رضا ٽالپر جي ڪوشش سان ٽنڊو محمد خان شهر ۾ بجلي جو مسئلو حل ڪرائي آبادگار فيڊر کي فري لوڊشيڊنگ ڪرايو آهي. هن هفتي ان سلسلي ۾ حيسڪو جو هڪ وڏو پروگرام ٽنڊو محمد خان ۾ منعقد ڪيو ويو هو ان ڪري ٽنڊو محمد خان جي ترقي ڪرائڻ ۽ مسئلا حل ڪرائڻ ۾ مير علي رضا ٽالپر جس لهڻي، تازو مير صاحب عمري جي به سعادت حاصل ڪئي آهي. وفاقي حڪومت پنجاب ۾ شگر ملن جي ڪرشنگ شروع نه ڪرڻ تي ناراضگي طور نيون شگر ملون قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪندي ملون لڳائڻ تان پابندي ختم ڪرڻ جو چيو آهي، پر وڌيڪ ملون لڳائڻ سان ڪمند جو اگهه وڌڻ ۽ کنڊ جو اگهه گهٽ ٿيڻ جي گارنٽي سان گڏ ملون وقت تي ڪرشنگ ڪنديون؟ سنڌي ۾ پهاڪو آهي ته 'گهڻن مردن سان هَر نه هلي ته گهڻين عورتن سان گهر نه هلي' سو ملون ڪيتريون به گهڻيون هجن جو نه هجن پر وقت سِر نه هلنديون ته ڪهڙو فائدو؟ سنڌ ۾ هر ڪنهن ننڍي عمر کان پرائمري ۾ پڙهيو آهي ته اسان جو ملڪ پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي، پر اڄڪلهه زراعت سان وابسته زميندارن ۽ هارين جي حالت انتهائي خراب ۽ آءِ سي يو ۾ داخل هڪ مريض جيان آهي. جڏهن ته زراعت ملڪ جي هڪ مضبوط معيشت جو بنيادي پايو آهي. پر هن وقت خود زراعت پنهنجي زندگي مان بيزار آهي. ان ڪري وفاق ته وفاق پر اردو جوڻي موجب 'بڙي مياں تو بڙي مياں، ڇوٽي مياں سبحان الله' جيان خود سنڌ حڪومت به زميندارن، آبادگارن ۽ هارين جي پوکيل فصل لاءِ ڪجهه نه ٿي ڪري. آبادگار فصل پوکڻ کان اڳ ۽ پوءِ رڙيون ڪندا رهن ٿا، پر وزيراعليٰ کان وزيراعظم تائين ٻيو مڙئي ٿيو خير هن سال پنجاب ۾ ٻوڏ سبب سارين جو فصل تباهه ٿي ويو هو ان ڪري خيال هو ته سنڌ ۾ سارين جو سٺو ريٽ ملندو پر ائين نه ٿيو. دنيا ۾ فصلن جي انشورنس ٿيندي آهي، هتي به ڪو اهڙو طريقو رائج ڪيو وڃي، زرعي ماهر اپت بچائڻ لاءِ مشورا ڏين ٿا، پر فصل جو اگهه مقرر ڪرڻ لاءِ ڪو تدارڪ نه ٿا ڪن. ان ڪري هن سان حقيقت ۾ سنڌ واسي زميندار، هارين جو معاشي قتل ٿي رهيو آهي، جو ته ڪنهن به فصل کي پوکڻ کان وٺي لهڻ ۽ وڪڻڻ تائين آهي ٻڌتر جو شڪار هوندا آهن. اهڙي بي يقيني واري ڪيفيت ۾ هو ڇا ڪن؟ پاڻي جي کوٽ، ٻج، ڀاڻ جو خرچ ۽ وري غير مناسب اگهه ڪهڙو به فصل پوکجي، نقصان ئي نقصان ٿيندو. ٻئي طرف بصر ٽماٽا به غير پروسي جوڳي پوک آهي جيڪا ڪڏهن لڳي ته ڪڏهن لڳي ئي ڪونه. جو ته بي موسمي برسات سبب تباهه ٿيندڙ فصل آهن. ان ڪري آبادگار جي گهر ۾ 'ٽڙ ٽڙ گوپال' لڳي پئي هوندي. ان ڪري سنڌ جو آبادگار صرف پيٽ گذر واسطي ٻني ڪاهي ٿو باقي اپراسو ٿيڻ نصيب جي ڳالهه آهي. حڪومت جي امپورٽ پاليسي سبب به وڌيڪ پريشاني ٿئي ٿي. اڄڪلهه ڪيلي جي سيزن آهي، پر پلو ڪيلو به 15 سئو روپيا مڻ، سو به مشڪل سان وڪامجي رهيو آهي، جو ته افغانستان بارڊر بند آهي ۽ صرف ايران طرف کا دري کليل آهي، البته سياٽي ڪانپوءِ پوري ٽن مهينن بعد رمضان المبارڪ اچي رهيو آهي، ياد رهي ته 19 فيبروري 2026ع خميس ڏينهن کان رمضان شريف شروع ٿيندو ۽ پاڪستان ۾ پهريون روزو هوندو ۽ ان لحاظ ان وري ڪيلي کان وٺي هر شيءِ جي هٿرادو مهانگائي ڪئي ويندي. پر ان سان به سنڌ ۾ زراعت جو شعبو تباهه حال رهندو. ڊيزل ۽ دوائن جي خرچن سبب سنڌ واسي زميندار ۽ هاري پيٽ پالڻ تائين محدود رهندا. هن وقت موجوده حالتن ۾ سنڌ اندر اتر کان وٺي لاڙ تائين سارين جو فصل لٿل آهي. ڪيترن ئي زميندارن اوٺي پوٺي اگهن ۾ پنهنجو سارين جو سودو ڪري ڇڏيو. البته جيترا به آبادگار اڃا سارين کي رکيو ويٺا آهن. انهن جو مطالبو رڳو جائز اگهه ڏيو آهي. ان لاءِ آبادگار احتجاج به ڪري رهيا آهن ۽ ان لاءِ هنن جي گهرج آهي ته سارين في مڻ سرڪاري طرح سان گهٽ ۾ گهٽ 3500 روپيا مقرر ڪيو وڃي. سنڌ جا آبادگار سون اپائڻ واري زمين مان خوشحال ٿيڻ بدران بدحالي طرف وڃي رهيا آهن. سنڌ جا اصلي جانور ته ويا پر هائيبرڊ جنس جو ٻج ڳاٽي ٽوڙ اگهه تي ورتل ان مٿان دوائن ۽ ڀاڻ جو خرچ ڪٿان نڪري. بهرحال سنڌ جي زراعت سان وابسته ماڻهن جو استحصال ختم ڪيو وڃي ۽ سرمائيدار واپاري طبقو زميندارن کي پنهنجي لاءِ سوني جهرڪي نه سمجهي ۽ هر لهندڙ فصل جا اگهه وقت تي مقرر ڪيا وڃن. راقم هڪ دفعي هڪ زرعي ماهر کان معلوم ڪيو هو ته جيئن ته ملڪ ۾ ڪڻڪ جو اگهه مقرر ڪيو وڃي ٿو بلڪل ان وانگر سنڌ ۾ سارين جو به اگهه مقرر ڪيو وڃي، پر ان زرعي ماهر راقم کي ٻڌايو ته سرڪار ڪڻڪ جو اگهه ان ڪري مقرر ڪري ٿي ته اها هڪ جنس آهي پر سارين مختلف قسمن جون پوکيون وڃن ٿيون. ان ڪري سارين جي قيمت مقرر نه ٿي ڪري سگهجي، اهڙين ڳالهين جو نتيجو اهو ئي نڪري ٿو ته 'سنڌ جي زمين تي مايوسي جا پوکيل فصل آهن ۽ حڪومت خاموش تماشائي آهي.'

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

انڌا اُونڌا ويڄَ! گَلَ ڪُڄاڙيا ڪانئِين؟
اسان ڏکي ڏِيل ۾، تون پيارِئين پيڄَ؟
سُورِي جَنِين سيڄَ، مرڻ تي مُشاهدو.
(سُر ڪلياڻ)

روزگار لاءِ واجهائيندڙ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس اميدوار!

قاسم خاصخيلي

ملڪ ۾ جتي بي روزگاري ۽ مهانگائيءَ جي ڪري عام ماڻهو پريشان آهي، اتي سرنديءَ وارا توڙي سرڪاري ملازم ۽ مزدور طبقو پڻ سخت ڏکيائين جو شڪار نظر اچي رهيو آهي. ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، اٿڻ ويهڻ ۽ روزمره جي زندگي هڪ طرف مهانگائيءَ سبب متاثر ٿي رهي آهي ته ٻئي طرف وري بيروزگاريءَ جي سٽيل ڪيترن ئي عام ماڻهن سان گڏ ملڪ خاص ڪري سنڌ جا پڙهيل لکيل نوجوان انتهائي اذيتناڪ صورتحال کي منهن ڏيڻ تي مجبور آهن. سنڌ صوبي ۾ عام طور تي ٻين صوبن جي ماڻهن جي ڀرمار ۽ وڏي تعداد ۾ هتي رهڻ جي ڪري هتان جي پرائيويٽ نوڪرين تي ته اڪثر اهي ماڻهو قابض بڻيل آهن پر جيڪو ٿورو گهڻو آسرو هتان جي پڙهيل نوجوانن کي سرڪاري نوڪرين جو آهي، اهي به شرطن ۽ ضابطن سبب ايترو ته ڏکيون بڻيل آهن، جنهن ڪري ويتر سنڌ جو نوجوان نه صرف مايوسيءَ جو شڪار نظر اچي ٿو پر نااميديءَ سبب هو همت هاريندي محسوس ٿي رهيو آهي. سنڌ ۾ سرڪاري نوڪرين جي آسري تي ڪافي نوجوان عمر جون حدون به ڪراس ڪري چڪا آهن، غربت ۽ بيروزگاريءَ سبب هو پنهنجو به ڪو ڪاروبار نٿا ڪري سگهن. جڏهن ته سرڪاري نوڪرين لاءِ به در در ڌڪا کائيندا رهن ٿا. جيڪا هتان جي تعليم يافته طبقي لاءِ ڏکوئيندڙ ۽ افسوسناڪ ڳالهه آهي. سنڌ حڪومت پاران 2021ع ڌاري آءِ بي اي ٽيسٽ جي ذريعي بي ايس ٽي يا پرائمري استادن جي ڀرتيءَ جي اعلان بيروزگار نوجوانن جي اميدن کي سهارو ڏنو هو. جنهن کان پوءِ ٽيسٽ به ٿي، ان بعد وري هيترين هيترين مارڪون کڻڻ واري تڪرار به اهي ڀرتيون اڌوريون بڻائي ڇڏيون 60 سيڪڙو کان پوءِ 50 کان 55 سيڪڙو يا ان کان گهٽ مارڪون کڻڻ وارن کي ڀرتي ڪرڻ جو به چيو ويو هو. وري هارڊ ايريا واري فارمولي تحت ٽر جهڙي پوئتي پيل علائقي سميت ٻين ضلعن جي ڪجهه چونڊ پٺتي پيل علائقن جي ماڻهن لاءِ 33 سيڪڙو مارڪون کڻڻ تي استاد ڀرتي ڪرڻ جو به چيو ويو. جڏهن ته اتي به ڪجهه هارڊ ايريا وارن کي وڌيڪ رعايت ڏئي 32 مارڪون کڻڻ وارن کي هڪ گريس مارڪ ڏئي 33 مارڪون پوريون ڪري شايد ڪين آفر آرڊر جاري ڪيا ويا، بلڪ انهن کي پوسٽنگ آرڊر به ڏنا ويا. پر ان جي ابتڙ باقي سنڌ جي ڪافي علائقن ۾ 33 کان 39 مارڪون کڻي پاس ٿيندڙ اميدوارن کي آفر آرڊر نه مليا. جنهن تي آءِ بي اي ٽيسٽ پاس ڪندڙ اميدوارن مختلف وقتن ۾ احتجاج ڪيا توڙي ٻُک هڙتالون به ڪيون. ان سلسلي ۾ 2023ع ڌاري معاملو سنڌ ڪابينا ۾ رکڻ جو پڻ چيو ويو. جنهن سان سنڌ جي آءِ بي اي پاس اميدوارن ۾ هڪ قسم جي سرهائيءَ محسوس ٿي يا اميد به پيدا ٿي پر ان تي به شايد ڪن سببن جي ڪري عمل نه ٿي سگهيو نتيجي ۾ انهن مسڪينن کي وري مايوس ٿيڻو پيو. اميدوارن جو مسلسل اهو مطالبو رهندو آيو آهي ته هڪ سنڌ ۾ هڪ ئي قانون هجڻ گهرجي، جيڪڏهن ڪجهه علائقن ۾ 33 مارڪن وارن کي نوڪريون ڏنيون ويون آهن ته پوءِ ان پاليسيءَ تحت سڄي سنڌ جي اميدوارن سان به اڪيائي ڇڏي هڪ اک ڪري سڀني کي برابر جي بنيادن تي روزگار ڏنو وڃي. جڏهن ته متعارف ڪرايل سافٽ ايريا ۽ هارڊ ايريا واري طريقي سبب ڪافي اميدوار مايوس ٿيا آهن. جيڪي وقت بوقت احتجاجن سان گڏ نوڪريون ڏيڻ جي گهر ڪندا رهن ٿا. سنڌ حڪومت بهترين ڪم ڪري گذريل جون مهيني ۾ ڪافي اميدوار جيڪي 40 کان مٿي وارا هئا، انهن کي به آرڊر ڏنا ويا. بيروزگاري گهٽ ڪرڻ لاءِ سنڌ سرڪار جو اهو عمل ڪافي ساراهه جوڳو هو ۽ سنڌ جي ماڻهن ان فيصلي جي آجيان به ڪئي، ان جي ڪري سوين نوجوان روزگار سان لڳي ويا. هونئن به سنڌ ۾ پيپلز پارٽيءَ لاءِ اهو مشهور آهي ته اها روزگار کسيندي ناهي، بلڪ روزگار ڏيندي رهي آهي. شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جو خواب هو ته سنڌ جا ماڻهو پنهنجن پيرن تي بيٺل نظر اچن، جنهن تي پيپلز پارٽي جي سنڌ ۾ لڳاتار چوٿون ڀيرو آيل سنڌ حڪومت ڪافي حد تائين ڪم به ڪيو آهي، هزارين نه بلڪ لکين نوجوان روزگار سان لڳايا ويا آهن. پر جڏهن سنڌ حڪومت ۾ ويٺل ڪجهه وزير يا آفيسر ان قسم جا به اڪيائيءَ وارا فيصلا ڪندا ته سنڌ جي ماڻهن لاءِ اهو مرحلو ڪنهن امتحان کان گهٽ نه هوندو، جو ته سنڌ ۾ هڪ ئي پاليسي هجي، جيڪا هر فرق کي ختم ڪري ڇڏيندي آهي. تعليم کاتي ۾ آءِ بي اي ذريعي 2021ع ۾ ورتل ٽيسٽ ۾ جيڪڏهن ڪنهن هڪ اڌ علائقي کي گهٽ تعليم جو ريشو ڄاڻائي انهن کي گهٽ مارڪن تي نوڪريون ڏنيون ويون آهن ته پوءِ جتي بهتر تعليمي معيار آهي، جتي جا نوجوان اهل به آهن ۽ جتي وڌيڪ حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي، اتي جي نوجوانن کي ان قسم جي فيصلن سان مايوس ڪرڻ به مناسب عمل ناهي. جيڪڏهن شروع ۾ سٺ سيڪڙو تي نوڪريون ڏيڻ جو فيصلو ٿيو هو، جيڪڏهن اهو به ڏکيو هو ته ان ڪري ئي گهٽ مارڪن تي نوڪريون ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. ان ڳالهه جي ڪري ئي سنڌ حڪومت شڪ نٿو ڪري سگهجي ته ان بهتر فيصلو ڪري پنجونجاهه کان سٺ سيڪڙو يا ان کان به گهٽ 33 مارڪن تي نوڪريون ڏئي سنڌ جي سوين خالي پيل اسڪولن ۾ استاد ڀرتي ڪري اتي تعليمي نظام کي هلائڻ چاهيو هو جيڪو قابل تعريف عمل آهي. پر هاڻ ٻڌڻ ۾ آيو آهي ته گذريل 30 جون تي جتي ان ٽيسٽ وسيلي پاس ٿيندڙ اميدوارن کي نوڪريون ڏيڻ وارو سسٽم بند ڪيو ويو آهي ته اتي وري خالي ٿيل جاين تي نئين ٽيسٽ وٺڻ جو به چيو پيو وڃي. نئين ٽيسٽ به پلي ورتي وڃي پر جن اميدوارن 2021ع ۾ 33 يا ان کان مٿي مارڪون کڻي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي، يقينن پنج سال گذرڻ تي انهن جي عمر به پنج سال وڌي آهي، جن مان ڪافي عمر وڌڻ سبب اميدوار هاڻ ٽيسٽ ڏيڻ جي اهل به نه رهيا هوندا. ان ڪري وزير اعلي سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کي گذارش ڪجي ٿي ته سنڌ اسيمبليءَ مان هڪ اهڙو بل پاس ڪرايو وڃي، جنهن ۾ گذريل ٽيسٽ ۾ پاس ٿيل اميدوارن کي روزگار سان لڳائڻ جي راهه هموار ڪري اها ٽيسٽ پاس ڪرڻ وارن کي آرڊر ڏنا وڃن. ان کان پوءِ رهيل خالي سيٽن تي پلي پيهر نئين سر ٽيسٽ وٺي اڳتي ايندڙ اهل اميدوارن کي به نوڪريون ڏئي روزگار سان لڳايو وڃي، جنهن سان نه رڳو تعليمي ميدان ۾ سنڌ سرڪار جو ڪم سٺن لفظن ۾ ڳڻيو ويندو. بلڪ روزگار ڏيڻ جي حوالي سان پڻ سنڌ ٻين صوبن کان گهڻو اڳتي ليکي ويندي، جنهن سان صوبي جي عوام جي دلين ۾ گهر وڌيڪ مضبوط ٿيندو ۽ سنڌ جي ماڻهن ۾ معاشي طور ترقي به قابل رشڪ ليکي سگهجي ٿي.

qasimkhaskheli97@gmail.com

> **2021ع ۾ 33 يا ان کان مٿي مارڪون کڻي ٽيسٽ پاس ڪئي هئي، يقينن پنج سال گذرڻ تي انهن جي عمر به پنج سال وڌي آهي جن مان ڪافي عمر وڌڻ سبب اميدوار هاڻ ٽيسٽ ڏيڻ جي اهل به نه رهيا هوندا ان ڪري وزير اعلي سنڌ سميت اعليٰ اختيارين کي گذارش ڪجي ٿي ته سنڌ اسيمبليءَ مان هڪ اهڙو بل پاس ڪرايو وڃي، جنهن ۾ گذريل ٽيسٽ ۾ پاس ٿيل اميدوارن کي روزگار سان لڳائڻ جي راهه هموار ڪري اها ٽيسٽ پاس ڪرڻ وارن کي آرڊر ڏنا وڃن. ان کان پوءِ رهيل خالي سيٽن تي پلي پيهر نئين سر ٽيسٽ وٺي اڳتي ايندڙ اهل اميدوارن کي به نوڪريون ڏئي روزگار سان لڳايو وڃي، جنهن سان نه رڳو تعليمي ميدان ۾ سنڌ سرڪار جو ڪم سٺن لفظن ۾ ڳڻيو ويندو**

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 532 سال 2025

مسمات عليزه ڌيءُ فرمان علي چانڊيو رهاڪو تاج ڪالوني نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: نظير احمد پٽ مولا بخش پيرزادو رهاڪو اپر پورشن ڊاڪٽر ارباب جا ڪلينڪ ويجهو بي.اي قاضي احمد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 26-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 568 سال 2025

مسمات عبقيرا خالد ڌيءُ محمود احمد رهاڪو هائوس نمبر 06 شادمان بنگلوز ويجهو ڊاڪٽر اسود ڪلينڪ سوسائٽي نوابشاهه ...پلينٽف...خلاف: زوهيب شفقات ميمڻ پٽ شفقت الله ميمڻ رهاڪو هائوس نمبر A-11 پروفيسر ريزيڊينسي شاهه لطيف يونيورسٽي خيرپور ضلعو خيرپور، سيل نمبر: 0333-2796133...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظير آباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين شپ ايپليڪيشن نمبر171 سال 2025

عبدالسميع پٽ مرحوم عبدالله ڏاهري رهاڪو پويان لنڪ روڊ بلاول اسٽيڊيم LBOD ڪالوني نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد...ايپليڪينٽ...خلاف: پبلڪ ايٽ لارج....آپوننٽس

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 07، 10گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن نالي: (1) بي بي حليمه جي گارڊين جي مقرري . تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2025-11-19 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي کوسو)
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات شڪيلا ڌيءُ الله ورايو سيال رهاڪو شير محمد ڪالوني قاضي احمد...پلينٽف...خلاف: شعبان ولد حاجي سيال رهاڪو اٽڙ ڪالوني ٽنڊو الهيار ضلعو ٽنڊو الهيار ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد
(روبرو جناب امانت علي کوسو)
فيملي سوٽ نمبر سال 2025

مسمات نوشين ڌيءُ خان محمد رهاڪو شوڪت ڪالوني قاضي احمد...پلينٽف...خلاف: حاجي صدام حسين ولد ڪرم الله پتي رهاڪو ڳوٺ Ghandia تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد ....ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II قاضي احمد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/فيملي جج-I حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 231 سال 2025

مسمات سميرا زال ذوالفقار ڌيءُ دلدار چانڊيو مسلم بالغ رهاڪو جمالي ڳوٺ نارا جيل حيدرآباد...پلينٽف...خلاف: ذوالفقار علي پٽ غوث محمد بالغ مسلم رهاڪو ڳوٺ مرحوم نگر خان تعلقو مورو ضلعو نوشهروفيروز...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح تروڙڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 24-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج-I حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص
(روبرو جناب عبدالقادر کوسو)
گارڊين ايپليڪيشن نمبر28 سال 2025

غلام مصطفيٰ بگهيو پٽ منو رهاڪو ايشر فائونڊيشن اسڪول ڊفينس هائوسنگ اسڪيم سامهون تعلقو پوليس اسٽيشن ضلعو ميرپورخاص پي.ايس سيٽلائيٽ ٽائون سيل نمبر: 0321-2977736 ايپليڪينٽ...خلاف: (1) مهتاب مصطفيٰ زال غلام مصطفيٰ (2) Muatasimbillah پٽ غلام مصطفيٰ ذات بگهيو ..اپوننٽس (Mareeha(1 مصطفيٰ .. مائنر

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين درخواستگذار زير قلم 7 آر ڊبليو 8،9،10،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-II ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

سول/فيملي جج اينڊ جي ايم-III ميرپورخاص
گارڊين ايپليڪيشن نمبر 26 سال 2025

محمد انور پٽ موسيٰ رهاڪو ديهه 256 ڳوٺ گلشير گورچاڻي پوسٽ 10 ميل تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص...ايپليڪينٽ...خلاف: مسمات حليمه زال علي نواز تاريجو رهاڪو مدرسه چوڪي ويجهو فيڪٽري اولڊ ميرپورخاص...0312-3514312...آپوننٽس..آن دي ميٽر آف مائنر: حسينه ڌيءُ محمد انور عمر اٽڪل 10 سال...مائنر

نالي مٿين آپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف گارڊين ايپليڪيشن يو/ايس 10،25 گارڊين اينڊ وارڊس ايڪٽ 1890 تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 19-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج-III ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج جامشورو
ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن نمبرNill سال 2025
فيملي سوٽ نمبر197 سال 2025

مسمات فوزيه ساريو...پلينٽف...خلاف: عمران پٽ نظير ساريو رهاڪو بروهي چوڪ هنگورو ڪالوني تعلقو ڪوٽڙي ضلعو جامشورو...ڊفينڊنٽ

نالي مٿين ڊفينڊنٽ ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف ايگزيڪيوشن ايپليڪيشن زير قلم 13 فيملي ڪورٽ ايڪٽ تحت دعويٰ داخل ڪئي آهي. تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 22-11-2025 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي ڪورٽ جامشورو

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ڏجي ٿو ته آئون نالي مسمات شمير زال حاجي ياسين بهلم (مرحوم) جي ملڪيت ۽ ان جو پٽ احمد بهلم جي پراپرٽي غلط طريقي سان وڪرو ڪئي وڃي ٿي ان کي قبول نه ڪيو ويندو ۽ اگر ڪنهن پراپرٽي خريد ڪئي ته ان جا اسان ذميدار نه هونداسين ملڪيت جا تفصيل هيٺ ڏجن ٿا: رهائشي پلاٽ نمبر16 ايراضي 1204 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر BC, 187/1D, 1874AD, 188/2C 188/3 ديهه 86 نصرت شاهه فيصل ٽائون نوابشاهه (2) ٻه پلاٽ نمبر B-47 ايراضي 4950 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 4,25/1,1a25/2,3,4A215,216,219,127,128,24/1 واقع ديهه 50 دڙ گلشن آدم ڪالوني نوابشاهه (3) سڪني پراپرٽي دڪان جي ڪليل پٽ ايراضي 43-5 اسڪوائر گز واقع لياقت مارڪيٽ نوابشاهه ، (4) گهر سٽي سروي نمبر 1649/51 ايراضي 152-7 اسڪوائر گز پاڪ ڪالوني نوابشاهه (5) دڪان سٽي سروي نمبر 909/5 ايراضي 6-6 اسڪوائر گز واقع محمد مارڪيٽ چڪرا بازار نوابشاهه ، (6)دڪان نمبر 77 ايراضي 480 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 161/4,5:162/3:163,3,4:164/1,5 واقع نزد فارسي ڪارڊ سانگهڙ روڊ نوابشاهه ، 7) دڪان نمبر 76 ايراضي 480 اسڪوائر فوٽ سروي نمبر 61/4,5:162/3:163,3,4:164/1,5 واقع نزد فارسي گارڊن سانگهڙ روڊ نوابشاهه 8) گهر ايراضي 129 اسڪوائر فوٽ سٽي سروي نمبر 909/ Aواقع محمد مارڪيٽ چڪرا بازار نوابشاهه 9) گهر سٽي سروي نمبر 909/3,1 ايراضي 1503 اسڪوائر فوٽ واقع موچي گلي نوابشاهه

احمد رضا ولد محمد ياسين رهائشي محله پاڪ ڪالوني نوابشاهه ضلع شهيد بينظير آباد شناختي ڪارڊ نمبر: 45402-6888766-7، موبائيل نمبر: 03233008177

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع لاءِ ڏجي ٿو ته عرضدار نالي نفيس بانو بيواهه غلام مصطفيٰ لاشاري بلوچ رهاڪو تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي غلام مصطفيٰ ولد مولوي شير محمد تاريخ 2006-08-10 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 479، 478، 366 ايراضي 4-9 ديهه آيڊي نيو ٽنڊو جام تعلقو حيدرآباد ۾ آهي. جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي بن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) نفيس بانو (بيواهه) (2) روبينه خان (ڌيءَ) (3) زينت شڪيل (ڌيءَ) (4) روزينه لاشاري (ڌيءَ) (5) سمير عدنان (ڌيءَ) (6) غلام مرتضيٰ لاشاري (پٽ) (7) غلام مجتبيٰ لاشاري (پٽ) (8) شير محمد لاشاري (پٽ) (9) فيض محمد لاشاري (پٽ). جن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن کانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪوبه جائزوارث هجي جي دعويٰ ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان ڪاغذ ۾ جيڪو اچي ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جکرا قائڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

عام اطلاع

هر خاص و عام کي هن نوٽيس جي ذريعي اطلاع ٿو ڪجي ته آئون محمد فرحان لوڌي ولد محمد اڪرم لوڌي رهاڪو گهر نمبر D-3 محلا پبلڪ اسڪول يونٽ نمبر02 لطيف آباد حيدرآباد پلاٽ نمبر 38 ايراضي 400 چورس گز واقع گلشن قائد هائوسنگ اسڪيم ايچ ڊي اي حيدرآباد نالي محمد شاهد صديقي ولد عبدالغفور رهاڪو گهر نمبر 01 بلاڪ D محلا يونٽ نمبر09 لطيف آباد حيدرآباد کان خريد ڪري لينڊ مئنيجمينٽ ڊپارٽمينٽ ايچ ڊي اي رڪارڊ ۾ پنهنجي نالي منتقل ڪرائي رهيو آهيان هن ڏس ۾ اگر ڪنهن به فرد يا اداري کي ڪوبه قانوني اعتراض يا حق دعويٰ هجي ته هو هن نوٽيس جي اشاعت جي 15 ڏينهن جي اندر اسسٽنٽ ڊائريڪٽر لينڊ مئنيجمينٽ ايچ ڊي اي سوڪ سينٽر کي سمورن قانوني دستاويزي ثبوتن سان گڏ روبرو يا درخواست رجسٽرڊ (ڊاڪ) اي ڊي (A.D) جي ذريعي اطلاع ڪن. معياد گذرڻ کانپو ڪوبه عذر يا اعتراض يا حق دعويٰ قابل قبول نه هوندو ۽ پلاٽ جي منتقلي جي ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي.

محمد فرحان لوڌي ولد محمد اڪرم لوڌي
شناختي ڪارڊ نمبر: 41304-5263354-3

عام اطلاع

هر عام و خاص لاءِ اعلان ٿو ڪجي ته اسان وٽ نالي اسماعيل ولد گل محمد ذات لغاري رهاڪو ڳوٺ سونهارو لغاري بيان سان گڏ درخواست پيش ڪئي آهي ته نالي: ڪرڙ ولد بچو ذات لغاري تاريخ 1990-03-06 تي فوت ٿي چڪو آهي. جنهن مرڻ وقت وارثن ۾ هيٺ ذڪر ڪيل نالن وارا جائز وارث ڇڏيا آهن: (1) لکا ڏنو پٽ فوتي ڪرڙ (2) خدا بخش پٽ ڪرڙ (3) خان محمد پٽ فوتي ڪرڙ (4) مسمات خاني ڌيءَ فوتي ڪرڙ (5) مسمات نازي ڌيءَ فوتي ڪرڙ (6) مسمات خير بانو ڌيءَ فوتي ڪرڙ. تنهن کانسواءِ فوتي جو ڪوبه جائز خواهه قانوني وارث ڪونه آهي ۽ فوتي جي ملڪيت روينيو سروي نمبر 107 مان 24-9 ديهه فتح پور ٿيو فتح پور تعلقو ٽنڊو محمد خان ۾ ڪٽيل حصو/ سجو روينيو اڳ روينيو رڪارڊ ۾ داخلا ٿيل آهي انهيءَ متعلق اسان وٽ ٻن شاهدن هر هڪ (1) عاشق حسين ولد فتح محمد ذات لغاري (2) پير بخش ولد محمد صديق ذات لغاري ٻئي رهاڪو ڳوٺ سونهارو لغاري اسان جي روبرو پنهنجي گواهي رڪارڊ ڪرائي آهي ته مٿي ڏنل گواهن جي شاهدي متعلق جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي ڪنهن به قسم جو ڪوبه اعتراض وغيره هجي ته پاڻ يا پنهنجي ڪنهن مقرر ڪيل ايجنٽ معرفت هن دفتر کي اطلاع ڪري ۽ پنهنجا اعتراضات 07 ڏينهن جي اندر پيش ڪري. ٻي صورت ۾ فوتي جي حق ۾ مٿي ذڪر ملڪيت ۽ مٿي ڄاڻايل وارثن جي ڪاٽيبدل جي داخلا رڪي ويندي ۽ بعد ۾ ڪابه حجت قابل قبول نه رهندي.

مختيارڪار (روينيو) تعلقو ٽنڊو محمد خان

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول اينڊ فيملي جج II حيدرآباد
گارڊين سوٽ نمبر413 سال 2025

محمد اڪرم ولد مرحوم اڪبر علي رهاڪو ڳوٺ يوسف هوليو موهارو پي او عبدالرحمن ملاح ضلعو حيدرآباد...ايپليڪينٽ...خلاف: (1) محمد اصغر ولد مرحوم اڪبر علي (2) آمنا ڌيءَ مرحوم اڪبر علي (3) جنرل پبلڪ ايٽ لارج...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،28،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي پينشن ڪنٽرڪٽ لاءِ ته ڪيس کي صغيرن جو گارڊين مقرر ڪيو وڃي فوتي اڪبر علي ولد محمد عمر جيڪو اين بي پي شهباز بلڊنگ برانچ حيدرآباد جي اڪائونٽ نمبر 3002649984. ان ڪنهن جو ڪنٽرڪٽ کنندو هو تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 2025-12-01 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول اينڊ فيملي جج II حيدرآباد

نالي جي درستگي

جيئن ته منهنجي پٽ علي رضا شورو ولد عبدالحئي شورو جي بورڊ آف انٽرميڊيٽ حيدرآباد جي انرولمينٽ ڪارڊ ۽ مارڪ شيٽ ۾ والد جو نالو ABDUL HAYEE جي بجاءِ ABDUL HAIلکجي ويو آهي، جيڪو درست ڪري ABDUL HAYEE لکيو ۽ پڙهيو وڃي ۽ پڻ رڪارڊ تي رکيو وڃي

عبدالحئي شورو
ڳوٺ حاجي مانجهو شورو ٽيليگراف
ڪوٽڙي ضلع جامشورو

عام اطلاع

هرعام ۽ خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته آئون نالي محمد وقاص اسلم ولد محمد اسلم غني ٿو ته آئون هڪ عدد پلاٽ نمبر 93 ايراضي 1637 اسڪوائر فوٽ واقع بسم الله پرائم ٽائون هائوسنگ اسڪيم تعلقو سٽي حيدرآباد جو سودو سندس مالڪ نالي محمد سلمان شيخ سان ڪري رهيو آهيان اگر ڪنهن به شخص يا اداري يا ڪنهن بينڪ کي ڪنهن به قسم جو ڪو به قانوني اعتراض هجي ته هن اشتهار شايع ٿيڻ جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض جمع ڪرائي معياد گذرڻ کانپو ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وڌيڪ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي

محمد وقاص اسلم ولد محمد اسلم غني

بقايا 1 ۾ ٻارڙا فوت

جو علي مرتضيٰ پٽ فضل سرناڻي جتوئي فوت ٿي ويا ،جنهن کان پوءِ ٻنهي معصوم نينگرن جي گهرڻ ۾ ڪهرام مچي ويو آهي ،جڏهن ته ساڳي ڳوٺ ۾ ٻين ڪيترن ئي ڳوٺن ۾ سوين ٻارڙا ارڙيءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل آهن ،ڳوٺاڻن ٻارن صحت کاتي کان نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي وئي آهي

بقايا 2 داخل

داخل ڪري شعبان کوسو ياسين کوسو سميت 3ڄڻن کي حراست ۾ وٺي چڪو آهي فريادي چاڪيو آهي ته مذڪوره ماڻهن گهر تي حملو ڪري فائرنگ ڪئي نتيجي ۾ عبدالغفور کوسو قتل ٿي ويو ۽ سندس گهر واري کي اغوا ڪري ويا ۽ فوتي جي مزاحمت تي 3ڄڻا هٿيارٻند زخمي ٿي پيا.ان سلسلي ۾ ايس ايچ او شهدادپور عمران چانڊيو ٻڌايو ته واقعي ۾ ملوث 3ڄڻن کي حراست ۾ وٺي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيو

بقايا 3 اغوا ڪري ويا

ڪوهي ڪتن سميت چار ڄڻن کي اغوا ڪيو ويو فيصل آباد جي ڪنهن فيڪ يوٽيوبر ڪين رابطو ڪري هڪ نمبر ڏنو ۽ چيو ته اهو نمبر ملايس سريد شاخ وڃي اتي ٽريڪٽر چوري جو معاملو آهي ۽ ڪوهي ڪتن جي ضرورت آهي ٽيم کي جيڪو پتو ڏنو ويو اهو اسڪول اڏي جو هي ۽ جنهن جو سڃاڻپ ڪارڊ استعمال ڪيو ويو اهو پنجاب جي ڪا گوهي جهڪ جو رهواسي نڪتو جڏهن ته ڪال ڪندڙ نمبر ڪشمور جو ايڊريس ڏيکاري رهيو آهي مغوين ۾ احمدپور لمه جو رهواسي عبدالخالق، محمد رفيق سولنگي، عدنان آرائين ۽ جميل آرائين شامل آهن.ٻي پاسي 15 تي ڪال ڪرڻ باوجود پنجاب پوليس ۽ سنڌ پوليس ٻئي ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان انڪاري آهن پنجاب پوليس جي چوڻ آهي ته واقعي جي جاءِ سنڌ ۾ آهي سو اتي مقدمو داخل ڪجي جڏهن ته سنڌ پوليس موجب معاملو پنجاب جا رهواسي آهن اتي ڪان هني ٽريپ ٿيا آهن تنهنڪري مقدمو پنجاب ۾ داخل ٿيڻ گهرجي مغوين جا وارث سخت پريشان حال آهن ۽ وڏي پريشاني ۾ پئجي ويا آهن ته آخر ڪهڙي پوليس وٽ وڃن معاملي خاندانن اعليٰ اختياريرن کان فوري طور مغوين جي بازيابي جو مطالبو ڪيو آهي، هوڏانهن ڌاڙيلن پاران شوشل ميڊيا تي مغوين جي زنجيرن ۾ جڪڙيل ويڊيو وائرل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ مغوي روئي رهيا آهن ۽ وارثن کي چار ڪروڙ روپيا ادا ڪرڻ لاءِ منٿون ۽ دانهون ڪري رهيا آهن

بقايا 4 فرار ٿي ويا

روڪ ۽ ٻيو سامان کڻي فرار ٿي ويا متاثر شخص کي بيهوشي جي حالت ۾ تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي جيڪو خبر فائل ٿيڻ تائين هوش ۾ نه آيو هو.

بقايا 5 اسپتال داخل

سراج سولنگي ڪري پيو جنهن سبب زخمي ٿي پيو جنهن کي زخمي حالت ۾ تعلقا اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس علاج ڪيو ويو وين ڪنڊيارو کان نوشهروفيروز وڃي رهي هئي

بقايا 6 گرفتار

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي گرفتار ۽ زخمي جوابدار جي سڃاڻپ عبدالستار شاهه ولد محبوب شاهه جي نالي سان ٿي آهي جيڪو ڇڄ جان خان تعلقو شاهه بندر ضلعي سجاول جو رهواسي آهي پوليس جي شروعاتي جاچ موجب گرفتار زخمي جوابدار جهرڪ ڪينجهر ۽ ٺٽو محمد خان ۽ سجاول ٺٽي ۽ جامشورو ضلعن ۾ ڦرن ڌاڙن موٽرسائيڪل چوري جهڙن ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي جڏهن ته سندس ساٿين جي سڃاڻپ لال بخش ملاح، غلام نبي ملاح ۽ محمد حسن شورو جي نالي سان ٿي آهي. جن جي گرفتاري لاءِ پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي ٻئي پاسي گهوڙاباڙي پوليس اسٽيشن جي حد ۾ بيريلو ڪان ڳيل سوئي قطب شاهه قبرستان جي ويجهو پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ هڪ جوابدار کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو گرفتار ۽ زخمي جوابدار جي سڃاڻپ رينو عرف ريو پٽ حاجي ٿيبو جي نالي سان ٿي، جيڪو ڳوٺ حاجي ٿيبو ضلعي سجاول جو رهواسي آهي شروعاتي جاچ موجب گرفتار ۽ زخمي جوابدار گهوڙاباڙي پوليس اسٽيشن، ڳاڙهو ۽ ڪيٽي بندر جي مختلف علائقن ۾ ڦر، موٽرسائيڪل چوري جهڙن ڪيترن ئي ڏوهن ۾ ملوث آهي گرفتار ۽ زخمي جوابدار جي قبضي مان ڏوهن ۾ استعمال ٿيل پسٽول ۽ 125 موٽرسائيڪل نمبر KQU-0944پڻ هٿ ڪئي وئي آهي. زخمي جوابدار جي مڪمل ڪرمنل رڪارڊ جي وڌيڪ جاچ لاءِ ڪوششون ٿي رهيون آهن ۽ جڏهن ته سندس فرار ٿيل ساٿين جن جي سڃاڻپ غلام رسول خشڪ ۽ ذوالفقار عرف ذوالفقار شاهه جي نالي سان ٿي آهي، جن جي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي گرفتار ۽ زخمي ٻنهي جوابدارن کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي

بقايا 7 رپورٽ رد

جي نوجوانن کان روڪ رقم سميت موبائيل فونز تحويل ۾ وٺي نه ڏيڻ واري عمل کان پوءِ جڏهن ايس ايس پي نوٽيس ورتو ۽ روڪ رقم سميت موبائيل فونز ڦٻائڻ جي الزام هيٺ آيل ٻن پوليس عملدارن الطاف چانڊيو ۽ محرم لاشاري کي معطل ڪيو ته ان کان پوءِ ٻئي پوليس عملدار بي ڪميني ٿيا ۽ بعد ۾ وري ان معاملي جي انڪوائري رکجي وئي جنهن ۾ انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي سميت لالچند سيلاڻي ۽ معطل ٿيل ٻن پوليس عملدارن کي سڏ ٿيو ۽ بدقسمتي سان ان انڪوائري ۾ اهي ماڻهون ۽ پنهنجا بيان ڏئي آيا جن جو ڪو تعلق ئي نه هو ۽ نه ئي ڪري انهن کي سڏ هو هنن چيو ته ڊي ايس پي سي ٽي ڊي ۽ ڊپٽي سپرينٽينڊنٽ جي سربراهي ۾ جيڪا انڪوائري ٿي آهي اسين ان کي رد ڪيون ٿا، ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلوڙ جنهن قسم جي فرمائشي رپورٽ تيار ڪئي آهي اها سراسر غلط آهي، ٻن پوليس عملدارن کي جيڪڏهن فائدو ڏيڻو آهي ته پلي ڏيو پر انجمن تاجران جي صدر ۽ هندو برادري مٿان الزام نه مڙهيو هنن چيو ته انڪوائري ۾ معطل ٿيل ٻنهي پوليس عملدارن کي بحال ڪرڻ انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي ۽ هندو برادري جي اڳواڻن مٿان ڪوڙا الزام لڳايا ويا آهن جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪيون ٿا، هنن چيو ته پوليس عملدار الطاف چانڊيو ۽ محرم لاشاري هندو برادري جي ماڻهن کي بغير ڪنهن جواز جي تنگ ڪندا آهن ۽ انهن کان ڀتو وصول ڪن ٿا جنهن کي اڳ ۾ ايس ايس پي هڪ ڀيرو معطل ڪيو هو هنن چيو ته پوليس جيڪڏهن اهڙو ئي رويو رکيو ته هندو برادري سميت شريف ماڻهن کي ڪاروبار ڪرڻ ڏکيو ٿي ويندا، پوليس جي زيادتين کان تنگ اچي ڪيترائي هندو لڏپلاڻ ڪري ويا آهن ۽ ڪيترائي هندو اڃان وڌيڪ لڏپلاڻ ڪرڻ لاءِ تيار آهن هنن آءِ جي سنڌ پوليس کان گهر ڪندي چيو آهي ته اسين ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلوڙ جي تيار رپورٽ کي بي اعتمادي ظاهر ڪيون ٿا ان لاءِ ان جي نه ڪري پاڪ ڪتاب تي بيهر انڪوائري ڪرائي وڃي ۽ انجمن تاجران جي صدر سميت هندو برادري مٿان جيڪي ڪوڙا الزام ظاهر ڪيا ويا آهن اسين ان جي ته مذمت ڪيون ٿا ٻئي پاسي جيڪب آباد مان چونڊيل پ پ پ ايم پي اي شير محمد مغيري پاران ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلوڙ جي ڏر واري رپورٽ جي رد ڪندي چيو آهي ته اسان گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ کان گهر ڪيون ٿا ته ڊي ايس پي ڪلوڙ جي رپورٽ کي رد ڪري بيهر قرآن شريف تي جاچ ڪرائي وڃي، هن چيو ته جيڪب آباد ۾ هندو برادري کي تنگ ڪرڻ وارو سلسلو بند ڪيو وڃي مير احمد علي بروهي ۽ لالچند سيلاڻي خانداني ۽ شريف ماڻهون آهن انهن جي ڪردار ڪشي بند ڪئي وڃي، هن چيو ته آئون واپاري اڳواڻن ۽ هندو برادري سان گڏ آهيان رهندس، هن چيو ته جاچ ڪندڙ ڊي ايس پي ڪلوڙ جي شڪايت ڪئي آهي جي سنڌ سان ملاقات ڪنداسين ۽ بيهر جاچ ڪرائيندا سين هوڏانهن تعلقي ٺوڙهي خيرو مان چونڊيل پي پي پي ايم پي اي مير ممتاز حسين جکراڻي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته آئون انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروهي سان گڏ آهيان ڊي ايس پي عبدالقدوس طرفان تيار ڪيل فرمائشي رپورٽ کي تسليم نٿا ڪيون مير احمد علي بروهي هڪ شريف واپاري اڳواڻ آهي، هن چيو ته آءِ جي سنڌ پوليس ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪلوڙ خلاف غلط رپورٽ تيار ڪرڻ واري عمل تي ڪاروائي ڪري ۽ ڊي ايس پي کي فوري طور معطل ڪري بيهر انڪوائري ڪرائي وڃي، هن چيو ته پوليس جي ظلمن کان هندو برادري جي لڏپلاڻ ڪري ڪنهن به صورت ۾ اهڙي عمل کي برداشت نه ڪبو جيڪڏهن صاف ۽ شفاف انڪوائري نه ٿي ته آئون اهڙي عمل خلاف سنڌ اسيمبلي ۾ آواز اٿاريندس

بقايا 8 امداد چيڪ ڏنو

طرفان ڪالهه استاد بادل راهي کي سندس گهر تي امدادي رقم جو چيڪ پهچايو ويو حڪومت طرفان واهر ڪرڻ تي استاد بادل راهي سنڌ حڪومت جو ٿورو مڃيو آهي

بقايا 9 تياريون مڪمل

جماعت اسلامي پاڪستان پاران نظام کي بدلايو جي عنوان هيٺ 21 کان 23 نومبر تائين ٿيندڙ ٽي ڏينهن واري اجتماع عام ۾ شرڪت لاءِ جماعت اسلامي ٿرپارڪر جون سموريون تياريون مڪمل آهن،مٺي اسلام ڪوٽ، ننگرپارڪر، ڏيپلو ڇاڇرو ۽ ٻين علائقن مان 500 ڪارڪنن تي مشتمل قافلو 19 نومبر اربع ڏينهن لاهور روانو ٿيندو. هن چيو ته جماعت اسلامي جو ڪل پاڪستان اجتماع ۾ 11 ورهين بعد منعقد ٿي رهيو آهي. ملڪ اندر جمهوريت جا دعويدار هن نظام کي عوام لاءِ وڌيڪ مشڪل بڻائي ڇڏيو آهي ۽ حڪمران جماعتون شارٽ ڪٽ اختيار ڪندي عوامي مسئلا پوئتي ڌڪينديون رهيون آهن جنهن ڪري مهانگائي، بدامني ۽ بيروزگاري عروج تي پهتل آهي. جماعت اسلامي جو مقصد نظام جي تبديلي آهي ته جيئن جيستائين نظام صحيح نه ٿيندو غريب عوام جون تڪليفون ونديون رهنديون. هن اجتماع ۾ نئين عزم ۽ حوصلي سان هن تحريڪ کي وڌيڪ تيز ڪيو ويندو

بقايا 10 الهه تلهه سڙي رک

خروس،ايران ولد شبير خروس شامل آهن نياڻي جو پيل ڏاج جو سامان 20 ڪاٽون سون ڪپڙا سولر پليٽون بيٽريون اناج سولر پکا بيٽيون سڙي رک ٿي ويون متاثرن داهيندي چيو ته اسان پورهيو ڪري ڪمائيندا آهيون ڪجهه نه ناهي بچيو کليل آسمان هيٺ ويٺل آهيون معصوم ٻچڙا سياري جي ٿڌ گهٽي آهي اسان سنڌ حڪومت ۽ ضلعي انتظاميه کي اپيل ٿا ڪريون ته اسان جو نوٽس وٺي اسان سان مدد ڪئي وڃي

بقايا 11 علاج شروع

سينٽر کي بيهر بحال ڪيو ويو آهي، هڪ هفتو اڳ اسٽيبوٽ جي ڊائيلاسز سينٽر ۾ باهه لڳڻ سبب ڊائيلاسز مشينون سڙي ويون هيون جنهن ڪري سڄي سنڌ مان ايندڙ مريضن کان تڪليف ڪي منهن ڏيڻو پئجي رهيو هو جنهن تي انسٽيٽيوٽ جي ڊائريڪٽر ڊاڪٽر معين الدين صديقي پاران مريضن کان معذرت ڪئي آهي ۽ پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته ايمرجنسي شعبي بعد هاڻي ڊائيلاسز سينٽر پڻ فعال آهي ۽ مريض ڊائيلاسز لاءِ اچي سگهن ٿا اسان عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيا آهيون

بقايا 12 رڪارڊ هٿ

گذريل هڪ سال جو رڪارڊ ڏئي پنهنجي جان ڇڏائي ڪاميٽي پاران هڪ سال جو رڪارڊ تحويل ۾ وٺي چڪيو مون 8 مهينا اڳ اسٽور جي چارج ورتي آهي ان کان پهرين رياض لاشاري انچارج هيو جيڪو رڪارڊ گهر ٿي ويو آهي گولهيا ڪري بعد ۾ رڪارڊ پيش ڪيو ويندو ليبي ولنگڊن اسپتال ۾ دوائن جي کوٽ واري شڪايتن بعد عدالتي حڪمن تي ڇاپو هڻي رڪارڊ تحويل ۾ ورتو آهي جنهن جي جاچ ڪئي ويندي.

بقايا 13 تعارفي گڏجاڻي

سيڪريٽري 1، عباس ٿري ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري 2،عبدالقادر لنڊ سيڪريٽري رڪارڊ ، اصغر علي لنڊيي آر ڪوآرڊينيشن سيڪريٽري شرڪت ڪئي گڏجاڻي جي شروعات تلاوت پاڪ ڪانپو شهيدن لاءِ دعا سان ٿي تعارف ڪانپو پارٽي کي مضبوط ۽ ڊسيپلين سان تنظيم کي متحرڪ رکڻ لاءِ هر مهيني تنظيمي گڏجاڻي رکڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ يوم تاسيس ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ ۽ تعلقي ڪلوئي جي يونين ڪائونسل جي تنظيم سازي جي عمل کي جلد مڪمل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ان موقعي تي پيپلز پارٽي ضلع ٿرپارڪر جي نائب صدر محمد عمر لنڊ تعلقي صدر کي چيو ته آئون شڪر گذار آهيان تعلقي صدر جو جنهن اڄوڪي گڏجاڻي ۾ دعوت ڏني گهرايو آهي اسان سڀ پيپلز پارٽي جا ڪارڪن ۽ ورڪر آهيون ڪوبه عهدو ننڍو وڏو نه هوندو ۽ پيپلز پارٽي اسان جو گهر آهي اسان سڀ ان جا ميمبر آهيون ۽ سڀني عهديدارن کي گڏجي صدر سان هلڻ گهرجي آخر ۾ پيپلز پارٽي تعلقو صدر ارباب اڪبر عادل وڪيل چيو ته آئون پارٽي قيادت سميت ڊويزنل صدر ايم اين اي ڊاڪٽر مهيش ڪمار ملاڻي صاحب جو ٿورائتو آهيان جنهن مون تي اعتماد ڪندي تعلقه صدارت جي اهم ذميواري سونپي آهي. آئون پارٽي جي انهي ذميواري کي بهتر نموني پوري ڪندس ۽ تعلقي ڪلوئي ۾ اڳ کان وڌيڪ پارٽي کي مضبوط ڪندس.

بقايا 14 احتجاج

ايس بي آفيس جي چند قدمن ۽ اينٽي ڪرپشن آفيس پرسان نامعلوم چورن اوساڪا بيٽري جي دڪان جي ڇت ڇڄي 100 وولٽيج وارين 8 کان وڌيڪ بيٽريون چوري ڪري فرار ٿي ويا آهن ان موقعي تي دڪاندار سليم شيخ ٻڌايو امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي هي ٻيو ڀيرو دڪان جي ڇت پٽي بيٽريون کڻي ويا آهن لکين رپين جو نقصان ٿيو آهي ڊي آءِ جي سکر کان مطالبو ڪيا ٿو نوٽيس وٺي پوليس خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي ته جيئن شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ٿي سگهي ۽ ٿيل چوري بيٽريون واپس ڪرايون وڃن.

بقايا 15 پيٽا پيش

خاصخيلي ۽ سندس ڀاءُ محبوب کي شاندار پيٽا پيش ڪئي ان موقعي تي مقررين چيو ته سنڌ ۾ الهڏني خاصخيلي جهڙا فنڪار گهڻ گهڻ جمندا آهن ، ماستر چندر کان ويندي سائين الهوسائي تائين الهڏني خاصخيلي کان صادق فقير تائين ڪيترائي اهڙا راڳي هئا جن راڳ ۾ پنهنجي انداز سان ٻڌندڙن جي دلين ۾ جاءِ ٺاهي اهڙا راڳي امر ٿي ويا، جيڪي جيتوڻيڪ هن وقت اسان وٽ موجود نه آهن پر سندن آواز اڄ به گونجي ٿو پروگرام ۾ نورحسن ناز الهڏني جوڻيجي ۽ ٻين فنڪارن نغما ڳائي ويٺلن کي جهومائي ڇڏيو رات دير تائين هي پروگرام جاري رهيو.

بقايا 16 دعويٰ

ڪاٺ جي رقم، سونا زيوارت، موبائيل فون ۽ هيغار هٿ ڪيس داخل ڪيو ايس ايس پي عمرڪوٽ عزيز احمد ميمڻ جي هدايتن تي سي آءِ اي ۽ سامارو پوليس گڏيل ڪاروايون ڪري ڪجهه ڏينهن اڳ سامارو ٿاڻي جي حد مان موتي رام ساهڻي بودرفارم ٿاڻي جي حد مان عمر چيما ۽ ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي حد مان پريو ميگهواڙ جي گهران مان لڳل ڏاڙي جا ٽي جوابدار راشد پٽ نورنگ بنگلاڻي، رجب پٽ ميان بخش بنگلاڻي، محمد رحيم عرف پيو بنگلاڻي ۽ جوابدارن جي سهولتڪاري ڪندڙ جوابدار ڌارشي پٽ ڏيوسي ڪولهي کي گرفتار ڪري ورتو گرفتار ٿيل جوابدار راشد بنگلاڻي کان 50 هزار ڪيش، جوابدار رجب بنگلاڻي کان هڪ ڪلو چاندي جا زيوارت ۽ 50 هزار ڪيش جوابدار محمد رحيم عرف پيو بنگلاڻي کان فريادي جي گهران کنيل پسٽل ۽ 50 هزار ڪيش رقم ۽ عمر چيما جي گهران کنيل موبائيل فون هٿ ورتا گرفتار ٿيل جوابدارن کان ڪجهه ڏينهن اڳ سامارو ٿاڻي جي حد مان موتي رام ساهڻي جي گهران لڳل ڏاڙي ۾ کنيل سونا زيوارت، هيغار ۽ روڪ رقم بودرفارم ٿاڻي جي حد مان زميندار عمر چيما جي گهران چوڪيدار کي مارڪٽ ڪري کنيل موبائيل فون ۽ ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي حد مان پريو ميگهواڙ جي گهران کنيل روڪ رقم ڪٽر ڪرائي آهي جوابدار ڌارشي ڪولهي عمر چيما جي گهران ٿيل چوري ۾ هنن جوابدارن جي مخبري ۽ سهولتڪاري ڪئي جي ڌارشي ڪولهي اڳ به ٽرانسفامر چوري جي ڏوهن ۾ ملوث رهيو جنهن جي قبضي مان ٽرانسفامر چوري جو ڪوئلون هٿ ڪيون آهن.جوابدارن کي ٽيڪنڪل ٽيم جي مدد ۽ جيوفينسنگ ذريعي ٽريس ڪري گرفتار ڪيو آهي ساڳين جوابدار مختلف گهرن ۾ لڳل ڏاڙن جي وارداتن ۾ ملوث آهن جوابدارن کان وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي ڪافي ڏوهه کلي ويندا،سي آءِ اي انچارج عزيز راهمون ۽ ايس ايڇ او سامارو

بقايا 17 ڊي سي سکر

لاڳاپيل کاتن کان تفصيلي بريفنگ ورتي. ڊي سي واضع هدايتون جاري ڪندي چيو ته هارين کي ڪارڊ لاءِ اينڊ عام شهرين کي ڪنهن به قسم جي تڪليف ، دير يا غير ضروري پريشاني نه ڏني وڃي ڊپٽي ڪمشنر سکر ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ۽ سنڌ بئنڪ جي ريجنل منيجر جي هدايت ڪئي ته هاري ڪارڊ جي عملدرآمد لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ خدمتن عوام دوست بڻايون وڃن. هن چيو ته ايگريڪلچر کاتو درخواست گذارن جي مڪمل رهنمائي ڪري ۽ سموري عمل کي شفاف نموني مڪمل ڪيو وڃي ڊي سي سکر سنڌ بئنڪ جي ريجنل مينيجر کي وڌيڪ هدايت ڪندي چيو ته سنڌ بئنڪ جي سمورن مقرر ڪيل ڪائونٽرن تي هاري ڪارڊ لاءِ ايندڙ هارين کي ترجيحي بنيادن تي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن زور ڏنو ته عوام کان غير ضروري دستاويز طلب نه ڪيا وڃن ۽ نه ئي ڪنهن قسم جو غير قانوني مطالبو ڪيو وڃي. ڊپٽي ڪمشنر نادر شهزاد خان اسسٽنٽ ڪمشنر پنو عاقل کي هدايت ڪئي ته سموري عمل جي روزاني بنيادن تي نگراني ڪئي وڃي ۽ رپورٽ روزانو ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڏانهن موڪلي وڃي. هن واضح ڪيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت، سستي يا شڪايت جي صورت ۾ فوري اصلاح ڪئي وڃي ۽ ٻي صورت ۾ سخت ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي. آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر سکر هدايت ڪئي ته هارين جي سهولت لاءِ هڪ هيلپ ڊيسڪ قائم ڪئي وڃي. جتي عملو مڪمل رهنمائي ۽ معلومات فراهم ڪري.

بقايا 18 احتجاجي مظاهرو

نٽيو مشوري ۽ ٻين ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته ڪيترن سالن کان اسڪول جو نلڪو خراب پيل آهي جنهن سبب اسڪول ايندڙ معصوم ٻارڙا گهرن مان پاڻي پيئڻ ويندا آهن جتي گهرن ۾ ڪتا هجڻ ڪري ڪيترا ڀيرا معصوم ٻارڙا ۽ نياڻيون زخمي ٿي پيا آهن جن کي سڳيون اسپتال کڻي ڇٽي ڪئي وارين وڪسين ڪرائي آيا آهيون اسان تعليم جي وزير سيد سردار علي شاهه ۽ ٻين وس وارن کان مطالبو ٿا ڪريون ته خدارا اسان جي معصوم ٻارڙن تي رحم کائي اسڪول ۾ نلڪو نئون هڻايو وڃي جيئن ٻارڙا اسڪول مان ئي پاڻي پي سگهن

بقايا 19 دعويٰ

سوسرو کان 530 گرام چرس برآمد ڪيو ويو آهي ، جڏهن ته مين پوڙي گهٽڪي سميت منشيات ۽ سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڪيل مختلف ڪارروائين دوران موٽر سائيڪل چور عاقب خاصخيلي ، دانش خاصخيلي ، مين پوڙي گهٽڪي جي وڪري ۾ ملوث شاهد رند، وينش ڏاڪر ، غلام محمد ڪيهر ، راجا حاجاڻو ، ڪچي شراب جي وڪري ۾ ملوث مير محمد جتوئي ، بن رويوش جوابدارن علي اڪبر عرف شاڪا ڪوڏيو ۽ مقبول عرف مڪ سميجو کي مختلف هنڌن تان پوليس گرفتار ڪري سندن مٿان الڳ الڳ ڪيس داخل ڪيا ويا آهن، جڏهن ته گرفتار جوابدارن مان 4 ڪلو ڪان مٿي چرس ، 2 عدد چوري ٿيل موٽر سائيڪلون ، 4350گ مين پوڙيون ، 10 ليٽر ڪچو شراب هٿ برآمد ڪيو ويو آهي .

بقايا 20 انصاف جو مطالبو

ڪٽي ٿاڻي تي وياسين ته وڏي منشي سونهارو لاڙڪ چيو ته سان عدالتي فيصلي کي نٿو مڃان جڏهن ته مان پريس ڪلب جو خزانچي راڻا شير محمد راجپوت وارڻ کان ڪيس کنيو آهي جو موٽمار ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي راڻا شير محمد راجپوت زبردستي قبضو ڪرڻ چاهي ٿو ۽ منهنجي پٽ جيڪو معذور آهي ان کي پڻ جان مارڻ جون ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي ٿاڻي جو وڏو منشي سندس ساٿاري بڻيل آهي هن چيو ته اسان غريب ۽ مسڪين آهيون هنن اعليٰ اختيارين ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 21 ڊي سي نوابشاهه

آڻي لازمي طور تي ويڪسين لڳرائن ته جيئن هر ٻار کي موذي بيمارين کان محفوظ رکي سگهجي.ڊپٽي ڪمشنر ويڪسينيشن ڪيمپن کي هدايت ڪئي ته مرڪز تي ايندڙ هر ٻار کي يقيني طور ويڪسين لڳائي وڃي.ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر مدثر حسين ڊرمڪي ۽ ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا 22 افتتاح ڪيو

۽ مينيجر اوقاف خان عاطف مزار مبارڪ تي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ملڪ جي خير سلامتي ۽ ترقي لاءِ خصوصي دعا پڻ گهري وئي افتتاحي تقريب دوران ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي محمد سالم زرداري ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته حضرت سخي چادر دالانڙ جي محبت، انسان دوستي، رواداري ۽ خدمت خلق وارين تعليمون اسان لاءِ مشعل راهه آهن. هنن وڌيڪ چيو ته اولياء ڪرام جا آستانا هميشه امن اخوت، سهپ ۽ روحاني سڪون جا مرڪز رهيا آهن جتي روزانو هزارين عقيدتمند حاضري ڏين ٿا.ڪمشنر وڌيڪ چيو ته عرس جي ٽن ڏينهن دوران اچڻ وارن زائرين جي مڪمل سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ضلعي انتظاميا کي خاص هدايتون جاري ڪيون ويون آهن. عرس دوران سيڪيورٽي ٽريفڪ مئنيجمينٽ، طبي امداد، پاڻي روشني، صفائي، ميڊيڪل ڪيمپ ۽ ٻين سهولتن لاءِ ضلعي انتظاميا، پوليس، اوقاف، ٽائون ڪميٽي ۽ صحت کاتي پاران خاص انتظام ڪيا ويا آهن جڏهن ته زائرين لاءِ صحت کاتي پاران ميڊيڪل ڪيمپس پڻ قائم ڪيا ويا آهن جڏهن ته پوليس جوان سيڪيورٽي تي مقرر ڪيا ويا آهن.بعد ۾ ڪمشنر شهمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ۽ ٻين آفيسرن گورنمينٽ بوائز هائير سيڪنڊري اسڪول جام صاحب جي شاگردن طرفان لڳايل سائنسي نمائش جو دورو ڪيو جتي شاگردن جي محنت ۽ ڪارڪردگي کي ساراهيو ويو. ان کان علاوه ڪمشنر پاران صحت، زراعت، لائيو اسٽاڪ، ٿيليسيميا ۽ ٻين کاتن پاران لڳايل سائنسي ۽ ثقافتي نمائش ۽ ميڊيڪل ڪيمپن جو پڻ افتتاح ڪيو ۽ انتظامن جو جائزو وٺندي بهتر سهولتن لاءِ هدايتون جاري ڪيون.ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر دوڙ محمد ڏاڪر انفارميشن آفيسر اعجاز علي ٿيٻو، ٽائون آفيسر محمد صالح زرداري، چيئرمين ٽائون ڪميٽي عبدالله ش سياسي سماجي شخصيتون، عقيدتمند ۽ وڏي تعداد ۾ زائرين موجود هئا عرس جون تقريبون ٽي ڏينهن جاري رهنديون جڏهن ته پهرين ڏينهن گهوڙن جي ڊوڙ ڪوڏي ڪوڏي ملهه ۽ ٻين روايتي راندين جا مقابلا پڻ منعقد ڪيا ويا.

بقايا 23 انصاف جو مطالبو

ڪميٽي ۾ ڪلرڪ طور ڪم ڪندا هئا ۽ لکڻ پڙهڻ سان خاص شوق رکندا هئا.ذيشان قمبراڻي مطابق سندس والد شبير احمد قمبراڻي سال 2010 ۾ پنهنجون ٻه ڪتابون ”پيغام خوشحالي“ ۽ ”ممڪن“ شايع ڪرائڻ لاءِ اسلام آباد ويا. واپسي تي مظفرڳڙهه جي ويجهو گاڏي سميت پراسرار نموني اغوا ڪيو ويو.هن افسوس سان چيو: ”اڄ مڪمل 15 سال گذرڻ باوجود اسان جي والد جو ڪوبه پتو ناهي“.ذيشان ٻڌايو ته ڪڏهن ڏاوان جي ڪا ڪال آئي ته ڪڏهن سنڌ يا پنجاب جي ڪنهن اداري طرفان ڪا مدد يا تحقيقاتي اڳڀرائي سامهون آئي.اسان ڪيترن ئي شهرن جي پريس ڪلبن آڏو احتجاج ڪيا، پر هر هنڌ مايوسي ملي هن فيلڊ مارشل چيف آف آرمي اسٽاف لهف جلس آف پاڪستان سنڌ ۽ پنجاب جي وڏن وزيرن ۽ سڀني لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي ته سندس والد شبير احمد قمبراڻي کي فوري طور بازياب ڪيو وڃي ۽ متاثر خاندان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا 24 جهيڙو احتجاج

ڦي پيو هڪ ٻئي کي مارڪٽ ۽ تشدد ڪرڻ ۽ جوابدار ڇڏائڻ جي ڪوشش دوران ڇڪتاڻ وارو ماحول پيدا ٿي ويو ۽ پوليس موبائيلن کي به نقصان ٿيو جهيڙي دوران ايڊوڪيٽ قاضي فتح چانڊيو جا ڪپڙا پڻ ڦاٽي پيا واقعي خلاف وڪيلن ڪورٽ اسٽاپ جي دوڪاندارن ڪاروبار بند ڪري پوليس خلاف احتجاج ڪيو جڏهن ته ڪنري پوليس وڪيل فتح چانڊيو جي ڀائرن زبير چانڊيو ،دلاور چانڊيو سندس سڱڻ منصور چانڊيو ،سنجر سميت 35 کن جوابدارن خلاف ٻه ڌار ڌار ڪيس داخل ڪري ورتا جنهن ۾ ڊيوٽي اکاڻ ، منشيات گٽڪا فروشي ،حملي،موبائيلن کي نقصان وغيره جا قلم شامل آهن ٻين جوابدارن جي گرفتارين لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن جنهن بعد ٻيو گهربل جوابدار منصور دادا چانڊيو ٻه گرفتاري ڏئي ڇڏي پوليس موجب گهرو کاتي ڪان جاري ٿيل لسٽ ۾ منصور چانڊيو جو نالو شامل هو مٿس چرس افيم وغيره وڪرو ڪرڻ جا ڪيس پڻ داخل آهن ۽ زبير چانڊيو کان ٻه منشيات برآمد ٿيون آهن جنهن دوران پوليس پارٽي تي حملو ڪيو ويو هوڏانهن وڪيل قاضي فتح چانڊيو پاران لڳل الزامن جي ترديد ڪندي قانوني رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو واضع رهي ته ايم پي اي نواب تيمور ٽالپر پاران ايس ايس پي عمرڪوٽ عذير ميمڻ تي منشيات فروشن جي سرپرستي جا الزام هڻڻ بعد پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن

بقايا 25 چانڊيو مقرر

هوٽا فضل سميت سمورين شاخن سان واسطو رکندڙ آبادگارن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته شاخن جا عهديدار متفق طور چونڊيا ويا. جنهن ۾ صدر محمد عظيم چانڊيوسينيئر نائب صدر مير وجاهت صاحب نائب صدر مشتاق ٽنگڙو نائب صدر بابوسهيل نائب صدر گل زمان چانڊيوجنرل سيڪريٽري رنواز نهڙي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري ڪليم الله آرائين جوائنٽ سيڪريٽري منظور اوٺو ايڊيشنل جوائنٽ سيڪريٽري چاڪر ڪوسوانفارميشن سيڪريٽري بابوجان لنڊ فنانس سيڪريٽري مشتاق ٽنگڙو آفيس سيڪريٽري عماراقبال قائمخاني آفيس سيڪريٽري علي رضا آرائين بنا مقابلي ڪٽيل راءِ سان چونڊيا ويا، ان موقعي تي اڳواڻن محمد يوسف راجپوت، زاهد نون ۽ چودري انعام چيو ته شاخن جي منظم نظام سان ئي آبپاشي جي سهولتن کي بهتر بڻائي سگهجي ٿو هنن نون چونڊيل ٽيم کي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هو ايمانداري ۽ محنت سان پنهنجا فرض نڀائيندا. چونڊ جي ڇڄائيءَ تي شرڪت ڪندڙن خوشي جو اظهار ڪيو ۽ ٽيل آبادگار ايسوسيئيشن جي ڪوشش کي ساراهيو

بقايا 26 ادا ڪئي وئي

جويو احمد نواز ڀرٽ، شڪيل احمد ميمڻ يوسي چيئرمين ڪوٽ بهادر بهادر خان نائچ عامر ميمڻ آڳوڻو ٽائون چيئرمين ٻرياسئي سيد امير علي شاهه ،ڊائريڪٽر انفارميشن شهيد بينظير آباد محمد موسيٰ گونڊل ، ظفر راڄپر ، ڪائونسلر امان الله چوهاڻ ، صدر پريس ڪلب راڻا عبدالستار جنرل سيڪريٽري نديم علي منگي ، راڻا شير محمد، آفتاب ڪيريو ، ساجد علي چنا ، الطاف سيال ، اياز سومرو ،رفيق عمراڻي ،علي حيدر عباسي، راڻا راشد علي ، ظفر ڏڪر ، يونس راڄپر ، مولابخش مشوري شاهد سومرو ، ظهير سومرو سميت وڏي انگ سياسي سماجي اڳواڻن ۽ صحافين سميت علائقي واسين شرڪت ڪئي .فوتي کي سوين آلين اکين سان آبائي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو . سوڳوار خاندان سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي .ياد رهي صحافي مير محمد سهتو صحافت جي دنيا ۾ ڪيترين ئي ڇرڪائيندڙ رپورٽون ڇاپي پاڻ مڃايو هو .هن پنهنجي صحافتي زندگي ۾ هميشه غريب بي پهچ ۽ مظلوم ماڻهن جو آواز بڻيل رهيو .علائقي واسي سندس صحافي حوالي سان ڪيل خدمتن جي ساراهه ڪندي نظر آيا .

بقايا 27 بائيڪاٽ

ويو آهي جڏهن ته بائيڪاٽ ڪري مختلف علائقن مان ٻڌڻين تي آيل سوين سائلن واپس موٽي ويا .

بقايا 28 شروع ڪئي

آخري اطلاع اچڻ تائين تنگير جي لاش کي دفن ڪيو ويو آهي

بقايا 29 افتتاح ڪيو

جنهن ۾ اکين ميٽرنٽي ڊينٽل ۽ ٻين وارڊن ۾ انتظامن جو جائزو ورتو جڏهن ۾ صفائي سٿرائي جا ناقص انتظام ڏسي سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ لاڳاپيل عملدارن کي فوري طور تي صورتحال بهتر بڻائڻ جي هدايت ڪئي ڊپٽي ڪمشنر اسپتال جي مختلف وارڊن ۾ هيلٿ اسٽاف سان ملاقات ڪري حفاظتي ٽڪن جي عمل تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ والدين کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ٻارن کي لازمي ويڪسين ڪرائڻ ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد خان تعلقي اسپتال روهڙي جي ايم ايس کي هدايت ڏني ته اسپتال جي اندر صفائي سٿرائي جا انتظام 24 ڪلاڪن اندر بهتر بڻايا وڃن هن لاڳاپيل عملدارن کين هدايت ڏيندي چيو ته ويڪسينيشن مهم جي مانيٽرنگ لاءِ اسپيشل ٽيمون قائم ڪري هر روز جي رپورٽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس ڏانهن موڪلي وڃي ۽ وارڊن ۾ موجود ضروري اوزار دوائن ۽ عملي جي موجودگي کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته والدين جي سهولت لاءِ ڊيسڪ قائم ڪري عوام کي وقت سر رهنمائي پڻ فراهم ڪئي وڃي ڊي سي سکر چيو ته ميڊيڪل عملو ڊيوٽي ٽائمنگ دوران موجود رهي. غفلت ڪندڙن خلاف ڪنهن به قسم جي رعايت نه ڪئي ويندي هن وڌيڪ چيو ته هي قومي مهم 17 نومبر کان 29 نومبر تائين جاري رهندي هن مهم دوران پوليو جا قطرا پڻ ٻارڙن کي پياريا وڃن

بقايا 30 چيئرمين حوالي

خان آريجو ۽ ٽائون آفيسر محمد خان سيال حوالي ڪئي جڏهن ته تقريب ۾ آيل مهمانن کي ٽائون انتظاميا طرفان ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا ، ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلع چيئرمين اعجاز احمد لغاري ۽ سردار طارق انور سيال چيو ته هي فاتورگيئڊ گاڏي جو تحفو پ پ قيادت جي هدايت تحت سنڌ حڪومت ٽائون ڪميٽي آريجا لاءِ موڪليو آهي جنهن مان نه صرف ٽائون ڪميٽي آريجا بلڪ تعلقو باڏرائي ۽ تعلقه ڏوڪري ڏڪوڙ فائدو حاصل ڪري سگهندا.

بقايا 31 سيمينار منعقد

محمد لغاري پيمچند ۽ ٻين چيو ته زراعت کي هٿي ڏيڻ لاءِ بائير پاڪستان جونيرسرچ ۽ ڪوششون بهتر قدم آهن بائيئر جي پراڊڪٽ جاندار ۽ بهترين ڪواليٽي واري آهي جنهن جي استعمال سان آبادگارن کي وڏو فائدو ٿئي ٿو هنن چيو ته وڌندڙ مهانگائي ۽ موسمياتي تبديلين سبب فصلن تي تمام گهڻا خراب اثر پئجي رهيا آهن موسمياتي تبديلي کي نظر ۾ رکندي آبادگارن کي فصلن ڏانهن خاص توجهه ڏيڻ جي ضرورت آهي فصلن تي جيئن جي حملن کي نظر ۾ رکندي ان حساب سان اسپري ڪرڻ جي ضرورت آهي ان موقعي تي آبادگارن حڪومت پاران لڳايل ٽيڪس ختم ڪرڻ جي گهر ڪندي چيو ته فصلن جا اگهه نامناسب هجڻ تونڙي زرعي دوائون ۽ پاڻ مهانگائي هجڻ پاڻي جي کوٽ ٻج ٻجن سميت سمورن مسئلن کي نظر ۾ رکندي حڪومت طرفان لڳايل زرعي ٽيڪس ختم ڪرڻ گهرجي آخر ۾ آبادگارن جي شرڪت ڪندڙن جي وڏي انگ کي عاليشان مانجهاندو پڻ ڪرايو ويو

بقايا 32 عاصر نواز وڙائچ

27هين ۽ اڄ وري 28هين آئيني ترميم اهي ترميمون آهن جنهن اسان جي ملڪ جي آئين جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آهي جنهن ڪري هن وقت ملڪ ۾ لاقانونيت هلي رهي آهي. اهڙي خيالن جو اظهار هنن ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جيڪب آباد جي آفيس ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هنن چيو ته اسين وڪيلن کي گذارش ڪنداسين ته اوهان سڀ انهي شخص کي ووٽ ڏيو جيڪي پروگورنمينٽ ۽ پرواسٽيبلشمينٽ ناهن جيڪي آزاد حيثيت ۾ بيٺل آهن، جيڪي آزاد عدليا سان بيٺل آهن ووٽ ان کي ڏيو جيڪي اصل آئين سان بيٺل آهن جيڪي سنڌ ۽ پاڪستان سان بيٺل آهن هن چيو ته جيڪڏهن حڪومتي مرضي سان جج مقرر ٿيا ميرٽ جي بنياد تي نه آيا ته پوءِ ملڪ سان انصاف ختم ٿي ويندو انصاف صرف وڏي ماڻهن کي ملندو غريب ماڻهن کان ان سان ڪوبه فائدو نه هلندو هن چيو ته سکر ۾ وڪيلن جو جيڪو ڪنوينشن ٿيو هو ان دوران اسين اهو فيصلو ڪيو هو پورو هڪ هفتو عدالتن ۾ اندر احتجاج ڪيا ۽ چيف جسٽس کي اسين 8 ڏينهن جي مهلت ڏني هئي جنهن بعد اسين وري اهو فيصلو ڪيو ته عدالتي ڪم ڪار ۾ ٻه رڪاوٽ نه اچي ۽ اسان جو احتجاج جو سلسلو ۾ هلندو رهي ان لاءِ اسين اڄوڪو سمورو ڏينهن احتجاج جو سنڌ ڏنو ۽ باقي جيڪي ڏهاڙا آهن انهن ۾ صبح کان 11 بجي تائين ڪورٽن جو ڪم هلندو ۽ 11 بجي کان پوءِ احتجاج جاري رهندو هنن چيو ته حڪومت پنهنجي جعلي حڪومت کي بچائڻ لاءِ 27هين آئين ترميم آندي آهي هنن هڪ سوال جي جواب ۾ چيو ته فيڊرل ڪنسٽيٽيوشنل ڪورٽ جي جج کي وزيراعظم مقرر ڪندو جيڪو عوام ته پر حڪومت جو هوندو جيڪو سڀ کان وڏو نقصان آهي ان ڪورٽ جي اچڻ سان سپريم ڪورٽ جي اصل حيثيت ختم ٿي چڪي آهي سپريم ڪورٽ هاڻي هڪ مقبري جي صورت اختيار ڪري چڪي آهي هنن چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي اها سوچ نه هئي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو آئين ڏاهيو هي سڀ ان جي پوٽيري ڪري سگهن بلاول ڀٽو زرداري کي فوري نظرثاني ڪرڻ گهرجي حڪومت ضروري ناهي اڄ جيڪڏهن هو هن حڪومت کي لت هڻي ڇڏي ته اڳتي ماڻهون ان کي اها عزت ڏيندا جيڪا هميشه قائم رهندي جيڪڏهن هي حڪومت رهي ۽ پيپلز پارٽي جو سياسي ڪيريئر ڪنهن ڪم نه رهندو ان کان اڳ هنن جيڪب آباد جي بار آفيس اندر ووٽ جي اپيل ڪرڻ سان گڏو گڏ 26هين، 27هين ۽ 28هين آئيني ترميمن بابت وڪيلن جي ڪٺ کي خطاب ڪيو ان موقعي تي ڊي بي اي جيڪب آباد جو صدر وڪيل مظفر علي رند ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 33 احتجاج

ٽريڪٽر ذريعي پيرڙاهي ڪري هزارين روپين جو نقصان رسائڻ ، قبضي ڪرڻ جي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو، احتجاج ۾ شامل موپا جي رهواسي پيرسن محمد اشرف باگراڻي ، پيرسن محمد عمر باگراڻي ، مسمات فاطمه ، مسمات شريفان ۽ ٻين الزام لڳايو ته حڪومتي ڌر جي بااثر وڏيري علي نواز باگراڻي سندس ساٿين اسان تي ظلم زيادتين جي انتها ڪري ڇڏي آهي جنهن ۾ اسان جي ذاتي ملڪيت واري زرعي زمين تي سارين جي پوکائي ڪيل تيار فصل کي ٽريڪٽر ذريعي پيرڙاهي ڪرائي اسان کي هزارين روپين جو نقصان رسايو آهي جنهن کان ڳوٺاڻن تي سخت تشدد جو نشانو بڻايو آهي ، ڳوٺ جا رستا اسان لاءِ بند ڪري ڇڏيا آهن سندس ظلم زيادتين خلاف ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ۽ موپا پوليس وٽ درخواستون ڪرڻ باوجود اسان کي انصاف نه ملي سگهيو آهي پوليس اسان کي ٿاڻي تي اچڻ کان روڪي ڇڏيو آهي ته اسان ٿاڻي تي بااثر زميندار خلاف ڪا به درخواست نه ڏيون ، جنهن جي ڪري هاڻ اسان مجبور ٿي احتجاج ڪري رهيا آهيون اسان کي انصاف نه مليو ته اسان ايس ايس پي آفيس ٽنڊو محمد خان آڏو مرڻ گهڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين .

بقايا 34 اسپتال منتقل

ڪيو ويو آهي . واقعي خلاف وارثن پاران سخت احتجاج ڪيو ۽ چيو ته حملي آور سرعام نوجوان کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پر پوليس ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي .

بقايا 35 اجلاس

جي صدارت هيٺ شهر ۾ امن امان، عوام جي تحفظ ، ٽريفڪ مينجمينٽ، غير قانوني آتشبازي، حدرخلين ، ايل پي جي گئس جي وڪري ۽ ٻين درپيش مسئلن متعلق شهبازهال شهباز بلڊنگ حيدرآباد ۾ هڪ اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ ايس ايس پي حيدرآباد عديل حسين چانڊيو اسسٽنٽ ڪمشنرن سول ڊفينس اختياري ، لاڳاپيل ايس ايڇ اوز اينٽي انڪروچمينٽ عملي ، ميونسپل عملدار ۽ ٻين اسٽيڪ هولڊرز شرڪت ڪئي _ اجلاس ۾ گذريل ڇنڇر واري ڏينهن تي لطيف آباد نمبر 10 ۾ ڦٽاڪن جي فيڪٽري ۾ ڌماڪي واري واقعي ۽ شهر ۾ وڌندڙ بي ضابطگين تي شديد تشويش جو اظهار ڪيو ويو _ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ واضح هدايت ڪئي ته شهر ۾ آتشبازي ، اپريل فائرنگ ۽ ڦٽاڪن جي خريد ۽ وڪرو ناقابل برداشت آهي _ هن پوليس انتظاميا کي حڪم ڪيو ته شادي هالن ۽ وڏين هوٽلن ۾ ڪنهن به قسم جي آتشبازي يا فائرنگ جي صورت ۾ فوري طور تي ڪيس درج ڪيا وڃن ۽ سمورن شادي هالن کي رات جو 12 وڳي تائين لازمي طور بند ڪرڻ جو پابند بڻايو وڃي _ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد وڌيڪ چيو ته شهر ۾ حدرخلين ، غير قانوني هوٽلن ، ريڙهن ڪيبن ، روڊن تي غير قانوني پارڪنگ ۽ رستن تي قائم حدرخلين کي فوري طور تي هٽايو وڃي ۽ هٽايل سامان کي پڻ هرگز واپس نه ڪيو وڃي جڏهن ته سپرمارڪيٽن ۽ شاپنگ مالز پاران پارڪنگ فيس وصولي کي فوري طور تي بند ڪرائڻ جو حڪم جاري ڪيو ويو _ايس ايس پي حيدرآباد عديل چانڊيو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته گذريل ڇنڇر وارو واقعو انتهائي شرمندگي ۽ افسوسناڪ هو ۽ هاڻي ڪنهن به پوليس ٿاڻي جي حد ۾ اهڙي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي_ هن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڪنهن به ايس ايڇ او جي علائقي ۾ بيهر اهڙو واقعو پيش آيو ته لاڳاپيل ايس ايڇ او ان جو ذميوار هوندو _ هن چيو ته آتشبازي ، ايل پي جي سلينڊرز ، غير قانوني ايل پي جي دڪانن ۽ عمارتن جي هيٺان قائم غير قانوني پيٽرول پمپن خلاف پڻ سخت ڪارروائيون ڪري رپورٽ ڪئي وڃي _ ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنرن ۽ سول ڊفينس اختياري کي هدايت ڪئي ته اها گڏيل طور تي سروي ڪري هڪ هفتي اندر رپورٽ پيش ڪري ۽ پنهنجن علائقن ۾ فوري طور تي عملي ڪارروائيون شروع ڪن _ هن چيو ته شهر جي ٽريفڪ جي صورتحال انتهائي ناقص آهي جنهن جي بنيادي وجهه حدرخلين ، غير قانوني پارڪنگ آهي جنهن کي هر صورت ۾ ختم ڪيو وڃي_ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد پوليس ۽ لاڳاپيل انتظاميا کي هدايت ڪئي ته رات جي وقت پيٽرولنگ کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته ايس ايڇ اوز ۽ اسسٽنٽ ڪمشنرز خود پنهنجن علائقن ۾ گشت ڪن _ هن چيو ته حيدرآباد شهري عوام جي حفاظت ڪرڻ اسان سڀني جي ذميواري آهي شهر کي ڪنهن به امڪاني حادثي کان محفوظ رکڻ اسانجو اولين فرض آهي _ اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته شهر ۾ آتشبازي ، اپريل فائرنگ جي خلاف زيرو ٽالرينس پاليسي جاري رهندي جڏهن ته حدرخلين ، پارڪنگ مافيا، ايل پي جي شاپس ۽ غير قانوني سرگرمين جي خلاف پڻ وڏي پيماني تي ڪارروائيون ڪيون وينديون

بقايا 36 تحريڪ تيز

فاران شوگر مل ۾ اندر قانون آهي مزدورن کي پنج پرسينٽ بونس سميت ٻيون مراعتون نه ڏنيون وڃن، واعدا ڪري مطالبا تسليم ڪرڻ باوجود مزدورن کي پنهنجي حقن کان محروم رکيو پيو وڃي، پر اسان خاموش نه ويهنداسين، ڪمنڊ جي پيڙهائي واري ڏينهن ڌرڻي جون تياريون مڪمل آهن ڌرڻو برطرف مزدورن جي بحالي سميت پنج پرسينٽ بونس ۽ ٻين مراعتن جي ملڻ تائين جاري رهندو

بقايا 37 بائيڪاٽ ڌرڻو

بائيڪاٽ سبب مختلف ڪيس جي پيروي لاءِ پهتل وڪيلن کي بار جي نمائيندن عدالتن ۾ داخل ٿيڻ نه ڏنو ويو جڏهن ته سائلين تاريخون وٺي واپس روانا ٿي ويا جڏهن ته 26 هين ۽ 27 هين آئيني ترميم خلاف حيدرآباد ۾ وڪيلن جو پيادل هاءِ ڪورٽ ۽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ کان وڪلا چوڪ تائين مارچ. ڌرڻو هنيو وڪيلن هاءِ ڪورٽ بار ۽ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ جي احاطي آڏو احتجاج ڪيو هاءِ ڪورٽ بار جي جنرل سيڪريٽري اسرار چانڊيو الطاف سڄل اعوان فيصل مغل ممتاز اعوان جي ايم لغاري ۽ ذڪريا بلوچ جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي پيادل مارچ ڪيو وڪيلن جو پيادل مارچ ايس ايس پي آفيس پرسان وڪلا چوڪ تي پهتو جتي ڌرڻو هنيو ويو وڪيلن آئيني ترميم نامنظور جا نعرا هنيا اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته صوبائي خود مختياري کي ختم ڪري سنڌ کي رهائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ جا وڪيل رستن تي نڪري سخت مزاحمت ڪنداسين 26هين آئيني ترميم ذريعي اڳ ئي عدالتن جا اختيار گهٽايا ويا آهن ويتر27 هين ترميم ذريعي عدالتن کي حڪومت جي ماتحت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي ۽ صوبن جي مالياتي حقن تي به ڌاڙو هنيو پيو وڃي 26 هين ۽ مجوزه 27هين ترميم کي مڪمل طور رد ڪريون ٿا گرين انيشيٽو تحت سنڌ جون زمينون ڏيڻ وارو عمل بند ڪيو وڃي مختيارڪارن، اسسٽنٽ ڪمشنر ۽ ڊيسڪ کي مئجسٽريٽي پاور ڏيڻ عدالتي جي وقار کي مجروح ڪيو پيو وڃي وڪيل جڏهن رستن تي نڪرندا ته پوءِ فيصلا ڪمرن ۾ نه پر رستن تي ٿيندا. هاڻي مذمت جو نه پر مزاحمت جو وقت آهي آئيني ڪورٽن ذريعي عدالتن کي ڪنٽرول ڪيو ويندو. آئين کي بچائڻ لاءِ هر سطح تي ويندا سين

بقايا 38 دعويٰ

حسن ملوڪاڻي . اصغر جدگال . ضياءُ الرحمان ۽ سهيل رند کي گرفتار ڪري سندن قبضي مان 40 لٽر ڪچو شراب هٿ ڪرڻ جي دعوا ڪندي مٿن ڌار ڌار ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا 39 نواب وسائو

فائدو ٿي رهيو آهي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هن انقلابي قدم کي ساراهيندي هن احسن قدم کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع خيرپور جي صدر ۽ سابق ميمبر قومي اسيمبلي محترم حاجي نواب علي وسائو جي صدارت ۾ هڪ سيمينار سچل آڊيٽوريم هال خيرپور ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع خيرپور ميرس جي پاران منعقد ڪيو ويو پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع خيرپور طرفان پارٽي عهديدارن ۽ ڪميونٽي سميت ضلعي خيرپور جي زرعي ماهرن، آبادگارن، هارين، مزدورن ۽ واپاري اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي .

بقايا 40 انتظاميا خاموش

مريض علاج هيٺ آهن جڏهن ته خانگي اسپتالون پڻ ڏينگي مريضن سان ڀريل آهن بيماري ۾ انتهائي تيزي سان واڌ باوجود ضلعي انتظاميا خاموش تماشائي بڻيل آهي جڏهن ته صحت کاتي جا شورو ۽ پڻ ضلعي انتظاميا پاران ڏينگي جهڙي موذي مرض جي روڪٿام ۽ علاج لاءِ ڪي به هنگامي قدم نه کنيا آهن ۽ شهر سميت پرپاسي وارن علائقن ۾ مڇرن جي خاتمي لاءِ اسپري پڻ ناهي ٿي سگهيو ٻئي طرف اسپتالن ۾ دوائن جي پڻ کوٽ هئڻ ڪري جنهن ڪري عوام پريشاني ۾ مبتلا آهي

بقايا 41 سرهي سانجهه

هن ادب ۽ فن جي بي لوث خدمت ڪئي آهي پاڻ سدائين تحرڪ ۾ رهندڙ شخصيت رهيو آهي پاڻ شاعري سان گڏ ڪيترائي ڪالم پڻ لکيا آهن هنن چيو ته غلام رسول جهڙا آرٽسٽ جيڪا سچا ۽ کرا آهن انهن سان هن قسم جو رهاڻيون رچائي ڪين هر محاڙ مڃتا ڏيڻ کپي ان کان تقريب کي اختر رند، لطيف شوري ديدار شاهه صاحب ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو جڏهن ته طارق امامي ۽ رجب آزاد مڪالا پيش ڪيا جنهن بعد سرور سخيراڻي فيضان سخيراڻي سلطانا سورت ۽ ٻين گيت پيش ڪري محفل کي جهومائي ڇڏيو جڏهن آخر ۾ خطاب ڪندي غلام رسول غرق چيو ته دوستن جو ٿورائتو آهيان جن مونکي اعزاز بخشيو آهي

بقايا 42 احتجاج جاري

سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن ايجنسي وارن انهن جا نمبر ٽريس ڪيا ويا هئا جيڪڏهن پوليس سيڊياري ٽيڪلاتي ڪاور جي وڌيڪ جيو فينسنگ ڪري ها ته اغوا ڪندڙن جو پورو ٽولو پڪڙيو وڃي ها ۽ منهنجو پٽ وقت تي بازياب ٿي وڃي ها، پوليس اهو نه ڪيس پوليس منهنجي پٽ جي اغوا ۾ ملوث آهي هاءِ ڪورٽ جي حڪم تي گهرو سيڪريٽري سنڌ ايجنسي جي جي آءِ ٽي ڪاهي هئي جنهن اڍائي سالن تائين جاچ ڪئي 50 اجلاس ڪيا هن جاچ ۾ جوابدارن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو آهي جي آءِ ٽي هاءِ ڪورٽ کي لکيو آهي ته علي اصغر کي اغوا ڪيو ويو هو اسان هڪ ٻي جي آءِ ٽي جي ڳالهه رهيا آهيون جيڪا علي اصغر ڪان پڇا ڳاڇا ڪندي ان جاچ کي ٻي سال ٿي ويا آهن ۽ علي اصغر کي اغوا ٿيڻ کي ڏهه سال ٿي ويا آهن هاڻي جي آءِ ٽي جي هڪ ميمبر قرآن پاڪ تي هٿ رکيو ۽ چيو "علي اصغر اغوا نه ٿيو آهي ۽ اهي چار ذميوار نه آهن پوءِ مان منهنجي پٽ کي الله جي حوالي ڪندس" ريلوي پوليس ڪانسٽيبل سکر ڊويزن زاهد حسين منگريو احمد علي منگريو ۽ شهري احتجاج ۾ شرڪت ڪئي

بقايا 43 انصاف جو مطالبو

گلشير احمد شيخ جنهن سال 2016 ۾ پارٽنرشپ ڊيڪي وڏي رقم ورتي ۽ فرار ٿي ويو.عبدالوحيد جتوئي موجب غلام رسول شيخ سرن جو بلو لڳائڻ ۽ گڏيل ڪاروبار ڪرڻ جو واعدو ڪري مختلف وقتي وقتي 16 لک کان 50 هزار رپيا ورتا. ڪجهه وقت بعد جڏهن حساب ڪتاب پڇيو ته جوابدار ٽاري ڇڏيندو ۽ چيو ته رقم محفوظ آهي پر پوءِ هو علائقي مان غائب ٿي ويو ۽ باوجود ڪوششن جي ان جو پتو نه ملي سگهيو.متاثر شخص ٻڌايو ته هن واقعي جي رپورٽ ٿاڻي پنوعاقل ۾ درج ڪرائي پوليس مدد ڪرڻ بدران ڪيس کي ڌمڪيون ڏيڻ لڳي. ڊي آءِ جي سکر کي پڻ درخواست ڏني پر ان باوجود جوابدار خلاف ڪا عملي ڪارروائي نه ٿي.هو وڌيڪ ٻڌايو ته عدالت ۾ وين پر اتي ٿي به مايوسي ملي. احتجاج دوران هن الزام هنيو ته ملزم بااثر هجڻ سبب قانون کان ٻاهر گهمي رهيو آهي جڏهن ته هو پاڻ لڳاتار ڌمڪيون ۽ ڦوڙي رهيو آهي عبدالوحيد جتوئي آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو ته ملزم غلام رسول شيخ کي فوري گرفتار ڪري 16 لک 50 هزار رپيا واپس ڪرايا وڃن ۽ ڪيس مڪمل تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا 44 وفات ڪري وئي

وين جتي علاج دوران سندس ساهه جي تند ٽٽي پئي سندس جنازي نماز درگاهه شريف واري قديمي عيدگاهه ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مختلف مڪتبه فڪر وابسته شخصيتن ۽ ٻڌڙي برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته ڏکويل خاندان سان تعزيتن جو سلسلو جاري آهي

بقايا 45 وارثن حوالي ڪيو

شهر جي مختلف علائقن ۾ سرچ آپريشن شروع ڪيو پوليس جديد طريقن اثرائتي حڪمت عملي ۽ تيز ڪارروائي ذريعي فوري وقت ۾ اهم اڳڀرائي حاصل ڪئي آخرڪار مسلسل ڪوشش جي نتيجي ۾ 5 سالن جي عنايه عباسي کي محفوظ طور تي بازياب ڪرايو ويو بعد ۾ قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ٻنگري، کي سندس پيءُ غلام حيدر عباسي جي حوالي ڪيو ويو

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

URAAN PAKISTAN

اچن جي ڪوٽ (هڪ مرحلو- ٻه لفافي جو طريقيڪار)

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ (PSPC) معروف مينوفيڪچررز/ سپلائرز کي F.O.R جي بنياد تي مهربند واڪ طلب ڪيا وڃن ٿا.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job Items	Qty
LP/T-2338/25/ABZ	04-12-2025 11:00 A.M.	04-12-2025 11:30 A.M.	Rs. 86,000/- Fixed	SERVICES ARE REQUIRED FOR CLEANING DRAIN BY PRESSURE PUMP (AS PER BOQ)	01 Job

تصريحات/ بي او ڪيو/ تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ EPADS شامل آهن.

- آڇون بذريعه EPADS شرڪت جي خواهشمند واڪ ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. مشروط/ نامڪمل واڪ دستاويز قابل غور نه هوندا ٻيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويزن جي مطابق هوندا.
- ٽينڊر اشتهار پيپرا ۽ پي ايس پي سي جي ويب سائيٽ: www.ppra.org.pk ۽ www.pspc.gov.pk تي ڏسي سگهجن ٿا. جڏهن ته مڪمل ٽينڊر دستاويز جنهن ۾ ڪم جي تفصيلي وضاحت ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا شامل آهن، EPADS جي ويب سائيٽ: www.eprocure.gov.pk تي دستياب آهن.
- ٽينڊر دستاويز ۾ درج هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ واڪ مذڪوره مٿي وقت ۽ تاريخ تائين بذريعه EPADS لازمي جمع ڪرايا وڃن واڪ دستي طور تي قبول نه ڪيا ويندا. اِي واڪ کي مقرر وقت ۽ تاريخ تي بذريعه EPADS کوليا ويندا.

ڊپٽي جنرل مئنيجر، پرچيز ڊپارٽمينٽ، پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح اوينيو مليرهالٽ، ڪراچي-75100 فون نمبر: 021-99248511 (ايڪسٽينشن: 2202-19) / www.pspc.gov.pk

PID K-1743/25

لڪي غلام شاھ جي ڪچي ۾ ارڙيءَ جي وبا ڦھلجي وئي، ٻن ڏينھن ۾ ٻه ٻارڙا فوت

ڳوٺ ريڏنو جتوئي ۾ 4 ورھين جو ثناءَ الله پٽ سليمان ۽ ھڪ سال جو علي مرتضيٰ پٽ فضل جتوئي فوت ٿي ويا

ڪچي جي ٻين علائقن ۾ سوين ٻارڙا ارڙيءَ جي بيماريءَ ۾ ورتل، ڳوٺاڻن پاران صحت کاتي کان نوٽيس جو مطالبو

لڪي غلام شاھ (رپورٽ عبدالرزاق مھر) چڪ جي ڪچي ۾ ارڙيءَ جي وبا ڦھلجي وئي، ٻن ڏينھن اندر ٻه ٻارڙا فوت ٿي ويا، ڳوٺ ريڏنو جتوئي ۾ چئن سالن جو ثناء الله پٽ سليمان مرناڻي جتوئي ۽ ھڪ سال بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاھ: فوتي ٻارڙي جو لاش پيل آھي

شھدادپور ۾ قتل ٿيل عبدالغفور ڪوسو جو ڪيس 5 جوابدارن خلاف داخل

عنايت الله جي فرياد تي شعبان، ياسين، بابل ۽ ٻين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

شعبان سميت ٽن جوابدارن کي حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني آھي: پوليس

شھدادپور(ن ع) گذريل ڏينھن شھدادپور راشدي ڪالوني ۾ ھٿيارٻندن فائرنگ ڪري قتل ٿيندڙ عبدالغفور ڪوسو جي مڙھ کي سوين آلين اکين سان اباڻي قبرستان ڳوٺ دوست محمد ڪوسو ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ھوڏانھن شھدادپور پوليس واقعي جو ڪيس عنايت الله ولد صاحب خان ڪوسو جي فرياد تي ھرھڪ شعبان ڪوسو ياسين ڪوسو بابل فريد مريد علي احمد بابو خلاف بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

اوٻاوڙو لڳ ڌوھاري ڪوچي ڪٽن جي ٽيم کي چوري ڳولڻ بھاني گھرائي اغوا ڪري ويا

ڌوھارين فون ڪري ٽريڪٽر چور بھاني صادق آباد مان ٽيم کي مريد شاخ سڏائي اسڪول اڏي جي علائقي مان اغوا ڪيو

مغوي عبدالخالق، محمد رفيق سولنگي، عدنان آرائين ۽ جميل آرائين کي ڪٽن ۽ ڪار سميت ڌوھاري کڻي ويا

پنجاب ۽ سنڌ پوليس ايف آءِ آر داخل ڪرڻ کان انڪاري آھن، نوٽيس وٺي مغوين کي آزاد ڪرايو وڃي: وارث

اوٻاوڙو (رپورٽ غلام قمبر ٻوھڙ) مريدشاخ صادق آباد مان ڪوچي ڪٽن جي ٽيم کي چار ڏينھن اڳ چوري ٿيل ٽريڪٽر جي ڳولا ڪرڻ جي لاءِ مريد شاخ سڏائي اسڪول اڏي جي علائقي جي آس پاس مان ڪار ۽ بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

اباوڙو: ڌاڙيلن پاران جاري ڪيل وڊيو ۾ مغوي سنڌن آزادي جو مطالبو ڪري رھيا آھن

ٽنڊوآدم ۾ شاھينگ ڊائسن ڊرائيور کي نشي آور شيءِ کارائي روڪ رقم ۽ سامان کڻي فرار ٿي ويا

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ نامعلوم شاھينگ ڊائسن ڊرائيور خادم حسين چنو کي نشي آور شيءِ کارائي بيھوش ڪرڻ بعد سندس کيسي ۾ پيل ھزارين روپيه بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو پرسان وين مان ڪري مسافر زخمي، اسپتال داخل

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ خميسو حطار سامھون تيز رفتار وين موڙ اچڻ سبب وين مان اوچتو ويٺل مسافر بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

بدين: سنڌ حڪومت پاران راڳي استاد بادل راھي جو بيماري جو نوٽيس وٺندي امداد چيڪ ڏنو

بدين (ع ر) سنڌ جي ناميار راڳي استاد بادل راھي جي بيماري جون خبرون ميڊيا تي اچڻ کان پوءِ سنڌ حڪومت معاملي جو نوٽس ورتو آھي صوبائي وزير ثقافت پاران ھڪ لک پنجاھ ھزار جو چيڪ جاري ڪيو ويو آھي ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت جي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

بدين: سنڌ جو ڀلوڙ راڳي بادل راھي بيماري جي بستري تي پيل آھي

ٽنڊوآدم لڳ چور ڳوٺاڻي جو موٽرسائيڪل کاھي ويا، اين سي داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم حيدرآباد روڊ تي اجوا ھوٽل ٻاھران نامعلوم چاٻي چور قيصر ڳھوٽ جي رھواسي شاھجھان خاصخيلي جي سي ڊي 70 موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويا واقعي جي اين سي ٿاڻي تي داخل ڪرائي وئي آھي.

خيرپور ٿاڻي ويجھو چور دڪان کي ڪاٽ ھڻي سامان ڀھاري ويا، متاثر جو احتجاج

خيرپور(ذ ر) اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ايس بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

مٺي : جماعتِ اسلامي ٿرپارڪر جي اجتماعِ عام جون تياريون مڪمل

ياسين لطيف مغل ٿر جي مختلف علائقن جو تنظيمي دورو ڪيو

500 ڪارڪنن تي مشتمل قافلو سياڻي لاھور روانو ٿيندو: ياسين لطيف مغل

مٺي (ذ ر)جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي اجتماعِ عام جون تياريون مڪمل، 500 ماڻھن تي مشتمل قافلو 19 نومبر تي لاھور روانو ٿيندو. جماعت اسلامي ٿرپارڪر جي ضلعي امير ياسين لطيف مغل گذريل ڏينھن ٿر جي مختلف علائقن جو تنظيمي دورو ڪيو ۽ اجتماعِ عام ۾ شرڪت لاءِ تيارين کي آخري شڪل ڏني. جنھن بعد ھن مٺي ۾ ميڊيا سان ڳالھائيندي چيو ته بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاھ لڳ چلھ جي چڻنگ مان 5 گھرن کي باھ، الھه تلھه سڙي رک

ڳوٺ غلام شبير خروس واسي فرد، شبير گلشير ۽ ٻين جي گھرن کي باھ وڪوڙيو

باھ سبب الھه تلھه رکي ٿي ويو آھي، ٻچا کاڌا آسمان ھيٺ ويٺل آھن مدد ڪئي وڃي: متاثرين

لڪي غلام شاھ(ن ع) لڪي غلام شاھ ويجھو قاضي ڳوٺ پرسان ڳوٺ غلام شبير خروس ۾ گھرن کي چلھ جي چڻنگ مان اوچتو باھ لڳي وڃي 5 گھرن کي باھ لڳڻ جي نتيجي ۾ لکين روپين جو سامان سڙي رک ٿي ويو متاثرن ۾ غلام شبير ولد ڪبڙ خروس، غلام فريد ولد غلام شبير خروس، گلشير ولد غلام شبير خروس، ڪمبير ولد ڪبڙ خروس، لکمير ولد ڪبڙ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

لڪي غلام شاھ: باھ سبب سڙي ويل گھرن جو ڏيک

ڪورواھ ۾ راڳي الھڏنو ۽ محبوب خاصخيلي جي ياد ۾ مٺڙاڪن لفظن جي ڀيٽا پيش

تقريب ۾ نواز خان زنئور، نواز شاھ پاڙاٺي، امير حسن پنھور، ميان مير چانڊيو ۽ ٻين جي شرڪت

ماستر چنڊن الھڏني خاصخيلي جھڙن فنڪارن ٻڌندڙن جي دلين تي ھميشه راڄ ڪيو: مقرر

ڪورواھ (رپورٽ: غلام علي مغل) سنڌ جي ٻن پائر راڳين الھڏنو ۽ محبوب خاصخيلي جي ياد ۾ ڪورواھ ۾ ھڪ پروگرام منعقد ڪيو ويو جنھن ۾ اديبن ، صحافين، شاعرن، فنڪارن ۽ شھرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي قومپرست اڳواڻ نواز خان زنئور نواز شاھ پاڙاٺي، امير حسن پنھور ، ڪالمنگار ميان مير چانڊيو ۽ ٻين پنھنجي خطاب ۾ الھڏني بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

سامان لڳ سي آءِ اي پوليس پاران 4 جوابدارن کي چوري سامان سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

جوابدارن بردفادر ٿاڻي جي حد مان عمر چيما ۽ ڪوٽ غلام محمد ٿاڻي جي حد مان پرڀو ميگھواڙ جي گھرن چوري ڪئي: پوليس

ڇاپن دوران جوابدار راشد، رجب بنگلاڻي، محمد رحيم بنگلاڻي ۽ سھولتڪار ذارشي ڪولھي کي گرفتار ڪيو آھي

جوابدارن وٽان چوري ڪيل روڪ رقم، سونا زيور، موبائيل فون، قيمتي سامان ۽ ھٿيارٻند پڻ ھٿ ڪيا آھن

سامارو (رپورٽ: ڪيمچند مالھي) سامارو ايس ايس پي عمرڪوٽ جي ھدايتن تي پوليس جي ڪارروايون گھرن مان ڌاڙا ھڻندڙ گروه جا ٽي جوابدار ۽ ھڪ سھولتڪار گرفتار جوابدارن جي قبضي گھرن مان ھنيل بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ھاري ڪارڊ لاءِ اپلائرن کي ڪنھن به قسم جي تڪليف، دير يا غير ضروري پريشاني نه ڏني وڃي: ڊي سي سکر

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شھزاد خان جي سربراھي ۾ تعلقه پنو عاقل ۾ ھاري ڪارڊ بابت ھڪ اھم اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ ڊائريڪٽر ايگريڪلچر ريجنل مينيجر سنڌ بئنڪ اسسٽنٽ ڪمشنر پنو عاقل ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن شرڪت ڪئي. ڊپٽي ڪمشنر سکر ھاري ڪارڊ بابت عوامي سھولتن ۽ سروس ڊليوري ۾ بھتري جي حوالي سان بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سڱيون ۾ ڳوٺ راوت مشوري واسين جو اسڪول ۾ بنيادي سھولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاھرو

سڱيون (ن ع) سڱيون پرسان ڳوٺ راوت خان مشوري ۾ واقع گورنمينٽ پرائمري بوائز پرائمري اسڪول بنيادي سھولتون نه ھئڻ ڪري معصوم شاگردن ۽ شاگرديائين کي سخت مشڪلاتن کي منھن ڏيڻو پئجي رھيو آھي ڪيترن ئي سالن کان نلڪو ناڪاره بڻيل آھي اسڪول کي بنيادي سھولتون فراھم ڪرڻ لاءِ ڳوٺاڻن طارق عرف لاھوتي مشوري جعفر مشوري بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي نوجوان جو اسپتال ۾ علاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ اوٻاوڙي واسي نوجوان جو والد جي اغوا خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ)اوٻاوڙو جي رھواسي نوجوان طرفان پنھنجي والد جي اغوا خلاف سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج اعليٰ اختيارين کان فوري بازيابي جو مطالبو، ان سلسلي ۾ اوٻاوڙو سان تعلق رکندڙ محمد ذيشان قمبراڻي پنھنجي والد شبير احمد قمبراڻي جي پُراسرار اغوا خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪندي ھن ميڊيا کي ٻڌايو ته سندس والد سوئي سدرن گيس بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

لاھور: ھڪ چنگچي ڦلي تي لاڏائو ڪٽنب سفر ڪري رھيو آھي

ڪنري منشيات الزام ۾ نوجوان کي گرفتار ڪرڻ دوران وارثن پوليس ۾ جھيڙو، احتجاج

جھيڙي دوران ڇڪتاڻ وڌي وڃڻ بعد ڪاروبار بند، پوليس موبائيل کي نقصان، وڪيل فتح چانڊيو جا ڪپڙا ڦاٽي پيا

ڪنري پوليس 35 کان مٿي ماڻھن خلاف ڊيوٽي اٽڪاءُ ۽ منشيات فروشي جا ٻه ڪيس داخل ڪري ڇڏيا

گھربل جوابدار منصور دادا چانڊيو ٻه گرفتاري ڏئي ڇڏي وڪيل قاضي فتح چانڊيو قانوني رستو اختيار ڪرڻ جو فيصلو

ڪنري(ن ع) ڪنري لڳ پڪو موڙ اسٽاپ تي زبير چانڊيو جي ڪيبن تان مبينه طور منشيات ھٿ اچڻ ۽ گھربل جوابدار منصور دادا چانڊيو جي گرفتاري تان جوابدارن جي وارث چانڊيا برادري ۽ پوليس وچ ۾ جھيڙو بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: ڪاٺين جي ھڪ ٽال تي مزدور ڪاٺيون چيري رھيا آھن

خيرپور بار پاران 27 آئيني ترميم ۽ وڪيلن تي تشدد خلاف عدالتي ڪارروايون جو بائيڪاٽ

خيرپور(ذ ر)خيرپور بار پاران عدالتي ڪارروايون جو بائيڪاٽ ٻڌڻين تي آيل سوين ماڻھو واپس حڪومت پاران 27 آئيني ترميم آڻڻ سکر ڪنوينشن ۾ وڪيلن تي تشدد خلاف ڊسٽرڪٽ بار ڪائونسل جي سڏ تي خيرپور جي وڪيلن پاران عدالتي ڪارروايون جو بائيڪاٽ ڪيو بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

سب ڊويزن ٺٽون ڪوٽ ٿيل آبادگار ايسوسيئيشن جي چونڊ، صدر محمد عظيم چانڊيو مقرر

ٺٽون ڪوٽ (ن ع)سب ڊويزن ٺٽون ڪوٽ جي ساحن جي عھديدارن جي چونڊ ٿيل آبادگار ايسوسيئيشن جي اڳواڻن محمد يوسف راجپوت، زاھد نون ۽ چوڌري انعام جي نگرانيءَ ۾ ٺٽون ڪوٽ ۾ منعقد ٿي چونڊ جي عمل ۾ سب ڊويزن ٺٽون ڪوٽ جي اڪوڪو شاخ شير شاخ بان شاخ دھيڪي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي جي صحافي مير محمد سھتو جي جنازي نماز سنڌس آبائي ڳوٺ دالي ۾ ادا ڪئي وئي

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي سينئر صحافي مير محمد سھتو جي جنازي نماز سنڌس آبائي ڳوٺ دالي ۾ ادا ڪئي وئي .جنازي نماز ۾ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ نوشھروفيروز رائو محمد اڪرم . ڊاڪٽر سيد نثارعلي شاھ . ٽائون چيئرمين پرياروڊ امتياز آرائين، پروفيسر اشرف علي بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

لاھور: مقامي پارڪ ۾ ٻارڙا شطرنج کيڏي رھيا آھن

حيدرآباد: ن ليگ جي ايم اين اي نزھت صادق ۽ نيلم ڪماري تقريب ۾ شريڪ آھن

ٺٽو پوليس مقابلي دوران ٻه بين الصوبائي جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار

جھرڪ ۽ گھوڙاٻاڙي علائقن ۾ فائرنگ، پستول ۽ موٽرسائيڪل ھٿ اچي

گرفتار جوابدار مختلف علائقن ۾ ڦرُ ڌاڙن ۽ موٽرسائيڪل چوري ۾ ملوث

چار جوابدار اڃا فرار، پوليس جا ڇاپا جاري، زخمي جوابدار اسپتال منتقل

ٺٽو (ذ ر) ٺٽو پوليس مقابلي کان پوءِ ٻن بين الصوبائي جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو ٻنھي جوابدارن خلاف مختلف ٿاڻن ۾ ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آھن چار جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب تفصيل موجب جھرڪ پوليس اسٽيشن جي حد ۾ پراڻي لنڪ روڊ، مري اسٽاپ جي ويجھو پوليس ۽ جوابدارن جي وچ ۾ فائرنگ جي نتيجي ۾ ھڪ جوابدار کي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد ۾ انجمن تاجران ۽ ھندو برادري پاران ڊي ايس پي جي تيار ڪيل رپورٽ رد

ڊي ايس پي عبدالقدوس ڪاوڙ جي رپورٽ رد ڪري ٻيھر قرآن شريف تي جاچ ڪرائي وڃي: اڳواڻ

غلط الزام ۽ ظلم سبب ھندو برادري جي لڏپلاڻ تيزي سان وڌي رھي آھي، نوٽيس ورتو وڃي

جيڪب آباد (ذ ر) انجمن تاجران جي صدر مير احمد علي بروھي، ھندو جنرل پنچائت جي صدر لالچند سيتلاڻي اليڪٽرڪ يونين جي سريچند پاروناڻي، جماعت اسلامي جي ديدار علي لاشاري، گل حسن ڪالاڻي سميت ٻين پريس ڪلب پھچي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آھي ته ڪجھ مھينا اڳ سٽي ٿاڻي جي حد ۾ ھندو برادري جي بيٺڪ تي پوليس طرفان ناجائز ڇاپي ۽ ھندو برادري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

سري: صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي عبداللطيف ميمڻ ڊاڪٽر اقبال ميمڻ محمد ميمڻ ۽ انور ميمڻ سڪي روپ چند رتناڻي جي گھر واري ۽ چيتن مل آرواڻي ۽ منگل داس آرواڻي جي ڀيڻ جي لاڏاڻي تي ڏک ونڊي رھيا آھن

سيوھڻ عبدالله شاھ انسٽيٽيوٽ ۾ باھ لڳڻ بعد ڊائلسز سينٽر ٻيھر بحال، علاج شروع

انسٽيٽيوٽ انتظاميا ۽ ڊائريڪٽر جي ڪوشش بعد ھفتي اندر مشينن جي مرمت ڪرائي وئي

ايمرجنسي شعبي بعد ڊائلاسز سينٽر پڻ فعال آھي، مريض علاج لاءِ اچي سگھن ٿا: ڊائريڪٽر

سيوھڻ(ن ع) صحت جي شعبي جي ناليواري اداري سيد عبدالله شاھ انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز سيوھڻ ۾ ھڪ ھفتو اڳ ڊائلاسز سينٽر ۽ ايمرجنسي وارڊ ۾ اوچتو باھ لڳڻ واري واقعي ۽ ڪروڙين روپين جي ٿيل نقصان بعد انسٽيٽيوٽ انتظاميا ۽ ڊائريڪٽر جي ڏينھن رات ڪوشش بعد مشينن جي مرمت ڪري ھڪ ھفتي اندر ڊائلاسز بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

خيرپور جي اسپتال تي عدالتي انڪوائري ڪميٽي جو ڇاپو، رڪارڊ ھٿ

ٽيم ڊاڪٽر بتول، ڊاڪٽر علي احمد ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ دوائن جي اسٽور تي ڇاپو ھنيو

اسٽور انچارج پراڻو رڪارڊ ڏيڻ ۾ ناڪام، صرف سال جو رڪارڊ ٽيم حوالي ڪيو

خيرپور(ذ ر) سنڌ ھاءِ ڪورٽ سکر بئنچ جي حڪمن تي جوڙيل انڪوائري ڪاميٽي جي ميمبرن ڊاڪٽر بتول، ڊاڪٽر علي احمد ۽ ٻين اسپتال جي دوائن واري اسٽور تي ڇاپو ھنيو ڇاپي دوران ڪاميٽي پاران گذريل سالن جي دوائن جي خريداري، سپلاءِ مريضن کي دوائون ڏيڻ سميت ٻيو لاڳاپيل رڪارڊ طلب ڪيو ويو اسٽور انچارج رحمت شيخ پراڻو رڪارڊ ڏيڻ ۾ ناڪام رھيو جڏھن ته بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ڪلوئي ۾ پيپلز پارٽي تعلقه ڪلوئي جي نئين تنظيم جي تعارفي گڏجاڻي

صدر ارباب اڪبر عادل جي صدارت ۾ تنظيم کي مضبوط رکڻ ۽ ٻسيلين سان ڪارڪردگي وڌائڻ جو فيصلو

پارٽي سڀني لاءِ گھر آھي، عھدو وڏو يا ننڍو ناھي ھوندو: محمد عمر لنڊ زور

ڪلوئي (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه ڪلوئي جي نئين چونڊيل تنظيم جي تعارفي گڏجاڻي تعلقي صدر ارباب اڪبر عادل جي صدارت ۾ عادل ھائوس ڪلوئي تي ٿي جنھن ۾ پيپلز پارٽي ضلع نائب صدر محمد عمر لنڊ خصوصي شرڪت ڪئي گڏجاڻي ۾ صدر ارباب اڪبر عادل انور لنڊ جنرل سيڪريٽري، آتم رام نائب صدن نارائڻ داس پيل نائب صدن اشوڪ ڪمار ڊپٽي جنرل سيڪريٽري، محمد بخش چانڊيو ڊپٽي انفارميشن بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

نوابشاھ: خيرپور سان ڳنڍيندڙ پل ۾ کڏا نظر اچي رھيا آھن

ٽنڊو محمد خان پوليس جون ڪارروايون، 13 جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊو محمد خان (ذ ر) ٽنڊو محمد خان پوليس پاران چرس جي وڪري ۾ ملوث چرس سيلائيز منير ملاح کان 2 ڪلو 26 گرام چرس ، احمد چوھاڻ کان ھڪ ڪلو 230 گرام چرس ، بلال بروھي کان 630 گرام چرس ، غلام رسول عرف گگلو بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پرياسٽي واسي جو معذور پٽ سان گڏجي پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

پرياسٽي (ن ع) پرياسٽي جي رھواسي عبدالغفار راجپوت پنھنجي معذور پٽ وقار راجپوت سان گڏ ميڊيا سينٽر ۾ پھچي ٻڌايو ته اسان ڪورٽ ۾ زمين جي مالڪي جو ڪيس داخل ڪيو ڪيو عدالت سگھوري پنھنجي حق ۾ فيصلو ڪيو آھي اھو ليٽر بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

ربيلا ۽ ارڙي جھڙين خطرناڪ بيمارين کان بچڻ لاءِ ٻارن کي حفاظتي ضروري آھي: ڊي سي نوابشاھ

نوابشاھ(س ر) ڊپٽي ڪمشنر شھيد بينظير آباد عبدالصمد نظاماڻي ماءُ ۽ ٻار جي صحت مرڪز ۾ ربيلا ۽ ارڙي کان بچاءُ لاءِ 12 ڏينھن جاري رھندڙ قومي ويڪسينيشن مھم جو افتتاح ڪيو. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر صحتِ عامه جي اھميت بابت ڳالھائيندي چيو ته ربيلا ۽ ارڙي جھڙين خطرناڪ بيمارين کان بچڻ لاءِ ٻارن کي حفاظتي ويڪسينيشن ڪرائڻ نھايت ضروري آھي ھن والدين کي اپيل ڪئي ته ھو پنھنجن ٻارن کي مقرر ڪيل مرڪزن تي بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

ڄام صاحب ۾ سخي ڄام ڏاتار جي عرس مبارڪ جو ڪمشنر نوابشاھ افتتاح ڪيو

عرس دوران گھوڙن جي ڊوڙ ڪوڏي ڪوڏي، ملھ ۽ ٻين راندين جا مقابلا منعقد ڪيا ويا

اولياءِ ڪرام جا آستانا ھميشه امن، اخوت، سھپ ۽ روحاني سڏاري جا مرڪز رھيا آھن: شھمير ڀٽو

نوابشاھ /ڄام صاحب (نمائندن وڪان) سنڌ جي مشھور بزرگ حضرت سيد اصغرعلي شاھ المعروف سخي ڄام ڏاتار جي 754ھين ساليانو عرس مبارڪ جي ٽن ڏينھن وارين سرڪاري تقريبن جو ڪمشنر شھيد بينظيرآباد ڊويزن شھمير خان ڀٽو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي درگاھ جي سجاده نشين فقير نويد حسين وسطڙو پي پي پي ضلعي صدر محمد سالم زرداري بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

نوابشاھ: ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر سخي ڄام ڏاتار جي عرس جو افتتاح ڪري رھيا آھن

مورو لڳ لنڊيڪي مائنر مان تازي ڄاول ٻار جو لاش ھٿ، پوليس تحويل ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي

مورو (ن ع) لنڊيڪي مائنر لڳ ڳوٺ پير بخش زرداري کان نئڙيءَ تازي ڄاول ٻار جو لاش ھٿ ڳوٺاڻن پاران پاڻي ۾ لڙھندڙ ننڍڙي جو لاش ٻاھر ڪيو ويو اھڙو اطلاع پوليس کي ڏنو ويو جنھن لاش پنھنجي تحويل وٺي جاچ شروع ڪري ڏني آھي بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڊي سي سکر تعلقي اسپتال روھڙي پھچي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءُ جي ٽيڪن واري قومي مھم جو افتتاح ڪيو

سکر(بيورو رپورٽ) ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شھزاد خان تعلقي اسپتال روھڙي پھچي ارڙي ۽ روبيلا کان بچاءُ جي حفاظتي ٽيڪن واري قومي مھم جو باقاعدي افتتاح ڪيو ان موقعي تي ڊي سي سکر اسپتال جي مختلف وارڊن جو دورو ڪيو ۽ بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

باقراڻي ٽائون آفيس ۾ سنڌ حڪومت طرفان نئين فائربرگيڊ گاڏي چيئرمين حوالي ڪئي وئي

باقراڻي (ن ع) باقراڻي ۾ ٽائون ڪميٽي آريجا جي انتظاميا طرفان ڏنل درخواست تي پيپلزپارٽي جي قيادت پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ ميڊم فريال تالپر جي ھدايتن تحت سنڌ حڪومت طرفان موڪليل نئين فائربرگيڊ گاڏي لاءِ باقراڻي ٽائون ڪميٽي حال ۾ تقريب ڪوٺائي وئي جنھن ۾ ضلع ڪائونسل لاڙڪاڻو جي چيئرمين اعجاز احمد لغاري، وائيس چيئرمين اسدالله ڀٽو ۽ پ پ تعلقه باقراڻي جي صدر سردار طارق انور سياڙ باقراڻي پھچي فائربرگيڊ ٽائون ڪميٽي آريجا جي انتظاميا چيئرمين سردار محسن بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

شھدادپور ۾ بائير پاڪستان طرفان ڪڻڪ جي بھتر پيداوار بابت زرعي سيمينار منعقد

مھانگائي ۽ موسمياتي تبديلين سبب فصلن تي خراب اثر پئجي رھيا آھن: محمد خان مري

موسمياتي تبديلي کي نظر ۾ رکندي آبادگارن کي خاص توجھه ڏيڻ جي ضرورت آھي

شھدادپور (ن ع) شھدادپور ۾ بائير پاڪستان جي طرفان مقامي ھال ۾ ڪڻڪ جي بھتر پيداوار بابت زرعي سيمينار منعقد ڪيو ويو جنھن ۾ آبادگارن ۽ زرعي ماھرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار ۾ آبادگارن کي ڪڻڪ جي فصل تي جيتن جي حملي سبب مختلف بيمارين ۽ ان جي بچاءُ جي ڄاڻ ڏني وئي ان موقعي تي بائير پاڪستان جي ڊويزنل مينيجر محمد خان مري زرعي ماھر محمد خان وساڻ .آبادگار زرعي ماھر نياز حسين بوداڻي آبادگار .يار بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

26، 27 ۽ اچڻ واري 28 آئيني ترميم اسان جي ملڪ جي آئين جو جنازو ڪڍي ڇڏيو آھي: عامر نواز وڙائچ

جيڪڏھن حڪومتي مرضي سان جج مقرر ٿيا ميرٽ جي بنياد تي نه آيا ته پوءِ ملڪ مان انصاف ختم ٿي ويندو

فيڊرل ڪنسٽيٽيوشنل ڪورٽ جي جج کي وزيراعظم مقرر ڪندو جيڪو عوام نه پر حڪومت جو ھوندو جيڪو سڀ کان وڏو نقصان آھي

شھيد بينظير ڀٽو جي اھا سوچ نه ھئي، شھيد ذوالفقار علي ڀٽو جيڪو آئين ٺاھيو ھي سڀ ان جي ڀرپائي نٿا ڪري سگھن

جيڪب آباد (ذ ر) سنڌ ھاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن جي صدارتي اميدوار محمد حسيب جمالي ۽ سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر ۽ ڪراچي بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ چيو آھي ته 26ھين بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: وڪيل اڳواڻ عامر نواز وڙائچ ۽ محمد حسيب جمالي ميڊيا سان ڳالھائي رھيا آھن

ٽنڊو غلام حيدر جي رھواسين جو بااثر زميندار خلاف احتجاج

بااثر وڏيري علي نواز باگراڻي اسان تي ظلم زيادتين جي انتھا ڪري ڇڏي آھي

ڳوٺ جا رستا اسان لاءِ بند ڪري ڇڏيا آھن، فصل کي نقصان ڏنو آھي، نوٽيس ورتو وڃي:مظاھرين

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) ٽنڊو غلام حيدر جي موريا جي رھواسي ڳوٺاڻن جو بااثر حڪومتي زميندار جي مبينا زرعي زمين تي ڪيل قبضي خلاف احتجاج ، مظاھرو ، خبر موجب ٽنڊو محمد خان ۾ ٽنڊو غلام حيدر جي يونين ڪائونسل موريا جي رھواسي ڳوٺاڻن حڪومتي ڌر جي بااثر زميندار علي نواز باگراڻي ۽ ٻين طرفان مبينا طور زرعي زمين تي قبضي لاءِ سارين جي فصل جي بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: پ پ اڳواڻ راول شرجيل ميمڻ زخمي جي عيادت ڪري رھيو آھي

خيرپور لڳ ھٿيارٻندن پاران نوجوان کي اغوا ڪوشش دوران مزاحمت تي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال منتقل

خيرپور(ذ ر) خيرپور لڳ زمان شاھ ڪاٺو وٽ ھٿيارٻندن نوجوان عبدالغفار جاگيراڻي کي مبينا اغوا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي ڪيس ڪلاشنڪوف جا بٽ ھڻي سخت زخمي ڪرڻ بعد موٽرسائيڪل موبائيل فون ۽ 50 ھزار رپيا روڪ ڦر ڪري فرار ٿي ويا جڏھن ته زخمي نوجوان کي سول اسپتال خيرپور منتقل بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ضلعي انتظاميا حيدرآباد جو آتشبازي، ٽريفڪ، ايل پي جي وڪري ۽ ٻين مسئلن خلاف اجلاس

ڊي سي زين العابدين ميمڻ جي صدارت ۾ ٿيل اجلاس ۾ ايس ايس پي ۽ ٻين لاڳاپيل عملدارن جي شرڪت ڪئي

آتشبازي، غير قانوني ايل پي جي دڪانن ۽ غير قانوني پيٽرول پمپن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: ڊي سي

غير قانوني ھوٽلن، ريڙھن، ڪيفي ، روڊن تي غير قانوني پارڪنگ ۽ رستن تي قائم حددخلين کي فوري طور تي ھٽايو وڃي

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ضلعي انتظاميا حيدرآباد جو اھم اجلاس ، آتشبازي ، حددخيلن ، ٽريفڪ مسئلن ۽ ايل پي جي وڪري تي سخت حڪم جاري ڊپٽي ڪمشنر حيدرآباد زين العابدين ميمڻ بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

ڦاران شوگر مل انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز

برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇيني ونڊاسين: ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري

رياض جاويد سلھري ۽ مختيار لغاري ڦاران شوگر مل کي مزدورن لاءِ جيل بڻائي ڇڏيو آھي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڦاران شوگر مل انتظاميه جي مزدور دشمن پاليسين خلاف تحريڪ تيز ٿي وئي آھي، پيپرھائي واري ڏينھن ڌرڻي جي تيارين جي سلسلي ۾ وڪيل برادري جون گڏجاڻيون جاري آھن. ان سلسلي ۾ جي يو آئي سنڌ جي اڳواڻ ۽ ناميارى قانوندان ايڊووڪيٽ جي ايم لغاري چيو آھي ته برطرف مزدورن جي بحالي سميت ٻيا حق ڇيني ونڊاسين، ڊپٽي جنرل مينيجر مختيار لغاري ۽ ريزيڊينٽ ڊائريڪٽر رياض جاويد سلھري ڦاران شوگر مل کي مزدورن لاءِ جيل بڻائي ڇڏيو آھي، جيل ۾ به قيدين کي بنيادي حق مليل ھوندا آھن پر بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: بجلي جو ٿنڀو لڳائڻ لاءِ کڏو کوٽي رھيا آھن

حيدرآباد ۾ 26 ۽ 27 ھين آئيني ترميم خلاف وڪيلن پاران عدالتي ڪارروايون جو بائيڪاٽ، ڌرڻو

بار ڪائونسل ۽ لائيرز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي وڪيلن ھاءِ ڪورٽ کان وڪلا چوڪ تائين مارچ ڪري ڌرڻو ھنيو

سنڌ کي ورھائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سنڌ جا وڪيل رستن تي نڪري سخت مزاحمت ڪندا: مظاھرين

ھاڻي مذمت جو نه پر مزاحمت جو وقت آھي آئين کي بچائڻ لاءِ ھر سطح تي ويندا سين

حيدرآباد(رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) حيدرآباد ۾ 26 ۽ 27 ھين آئيني ترميم خلاف سنڌ بار ڪائونسل ۽ لائيرز ايڪشن ڪميٽي جي سڏ تي وڪيلن پاران عدالتي ڪارروايون جو بائيڪاٽ ڪيو حيدرآباد ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ، سول ڪورٽ، اينٽي ڪرپشن ڪورٽ، بئنڪنگ ڪورٽ، ليبر ڪورٽ دھشتگردي ڪورٽ سميت سموري عدالتن ۾ ڪارروائين جي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: وڪيل مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج ڪري رھيا آھن

ٽنڊوآدم پوليس پاران 5 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم سٽي پوليس ايس ايڇ او شھاب اڪبر ڪولاچي جي اڳواڻي ۾ ڪارروايون ڪندي ھڪ جوابدار غلام علي مڪراڻي کي گرفتار ڪري سنڌس قبضي مان ڏيڍ ڪلو چرس برآمد ڪيو جڏھن ته ٻي ڪارروائي ۾ 4 منشيات فروشن محمد بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

پارٽي چيئرمين جي ھدايتن تي ننڍن آبادگارن کي سبسڊي جي شروعات ٿي آھي: نواب وسان

صوبي جي 01 کان 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙن کي سبسڊي سبب گھڻو فائدو ٿيندو

خيرپور(ذ ر)چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي محترم بلاول ڀٽو زرداري جن جي آبادگار مزدور ۽ ھاري دوست پاليسين تحت سنڌ حڪومت صوبي جي 01 کان 25 ايڪڙ ايراضي رکندڙن ننڍن آبادگارن کي ٻج ۽ ڀاڻ جي صورت ۾ اربين روپين جي سبسڊي ڏيڻ جي باقاعدگي سان شروعات ٿي چڪي آھي، ھن عوام دوست قدم سان سنڌ جي آبادگارن ۽ ھارين کي تمام گھڻو بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۽ پرياسي ۾ ڊينگي ۽ مليريا پکڙجي وئي، ڏيڍ سو مريض اسپتال داخل، انتظاميا خاموش

بلاول ميڊيڪل اسپتال ۾ ڏيڍ سو کان وڌيڪ ماڻھو علاج ھيٺ، خانگي اسپتالون پڻ مريضن سان ڀريل

بيماري ۾ تيزي سان واڌ باوجود ضلعي انتظاميا ۽ صحت کاتو تماشائي بڻيل، مڇر مار اسپري نه ٿي سگھيو

اسپتالن ۾ دوائن جي پڻ کوٽ ھئڻ سبب عوام پريشاني ۾ مبتلا، اختيارين کان فوري نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ۽ پرياسي جي علائقن ۾ ڊينگي ۽ مليريا جا مرض عام ٿي ويا آھن ۽ ان سلسلي ۾ ورتل ڄاڻ موجب رڳو ڪوٽڙي بلاول ميڊيڪل اسپتال ۾ ڏيڍ سو جي لڳ ڀڳ بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

سرگوڌا: مقامي ڪاليج جون شاگردياڻيون بيڊمينٽن کيڏي رھيون آھن

ڪوٽڙي ۾ ناميار آرٽسٽ، اديب ۽ شاعر غلام رسول "غرق" سان سرھي سانجھه

غرق ھڪ ئي وقت اديب آرٽسٽ فنڪار ۽ صداڪار آھي ھن ادب ۽ فن جي بي لوث خدمت ڪئي: اڳواڻ

سرور سخيراڻي، فيضان سخيراڻي، سلطانا سورٺ ۽ ٻين ڳيت پيش ڪري محفل کي جھومائي ڇڏيو

ڪوٽڙي (ن ع) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪوٽڙي پاران نالي واري اديب، آرٽسٽ ۽ شاعر غلام رسول غرق سان پريس ڪلب ڪوٽڙي ۾ سرھي سانجھه ملھائي وئي جنھن کي خطاب ڪندي نالي واري اديب فھيم نوناري، رفيق عيساڻي، عبدالله ڪوھستاني، پيرل ڪوسو ۽ ٻين چيو ته غلام رسول غرق گڻ رکي شخصيت آھي ھو اديب آرٽسٽ فنڪار ۽ صداڪار آھي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي: سنڌي ادبي سنگت پاران غلام رسول غرق سان رھاڻ رچائي پئي وڃي

سکر ۾ معصوم علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ وارثن جو 774 ھين ڏينھن به احتجاج جاري

سکر(بيورو رپورٽ) اغوا ٿيل معصوم علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ سکر پريس ڪلب جي سامھون مسلسل 774 ڏينھن کان احتجاج جاري آھي ھو اڄ ڏائين بازياب نه ٿيو آھي ۽ جڏھن ته علي اصغر جي اغوا ڪندڙن ۽ پيپرن لاءِ نامزد ٿيل ڊي ايس پي خالد منگريو منظور منگريو بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

سکر ۾ پنوعاقل واسي جو فراڊ ڪندڙ جوابدار جي گرفتار لاءِ احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ)پنو عاقل جي ڳوٺ ماڪٽ جتوئي جي رھواسي عبدالوحيد جتوئي سکر پريس ڪلب اڳيان 16 لک 50 ھزار رپين جي مبينه فراڊ ۾ ملوث شخص خلاف ڪارروائي نه ٿيڻ تي سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو. متاثر شخص ميڊيا کي ٻڌايو ته جوابدار غلام رسول ولد بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

باڊھ جي پ پ اڳواڻ روشن ٻڙدي جي ڀاڄائي لاڙڪاڻو اسپتال ۾ وفات ڪري وئي

باڊھ (ن ع) پ پ اڳواڻ روشن ٻڙدي جي ڀاڄائي ۽ تعليم کاتي جي رٽائرڊ ڪلارڪ عنايت الله ٻڙدي جي وڏي ڀيڻ وفات ڪري وئي مرحومه ڪجھه ڏينھن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پئي ھئي جنھن کي لاڙڪاڻي جي ٽراما سينٽر ۾ داخل ڪرايو بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

سکر مان گم ٿيل معصوم نينگري کي پوليس ھٿ ڪري وارثن حوالي ڪيو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي نيو پنڊ ٿاڻي جي حد وسري علائقي سان تعلق رکندڙ نينگري عناير عباسي منجھند گھر مان نڪري اوچتو گم ٿي وئي جنھن تي سندس ڪٽنب فوري طور تي پوليس کي اطلاع ڏنو۔ نيو پنڊ ٿاڻي جي پوليس ٽيم بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

باڊھ ۾ شيخ برادري جو نيڪ مرد مشھور ڊسپينسر مولا بخش شيخ وفات ڪري ويو

باڊھ (ن ع) ٿئين باڊھ شيخ محلي جي رھواسي ۽ شيخ برادري جو نيڪ مرد مشھور ڊسپينسر مولا بخش شيخ ڪجھه عرصو بيمار رھڻ بعد 73 ورھين جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم جي جنازي نماز درگاھ شريف واري قديمي عيدگاھ ۾ ادا ڪئي وئي، جنھن ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان سلھاڙيل شخصيتن ۽ شيخ برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. مرحوم کي سوين آلين اکين سان مقامي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏھن ته پوئٽين سان تعزيتن جو سلسلو جاري آھي.

ڪوٽڙي ۾ لغڙ جي ڏور سان موٽرسائيڪل سوار نوجوان جو ڳلو ڪپجي ويو، اسپتال داخل

ڪوٽڙي (ن ع)ڪوٽڙي جي علائقي غريب آباد ريلوي لائين لڳ موٽر سائيڪل سوار نوجوان عامر ذوالفقار اعوان لغڙ جي ڏور سان ڳلو ڪپجي ويو. کيس زخمي حالت ۾ فوري طور علاج لاءِ بلاول ميڊيڪل اسپتال پھچائي طبي امداد فراھم ڪئي وئي

ڪراچي: ھڪ ناري موٽرسائيڪل تي پنھنجي منزل ڏانھن وڃي رھي آھي

ڪنڊيارو پرسان چور ڳوٺاڻي جي موٽرسائيڪل کاھي ويا، متاثر پاران واپسي لاءِ احتجاج

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ جاويد آرائين مان نامعلوم چور آصف ولد محمد يونس آرائين جي گھر ٻاھران بيٺل سي ڊي موٽر سائيڪل چوري ڪري ويا متاثر ڳوٺاڻي آصف آرائين ايس ايس پي نوشھروفيروز کان مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

فيصل آباد: ڪلاڪ ٽاور چوڪ تي نوجوان گرم ڪپڙا وڪرو ڪري رھيا آھن

ھي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.